
خوابن
جو
سفر
[سنڌ جو سفرنامو]
سلطانہ وقاصي

# خوابن جو سفر

(سنڌ جو سفرنامو)

## سلطانہ وقاصي

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي
2020ع

ڊجيٽل ايڊيشن
2023 ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

Book No: 70

حق ۽ واسطا ليکڪ وٽ محفوظ آهن

خوابن جو سفر
(سفرنامو)
سلطانه وقاصي
ڪمپوزنگ: سعيد مرتضيٰ
لي آئوٽ: زين ڪمپيوٽرس ڪراچي
اشاعت جو سال: 2020ع

Khuwabn Jo Safar
Travlog
Sultana Wakasi
Composed By: Saeed Murtaza
Lyout: Zen Computer,s Karachi
Year: 2020
Publishid by:
Murk publication Karachi

ڊجيٽل ايڊيشن: سنڌ سلامت ڪتاب گهر
www.sindhsalamat.com

ڇپيندڙ:

*Office: Room No 305 3rd Flor Sabir manzil 98*
*Near Gul Plaza M. A Jinnah Road Karachi*
murk.publication@gmail.com
**murtaza.laghari9@gmail.com**
*03005182494*

مُلهه : 200

## ڪتاب ملڻ جا هنڌ:

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي، ڪاٺياواڙ بوڪ شاپ اردو بازار ڪراچي
ڪنول سمبارا ڪتاب گهر حيدرآباد، پڪائي ڪتاب گهر حيدرآباد
عزيز ڪتاب گهر سکر، سنڌيڪا ڪتاب گهر سکر
پيڪاڪ ڪتاب گهر لاڙڪاڻو، رابيل گهر لاڙڪاڻو
مدني بوڪ اسٽوردادو، سوچ ڪتاب گهر دادو،
تهذيب بڪ اسٽور خيرپورميرس، ٽر ڪتاب گهر مٺي
پريتم قاضي نواب شاهه، عاجز منگي سانگهڙ

## سنڌسلامت پاران :

**سنڌ سلامت ڪتاب گھر پاران سنڌي ادب جي مانائتي ليکڪا سلطانہ وقاصيءَ جو سنڌ جو لکيل سفرنامو ”خوابن جو سفر“ اوهان اڳيان آڻي رهيا آهيون.**

**سلطانہ وقاصيءَ جو سنڌ جي سفر نامي تي آڌاريل ڪتاب ”خوابن جو سفر“ منفرد حيثيت رکي ٿو. سڳا سال 1989ع ۾ سچل ڪانگريس جي پروگرام جي سلسلي ۾ سنڌ جو سير ڪرايو هو. اُهو سڄو قصو هن پنهنجي انداز ۾ لکيو ۽ اُن وقت اخبار ۾ قسطوار ڇپرائي بہ ڇڏيو هو. هيءُ سفر نامو سچل بين الاقوامي ڪانگريس جي وفدن جو سفر آهي جيڪو 3 نومبر 1989 کان 2 ڊسمبر 1989ع تائين ڪيو ويو. هن مختصر سفر ۾ ملڪ جي مختلف يونيورسٽين جا دانشور- سنڌ ۽ هند جا دانشور، اديب، شاعر، فنڪار۽ سياسي سماجي ڪارڪن گڏ هئا.**

**هي ڪتاب مُرڪ پبليڪيشن، ڪراچيءَ پاران 2020ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون سلطانہ وقاصي ۽ مرتضيٰ لغاريءَ جا جن هي ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪرڻ جي اجازت ڏني.**

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي)، ڪراچي
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## پبلشر نوٽ:

سلطانہ وقاصي 1970ع کان لکڻ شروع ڪيو. هن ڇئن ڏهاڪن کان وڌيڪ عرصو ادب کي ڏنو آهي. سندس ڇهہ ڪتاب ڇپجي چڪا آهن. 1984ع ۾ ”دونهاتيل درشن“ جي عنوان سان پهريو شعري مجموعو ڇپيو.

1990ع ۾ روزاني عوامي آواز اخبار ۾”ڳالهيون پيٽ ورن“ جي عنوان هيٺ ڪالم لکڻ شروع ڪيائين. ان عنوان سان سندس بہ ڪالمن جا ڪتاب بہ ڇپجي چڪا آهن. جنهن بعد شاعريءَ جو ڪتاب ”سوال“ ڪهاڻين جو ڪتاب ”جانور“ ۽ مختلف اديبن تي لکيل خاڪن جو ڪتاب ”پنهوارن پاپوهيو“ پڻ ڇپيا آهن.

سنڌي ادب ۾ عورتن جي حوالي سان اهڙا جاکوڙي ڪردار آڱرين تي ڳڻڻ جيترا ملن ٿا. جن ۾ سندس نالو اهم ڳڻيو وڃي ٿو. هوءَ پنهنجي هم عمر عورتن لاءِ اتساهہ جو سبب رهي آهي، ڪيترين ئي سينيئر توڙي جونيئر ليکڪائون سندس نقش قدم تي هلندي ادبي زندگيءَ ۾ اڳتي وڌيون.

سلطانہ وقاصي نہ رڳو ادب سان چاهہ رکي ٿي بلڪ هوءَ سنڌي ادب جي استاد بہ رهي آهي، هن مختلف گرلس ڪاليجن ۾ پروفيسر طور خدمتون سرانجام ڏيندي رٽائرڊ ڪيو. پر ادبي ۽ سماجي سرگرميون جيئن جو تيئن جاري رکيائين. اڄ بہ ڪراچي جي هر ننڍي وڏي ادبي، ثقافتي ۽ سماجي ميڙاڪي ۾ مردن کان پهريان پهچي وڃي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو سندس قلم ڪٽي بہ ٽڪ نہ پيو آهي. هوءَ ادب جي مختلف صنفن ۾ لکي ٿي، ڪيس نثر يا نظم ۾ ڪنهن بہ هڪ پاسي نہ ٿو ٻيهاري سگهجي.

سلطانہ وقاصي نثر توڙي نظم ۾ تمام سُٺو ۽ وقتائتو ڪم ڪري ٿي، هوءَ نہ رڳو سُٺي شاعر آهي، پر ڪهاڻيون، ڪالم، مضمون، مقالا بہ ججها لکي چڪي آهي. سندس لکڻيون ڇئن ڏهاڪن کان مختلف اخبارن توڙي رسالن ۾ ڇپجنديون رهيون آهن، موجوده دؤر جي وڏي ۾ وڏي انفارميشن ٽيڪنالوجي

سوشل ميڊيا تي سندس لکڻيون پڙهيون وڃن ٿيون ۽ اديبن جي تجزين هيٺ رهيون آهن.

سلطانه وقاصي جو هي ستون سنڌ جي سفر نامي تي آڌاريل ڪتاب ”خوابن جو سفر“ منفرد حيثيت رکي ٿو. سگا سال 1989ع ۾ سڄل ڪانگريس جي پروگرام جي سلسلي ۾ سنڌ جو سير ڪرايو هو. اُهو سڄو قصو هن پنهنجي انداز ۾ لکيو ۽ اُن وقت اخبار ۾ قسط وار ڇپرائي به ڇڏيو هو.

سندس چواڻي ته: ’هي سفرنامو ڪتابي صورت ۾ اچڻ کان ڪيئن رهجي ويو آهي اِها خبر نه آهي‘ ڇو ته ڪيس اُن وقت ڪنهن ماڻهو ايئن لي آئوٽ ٿيل پرنٽ ڪاپي موڪلي هئي. جنهن ۾ 1991ع جو لکيل نامياري ليکڪ ڊاڪٽر سليمان شيخ جو مهاڳ به موجود آهي. يقينن اهو سهيڙيل ڪتاب ڪنهن به اداري پاران ڇپائي لاءِ تيار هو پر ڇپجندي ڇپجندي رهجي ويو. هن اهو سفرنامو پيهر پڙهي نئين انداز سان ڇپائڻ جو فيصلو ڪيو.

سلطانه وقاصي جي سليس سنڌي ٻولي، لهجو سڌو سادو، جيئن ڳالهائڻ جو انداز ڪرو ۽ انوکو تيئن لکڻ جو انداز به عام ليکڪن کان منفرد آهي. هن پنهنجي هن سنڌ جي سفرنامي ۾ يادون اهڙي نموني بيان ڪيون آهن، ڄڻ پڙهندڙ اُن سفر ۾ ساڻس گڏ هلندو هجي.

سلطانه وقاصي جو هي سفرنامو توڙي جو لڳ ڀڳ ٽيهه سال پراڻو آهي پر سندس تحرير ۾ اڄ به نواڻ ساڳي آهي. هن سڄي سنگت سان گهاريل گهڙين جو بيان تمام خوبصورت انداز ۾ ڪيو آهي. هن جي هي لکڻي رڳو لکڻي نه آهي پر پڙهندڙ سندس ليک مان ڪيترائي تصويري عڪس ڪڍي سگهي ٿو. هونئن به سفرنامي ۾ اهڙين خوبين جو هجڻ ضروري آهي.

سلطانه وقاصي ادب سان ڪميٽيڊ رهي آهي، سندس لکڻيءَ ۾ پنهنجو رنگ آهي. هوءَ جنهن سچائيءَ سان لکي رهي آهي، اُن ۾ قوم ۽ قومي ٻوليءَ جي بقا جي ثابتي آهي. هوءَ اڄ به اُنهي ساڳي جذبي سان اڳتي وڌي رهي آهي. هوءَ سکڻي واهه واهه نه پر عملي ڪم جي قائل آهي.

مرڪ پبليڪيشن ڪراچي پاران سنڌ جي سفرنامي تي آڌاريل هي ڪتاب ”خوابن جو سفر“ ڇپائي پراڻيون يادگيريون تازي رنگ ڍنگ سان پڙهندڙ اڳيان پيش ڪيون ٿا. ان اميد سان تہ پڙهندڙن کي ضرور لاڀ حاصل ٿيندو.

**مرتضيٰ لغاري**

03005182494

# مهاڳ:

سفرنامو ادب جي اهڙي صنف آهي، جنهن ۾ ادبي چاشنيءَ سان گڏ هڪ دؤر جي تاريخ سماجي مطالعہ جاگرافيءَ جو احوال ۽ واقعاتي رپورٽ اچي وڃن ٿا.

قديم زماني جي گهڻي تاريخ سفرنامن جي صورت ۾ اچ بہ مستند سمجهي وڃي ٿي. سفر ڪندڙ اديب هڪ اهڙي ماحول ۽ معاشري متعلق لکندو آهي، جنهن سان هن جو واسطو صرف هڪ سَير ڪندڙ وارو هوندو آهي، هو ان معاشري سان لاڳاپيل نہ هوندو آهي ان ڪري سندس راءِ ڪنهن بہ تعصب/جذبي ڪان پاڪ هوندي آهي. پڙهندڙن لاءِ معاشرو تاريخي ۽ معاشراتي علوم جي سنجيدن ڪتاب جي مقابلي ۾ وڌيڪ مزيدار ۽ دل لڀائيندڙ هوندو آهي شايد ان ڪري ئي ويجهي دور ۾ سنڌي ادب ۾ سفرنامن گهڻي ترقي ڪئي آهي.

اٽڪل 25 سال کن اڳ الطاف شيخ جڏهن سامونڊي سفر تي روانو ٿيو تہ هن مختلف جاين تان مونکي خط لکيا . انهن خطن ۾ ڏاڍو دلچسپ مواد هو. الطاف جي صلاح سان اهي خط ڪتابي صورت ۾ ”منهنجو ساگر منهنجو ساحل“ جي سري هيٺ ڇپيا.

ان وقت سنڌي ڪتاب پڙهندڙ ماڻهو گهٽ هئا. اسان جا نوجوان بہ اردو جي جاسوسي ناولن ۽ رومانوي ڪتابن جا شوقين هئا. اِها حيرت انگيز ڳالهہ آهي تہ سنڌي سفرنامن ان لاڙي کي بدلايو اڄ سفرنامو سنڌي ادب جي سڀ کان وڌيڪ پسنديدہ صنف آهي.

اڪرم سلطانہ وقاصيءَ جو هي سفرنامو ”خوابن جو سفر“ مختلف قسم جو سفرنامو آهي. هيءُ سفر هڪ حساس اديبہ پنهنجي ملڪ ۾ ڪيو آهي، جتي جي مٽيءَ جي مهڪ هن جي ساهن ۾ سنواريل آهي. هو هن ماحول جي پيداوار آهي ۽ هوءَ پاڻ کان ان کي الڳ نٿي سمجهي، ان ڪري هن جي هر سٽ مان سنڌ جي سڪ ۽ محبت جو هڳاءُ اچي ٿو.

هيءُ سفر نامو سچل بين الاقوامي ڪانگريس جي وفدن جو سفر آهي جيڪو 3 نومبر 1989 کان 2 ڊسمبر 1989ع تائين ڪيو ويو. هن مختصر سفر

۾ ملڪ جي مختلف يونيورستين جا دانشور۔ سنڌ ۽ هند جا دانشور، اديب، شاعر، فنڪار۽ سياسي سماجي ڪارڪن گڏ هئا.

هن ڪان اڳ سيپٽمبر 1978ع ۾ لطيفي قافلو پاڪستان جي دؤري تي ويو هو. پر ان کي ڪو ابن بطوطہ نہ ملي سگهيو، جو ان سفر کي تاريخ لاءِ قلمبند ڪري سگهي.

اها بہ خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هند جي اديب وينا شرنگيءَ پڻ سچل ڪانگريس جي حوالي سان پنهنجو سفر نامو لکيو آهي، جيڪو پڻ ڇپائيءَ جي مرحلن ۾ آهي.

اسان جي پياري سنڌ جا ڪيئي روپ آهن. هن ڌرتي ۾ سوين اسرار آهن. پر اسان ان کي پرکيو ڪونهي.اسان اجان سنڌ بہ گهمي نہ ڏٺي آهي تہ زماني کي ڪيئن سڃاڻنداسون؟ سنڌ جي ماڳ مقانن متعلق تفصيلي سفرنامن جي ضرورت آهي. سلطانہ وقاصيءَ هڪ ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي. سندس هيءَ دلچسپ ڪتاب اٽڪل ٻن ڪلاڪن ۾ پڙهجيو وڃي.

مون کي يقين آهي تہ پڙهندڙ هن ڪتاب پڙهڻ سان پنهنجي پياري سنڌ سان وڌيڪ پيار ڪرڻ لڳندا.آئون پنهنجي لاءِ وڏو اعزاز ٿو سمجهان جو مون کي هن ڪتاب جي مهاڳ لکڻ لاءِ حڪم ڪيو ويو آهي. هڪ سماجي ڪارڪن لاءِ هڪ ادبي شاهڪار متعلق راءِ ڏيڻ ڏکيو ڪم آهي. منهنجي راءِ ۾ هڪ تاثراتي سفر نامو آهي، جيڪو هرهڪ پڙهندڙ کي چوڻ تي مجبور ڪندو تہ:

”سنڌ سان اهڙي جند جڙي جو، پيا دل وارا وسري ويا“

**ڊاڪٽر سليمان شيخ**

**ڪراچي.**

**7 جون 1991ع**

ليکڪ پاران:

# روح رچنديون

انسان فاني، دُنيا در گزر، وقت جي ڦير گهير ۾ ويڙهاند، اُن چوسول ۾ چرندڙ پُرندڙ انسان هن زندگي ۾ گذاريل وقت جي پيمائش ۾ ماپا نہ ٿو ڪري سگهي، ها پر اُن گذاريل وقت جون پيمائشون ورهين کان پوءِ اوهان جي سامهون اچي وڃن ٿيون ۽ اوهان کي حيران ڪري ڇڏين ٿيون!!!

اڄ ورهين کان پوءِ هڪ منهنجي لکڻي زوريءَ مون کي پاڻ ڏي ڇڪي ورتو آهي، سالن کان وٺي هڪ لفافي ۾ پيل هي لکڻي مان ڏسندي هئس. هاڻ جو مان پنهنجيون لکڻيون گڏ ڪيان پئي تہ وري اُهو لفافو ڏٺم، دل چاهيو تہ اُن کي پڙهان اُن لکڻيءَ کي پڙهڻ سان ئي مان اُن دور ۾ پهچي ويس ۾ اُهي وساريل ورق منهنجي سامهون اچي ايئن بيهي رهيا جڻ تہ اُها ڪالهہ جي ڳالهہ هئي.

سچ پڇو ڪالهہ جي ئي ڳالهہ تہ آهي، جڏهن سگا جي طرفان سال 1989ع ۾ سچل ڪانگريس جي پروگرام جي سلسلي ۾ سنڌ جو سير ڪرايو هو. اُها ياترا مون هلال پاڪستان جي صفحي ۾ لکي ڪري هفتيوار ڇپائي هئي. اُهو عورتن جو صفحو سورمي هو. جنهن جي مان انچارج هئس. اُهو اکين ڏٺو احوال جنهن جو عنوان هو ”خوابن جو سفر“. الائي هو ڪير هئا جن هن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائڻ چاهيو، اُنهن ڊاڪٽر سُليمان شيخ کان اُن جو مهاڳ بہ لکرايو. هي سڄو سفرنامو اُنهن ڪمپوز بہ ڪرايو. خبر ناهي ڇو هِن خوابن جي سفر کي هو ڪتابي صورت ۾ ڇپائي نہ سگهيا. پر هڪ سُٺو ڪم اُنهن اهو ڪيو جو مسودو مون ڏانهن ڏياري موڪليائون. اڄ هيڏن سالن کان پوءِ اُن مسودي کي پڙهيم تہ مان حيران ٿي ويس.

ڪيترو نہ معصوم وقت ۽ اسان جا احساس هئا. اُن گذاريل وقت کي جهڙي طرح مون لکيو آهي تہ منهنجي ذهن ۾ بہ هڪ فلم هلڻ شروع ٿي ويئي. مان پيرين پنڌ اُن دور ۾ پهچي ويس، سهڻو دور، سچا ۽ ڪميٽيڊ ماڻهو، دنياوي

ڏيکاءُ کان پري صرف ڪم ڪرڻ وارا ماڻهو، پنهنجائپ تمام گهٽي، ڪم ڪرڻ وارن جو قدر، واهه واهه جي ضرورت بہ ڪنهن کي ڪو نہ هئي، سڀ ڪو چڙ تہ پنهنجو فرض پيو پورو ڪري.

خواب ڏسڻ گهرجن، هر خواب جي تعبير سُٺي ڪجي، خواب اکيون پورڻ کان پوءِ ڏسبا آهن، پر هي خوابن جو سفر جيڪو مون لکيو آهي اُهو اکيون پوري نہ پر اکيون کولي هوش حواس سان لکي، پيار جي تسبيءَ ۾ پيار سان پويو اٿم. هن خواب جي سفر ۾ مون جيڪو ڪجهہ ڏٺو، پڙو جيئن جو تيئن لکي ڇڏيم.

سالن جي وقفي کان پوءِ هِن خواب جي سفر کي ڇپايان پئي. ڇپائڻ اُن ڪري بہ ضروري سمجهيم تہ هيءَ اُن دور جي هڪ حقيقت آهي، اُن دور جون سچايون آهن. مون کي يقين آهي جڏهن توهان هي خوابن جو سفر پڙهندا تہ توهان کي ايئن لڳندو تہ توهان بہ اسان سان گڏ هئا ۽ خوابن جو هي سفر توهان کي پنهنجو خواب لڳندو. توهان جي دل بہ چاهيندي تہ اهڙا پيار ڀريا سفر توهان بہ ڪيو.

هن خوابن جي سفر ۾ ڪيترين نہ وسارڻ جهڙين ڳالهيون آهن، جن کي ياد ڪري مون کي خوشي پئي ملي پر هن ڳالهہ تہ مون کي ڪلائي وڌو ۽ مان اکيون بند ڪري اُن وقت ۾ وڃي پهتس، جڏهن سچل سرمست جي مزار تي سڳا گمبٽ طرفان جيڪو اهتمام ڪيو ويو هو. اُن وقت مان فهميده سليم ميمڻ ۽ هدايت بلوچ اُت زمين تي ويهي ديڳ ۾ پچايل ڪافي پيتي هئي. ڇا تہ مزو هو اُن ڪافي ۾. سوچيو تہ سهي ڪاڙي ديڳ ڪاڙي ڪافي!!!

خوابن جو سفر پڙهڻ کان پوءِ توهان بہ جتي گڏجي سفر لاءِ وڃو تہ ضرور ديڳ ۾ ڪافي پچرائي پيئڻ جو مزو وٺجو. هاهاهاها.

مان ٿيهر شڪرگذار آهيان، اُنهن پيارن جي جن منهنجو هي لکيل پورهيو سنڀالي مون کي ڏنو. هو ڪير آهن؟ مون کي ياد نہ آهي.

بس زندگي هڪ سفر آهي، هن سفر ۾ انسان جو وجود سفر ڪندو ٿو رهي، مختلف روپن ۾. ڪي زميني سفر هوندا آهن ڪي وجود جا سفر هوندا آهن. وجود جي سفر ۾ پير پنڌ نہ ڪندا آهن، انسان جون سوچون پرواز جو پنڌ ڪنديون آهن.

ڪي سفر (ڏُک) وارا بہ هوندا آهن، بس زندگيءَ جي اها حقيقت آهي. بس انسان جيئرو هجي، جيئڻ جي اهميت آهي. هن جيئري جهان ۾ توهان بہ منهنجو خوابن جو سفر پڙهو ۽ مون کي ياد رکجو. مان هجان نہ هجان، مون کي ڪڏهن بہ نہ وسارجو.

توهان جي

**سلطانہ وقاصي**

# سفرنامو

ويل وقت جي واڳ ورائڻ ڏاڍي مشڪل آهي، پر ويل وقت جا پڙاڏا ذهن جي پولارن ۾ گونجندا آهن. وقت تي وس هلي تہ هوند ان کي اُتِ روڪي ڇڏجي، بيهاري ڇڏجي. وقت روڪڻ سان ناهي رُڪجڻو ۽ وقت جا ساٿي بہ ڇڙوڇڙ ٿي وڃي پنهنجن مهاڳن تي پهچندا آهن. ياد رهجي ويندي آهي، ساروڻيون ۽ سپنا ...

سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جڏهن هي ميلو مچايو تہ ان جا وڏا پروگرام هئا، وڏا انتظام هئا، ڪم ۽ جذبي جي لهر هئي، جڏهن بہ آفيسن ۾ وڃ سيڪو ڪم ۾ رُڌل، ڪو فون تي پيو ڳالهائي. ڪووري ڪاردن کي پيو سيٽ ڪري، ٽائيپ جو آواز ۽ مظهر ميمڻ جي ڪارڊ گهرڻ وارن کي دڙڪا .... ڊاڪٽر سليمان شيخ جون پروگرام جو سيٽ اپ لاءِ سمجهاڻيون. اها سڄي گهما گهمي هئي، سڄل ڪانگريس لاءِ سنڌ گريجوئيٽ وارن سال 1989ع سڄل سال ملهائڻ جو ارادو ڪيو. ان سلسلي ۾ هنن ابتدائي ننڍا وڏا پروگرام مختلف شهرن ۾ ڪيا. آخري وڏو پروگرام ڪراچي ۾ رٿيل هو نومبر جي 26،27،28،29، تاريخن تي اهو سڄو پروگرام ترتيب وار رٿيل هو. انهن سيني پرگرامن ۾ هڪ پروگرام هو سچل قافلي جو سنڌ جو سير. پروگرام پڙهيم دل چاهيو هوند مان بہ وڃا پر گهرولي مصروفيتن، ٻار ۽ طبيعت جو ٺيڪ نہ هجڻ ڪري مان اُن قافلي سان گڏ وڃڻ جو سوچي بہ نہ ٿي سگهيس. پرل ڪانٽينيٽل هوٽل ۾ مقالن جي دوران جيڪا بہ هڪ جيڏي ملي تہ اهوئي پڇائين تہ سلطانہ تون قافلي سان گڏ هلين پئي؟ مان جهٽ ۾ ناڪار پئي ڪئي ۽ چيم پئي مان ڪيئن ٿي وڃي سگهان، ڪن همٿ ڏياري، ڪن زور رکيو، بحث بہ ڪيو پر مان بلڪل ناڪار پئي ڪئي.. اوڻٽيهين تاريخ آخري مقالن جي نشت کان پوءِ ماني کائي مان جڏهن آئس ڪريم پئي کاڌي، اُن ويل مون کي هڪ ڄاتل سڃاتل چهرو نظر آيو، اُن ادي ارشاد قمر سان پئي ڳالهايو.

منهنجي دل کي ڇڪ ٿي، وڏي ويجهو ٿيس. اها منهنجي پراڻي عادت آهي، مان جڏهن بہ اهڙي ڄاتل سڃاتل چهري کي ڏسندي آهيان، جنهن مان ڪا پنهنجائپ محسوس ٿئي ٿہ، يا بي اختيار ٿي اُن کان وڃي پڇندي آهيان تون ڪير آهين؟ ڪٿان پڙهائي مڪمل ڪئي اٿئي؟ ڪٿان جي آهين؟ نالو ڇا اٿئي؟ انهيءَ عادت جي ڪري مون کي اڪثر نراسائي ملندي آهي. ڇو تہ مان اُن چهري کي سڃاڻي وٺندي آهيان پر اُهو چهرو مون کي سڃاڻي نہ سگهندو آهي ۽ مون کي پنهنجو تعارف پاڻ ڪرائڻو پوندو آهي. ڪاوڙ سان اُن ويل مان سوچيندي آهيان. مان ڀلا اهڙي ڇو آهيان؟ مان تہ سڀ ڪنهن کي سڃاڻي وٺان ٿي، پر مونکي پنهنجي سڃاڻپ پاڻ ڪرائڻي پوي ٿي. اهڙي قسم جو ويڌنيون مون سان گهڻا ئي دفعا ٿي چڪيون آهن. ياد اٿم اُهو ڏينهن جڏهن منهنجي امان پتي جي آپريشن لاءِ ڪراچي نيشنل اسپتال ۾ داخل ٿي هئي. اُت خبر پئي تہ هت آپريشن ڪرڻ ۾ بيهوش ڪرڻ واري ڊاڪٽر جو نالو ڊاڪٽر سليمان شيخ آهي.

منهنجي امان ٿوري نہ پر گهڻي ڊڄڻي هئي. دل جي بہ ننڍڙي هئي. يڪدم پريشان ٿي ويندي هئي. مان کيس گهڻي آٿت ڏني کيس چيم هت سڀ ڊاڪٽر پنهنجا آهن. وڏي ڳالهہ تہ اها آهي تہ ڊاڪٽر سليمان شيخ بہ هتي آهي. هي تہ پنهنجو ڊاڪٽر آهي. هاڻ تہ ڪا پريشانيءَ جي ڳالهہ ئي نہ آهي. جنهن ڏينهن امان اسپتال ۾ داخل ٿي (اِج کان ٿي چار سال اڳ جي ڳالهہ آ) ان ڏينهن شام جو ڊاڪٽر سليمان شيخ کي ڏٺم مان تڪڙي تڪڙي ان ڏي ويس، کيس سلام ڪيم. ان مون کي سلام جو جواب ڏنو هڪ اجنبي وانگر. مان کيس ٻيهر سلام ڪيو ۽ کيس ٻڌايم تہ مان سلطانہ آهيان، وري بہ ڊاڪٽر سليمان جي چهري تي اهائي اجنبيت، مان ادي سلميٰ جو پڇيو ياسمين جو پڇيو. ڊاڪٽر صاحب ڏاڍي اخلاق سان ڳالهايو پر کيس اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ پئي آئي تہ مان ڪير آهيان؟ مان سمجهي ويس تہ ڊاڪٽر صاحب مون کي سڃاڻي نہ سگهيو آهي، ڏاڍو ڏک

ٽيم خاموشيءَ سان هلي آيس، امان کي جو خبر پئي ان ڳالھ جي تہ چوڻ لڳي. پاڻ کي تہ الائجي ڇا ٿي سمجهين ۽ هٽ ڪير توکي سڃاڻي بہ نہ ٿو. وڏيون ڳالهيون پئي ڪيئي تہ ڊاڪٽر سليمان تہ پنهنجو آهي ڪا پريشاني جي ڳالھ نہ آهي، مان خاموشيءَ سان سڀ ڪجھ ٻڌو پئي ڀلا آءٌ ڪري بہ ڇا ٿي سگهيس.

مان تہ ڪا ايڏي وڏي شاعر يا اديب نہ آهيان پر ڄاڻ سڃاڻ جي بہ تہ ڪا اهميت هوندي آهي. ان ۾ منهنجو ڪهڙو ڏوھ تہ ڄاتل سڃاتل ماڻهو ۽ اهي ئي مون کي نٿا سڃاڻن (ڪجھ عرصي کان پوءِ هڪ فنڪشن ۾ ڊاڪٽر صاحب اچي مون کي سلام ڪيو ۽ چيائين سلطانہ ڇا حال آ) مان پڇيو تہ توهان مونکي سڃاڻو ٿا چيائين ها ڇو نہ اهڙي ڪهڙي ڳالھ آهي، جو مان توهان کي نہ سڃاڻان.

مان ياد ڏياريومانس تہ ڪهڙي طرح ان مون کي نہ سڃاتو هو، ڊاڪٽر صاحب جواب ڏنو تہ ان وقت تون سلطانہ ڪونہ پئي لڳين ۽ اڄ سلطانہ لڳين پئي). پرل ڪانٽينينٽل هوٽل ۾ ماني جي دوران اهڙي قسم جي ويڌن مون سان ان وقت بہ ٿي. ان ڇهري کي مون غور سان ڏٺو. پر يادن جي پڙاڏي ۾ ڪو نالو نہ پيو اڀري. ائين محسوس پئي ٿيو تہ تمام قريبي ساٿ وارو چهرو آهي، پر آهي ڪير؟ نالو ڇا اٿس؟ آخر مون کان رهيو نہ ٿيو ادي ارشاد قمر کان پڇيم هيءَ ڪير آهي؟ ادي ارشاد ٻڌايو تہ هيءَ ڊاڪٽر ليليٰ خواجہ آهي، سول هاسپيٽل ۾ ڊاڪٽر آهي. نالي وٺڻ سان ئي منهنجي ذهن ۾ سڀ تصويرون روشن ٿي ويون. رڙ ڪري چيم اڙي ها تون تہ ليليٰ آهين. ڀلا مون کي سڃاڻ تہ مان ڪير آهيان؟ ليليٰ جو اجنبي ۽ حيران اکيون منهنجي ڇهري تي ڄمي ويون. هن مون کي هيٺان کان وٺي مٿان تائين ڏٺوءِ پوءِ کلي چيائين مان تہ توهان کي نٿي سڃاڻان. دل ۾ ڇڻ وڍ پئجي ويم. هيءَ عادت مونکي هر هنڌ ڏکوئي ٿي ڀلا ائين ڇو؟ ليليٰ ۽ مان ان دور ۾ زبيدھ ڪاليج (گورنمينٽ گرلس ڪاليج حيدرآباد )جي

هاسٽل ۾ رهنداهئاسين، جڏهن ون يونٽ نئون نئون ٽٽو هو. سياست پنهنجي عروج تي هئي. اسان پاڻ ۾ اتندي ويهندي سياسي بحث مباحثا كندا هئاسين. سنڌ جي حالتن تي پنهنجي عقل ۽ سمجهه آهر تنقيدون كندا هئاسين، هاڻ اهائي ليليٰ آهي جيكا مونكي نه ٿي سڃاڻي. اها ته مونكي ڄاڻ هئي ته مان پنهنجو نالو ٻڌائيندس ته هو مونكي ضرور سڃاڻيندي. آخر مان چيو مانس ته ليليٰ مان اكرم سلطانه آهيان، هاڻ ته مونكي سڃاڻ، هاڻ ته مون كي ياد كر. ليليٰ جي اكين ۾ چمك ڦهلجي ويئي ۽ حيرانيءَ وچان چيائين اڙي تون اكرم سلطانه آهين، كيتري بدلجي ويئي آهين، تو كي ڇا ٿيو آهي؟ كيتري نه كمزور ٿي ويئي آهين. سچ پچ مان توكي بلكل كونه سڃاڻي سگهيس، تون ڏاڍي بدلجي ويئي آهين. مان كلي چيو مانس ته اها تبديلي سٺي آهي يا خراب.... پوءِ ته ڏاڍي اكير ۽ سك سان پاڻ ۾ ملياسين. مان ادي ارشاد، ليليٰ ۽ نجمه جوڻيجو پاڻ ۾ كچهري كندارهياسين.

ڳالهين كندي ادي ارشاد چيو سڀاڻي پاڻ هلون قافلي سان گڏ. حيدرآباد تائين وڃي پوءِ موٽي ايندا سين. ليليٰ هكدم اُكير مان چيو، الا منهنجي دل ڏاڍي چوي ٿي وڃڻ لاءِ، اڳو پوءِ پروگرام ٺاهيو ته گڏجي هلون. پنهنجون گاڏيون كڻون ۽ ٽيئي ڏينهن گهمي اچون. ڏاڍو مزو ايندو. ادي ارشاد چيو ته سڄي پرگرام ۾ وڃڻ ته ڏكيو آهي مان ته چاهيو پئي ته حيدرآباد تائين هلون. مان ته ماٺ كيو ويٺي هيس سوچيم وڏ ۾ وڏ حيدرآباد تائين آءُ وڃي سگهان ٿي اهو به اگر ادي ارشاد زور پريو... ليليٰ ڏاڍي بي چين هئي اُن چاهيو پئي ته هوءَ قافلي سان گڏ ٽيئي ڏينهن وڃي ۽ خوب گهمي اچي. آخرهن مون تي زور ركيو ۽ چيائين تون ڇو نٿي هلين؟ هل ته گڏجي هلون مان پنهنجي گاڏي كڻڻ لاءِ تيار آهيان. مون كي صرف كمپني كپي. ڏس مان ٽن ڏينهن كان سيمينار ۾ اچان پئي. هاسپيٽل به كو نه ٿي وڃان پر هت مون كي كير به كونه ٿو سڃاڻي. قافلي سان گڏ

جيڪي بہ عورتون ۽ ڇوڪريون وڃن پيون مان انهن کي بلڪل ڪو نہ سڃاڻان سپ ڪنهن جو پنهنجو گروپ هوندو. هاڻ تون جو مونکي ملي ويئي آهين تہ هاڻ ڪٿي پروگرام ٺاهہ تہ گڏجي هلون. مان حيراني وچان چيو مانس ليليٰ مان هلان؟ اهو ڪيئن ممڪن آ...

مان ليليٰ کي چيو توکي خبر نہ آهي تہ مونتي گهر جون ذميواريون آهن. وڏي ڳالهہ تہ اها آهي تہ منهنجي طبيعت بہ ٺيڪ نہ ٿي رهي. مان تہ سوچي بہ نہ ٿي سگهان تہ ڪو مان ايڏو وڏو سفر ڪري سگهندس. پر ڇا ڪجي ليليٰ تہ ليليٰ ٿي پئي. مونکي سمجهائيندي رهي تہ توکي ڇا ٿيو آ ٺيڪ ٺاڪ تہ آهين. هرويرو ٿي پاڻ لاءِ ائين چوين ڏس مان ڊاڪٽر آهيان سپ ڪجهہ سنڀالي ونندس. بس توکي هلڻو آ هر صورت ۾ هلڻو. مان هيڏانهن هوڏانهن ڏسڻ لڳس. ڳالهہ کي لنوائڻ لڳس پيار مان پنهنجون مجبوريون ٻڌائي ليليٰ کي سمجهائيندي رهيس پر ليليٰ ڪو منهنجو ٻڌي. مان پڇي جان ڇڏائڻ چاهي. ان دوران ڇا ٿيو جو سگا وارن پنهنجن مهمانن کي سچل سرمست جي مقبري جو ماڊل تحفي ۾ ڏنو هو. اتفاق سان اهو مونکي بہ مليو. ان کي پاسي تي رکي مان ماني پئي کاڌي. ڇا ٿيو جو آغا سليم کي مليل ماڊل غلطيءَ وچان ڪير کڻي ويو يا گم ٿي ويو. ان دوران عبدالرحيم سمي جي نظر مون واري ماڊل تي پئي ۽ اهو ان کڻي سمي شيخ کي ڏنو اتان اهو وڃي آغا سليم کي مليو ۽ آغا سليم ان کي کڻي گهر روانو ٿي ويو... اسان آرام سان ڪچهري پئي ڪئي. ڪافي دير کان پوءِ مونکي خيال آيو تہ منهنجو تحفو ڪاڏي ويو. مان ڳولهڻ لڳس ان وقت مونکي ڪنهن ٻڌايو تہ هتان تہ عبدالرحيم سمون کڻي ويو. مان هجوم مان عبدالرحيم سمي کي ڳولهيو ان مونکي چيو ادي اهو ماڊل توهان جو هو.. آغا سليم پئي ڳولهيو مان سمجهيو ان جو آهي، سو ان کي ڏئي ڇڏيو. توهان کي ائين نہ ڇڏڻ کپي ها. منهنجو منهن صفا لهي ويو، خبر پئي تہ آغا سليم بہ وڃي ڇڪو آهي. هاڻ مان ڇا ڪريان؟ بس مونکي

پنهنجو ماڏل کپي مان عبدالرحيم سمي ۽ سمي شيخ کي چيو. انهن ٻڌايو تہ رات نثار حافظ جي دعوت آهي، ميٽروپول هوٽل ۾ اُت آغا سليم ضرور ايندو. اسان ان کان توهان جو تحفو وٺي ڏينداسين جي نہ مليو تہ توهان کي پيو ڏينداسين. اسان وٽ جام پيا آهن. مان ڏک مان چيو مان پيو چا کندس. مونکي منهنجو پنهجو ماڏل ملي تہ هوند چڱو.

مونکي پنهنجي پريشاني ۽ ليليٰ جي منهنجي پٺيان وٽ لڳي پئي هئي. چري ٿي آهين، تون پاڳل آهين. کهڙو اهم تحفو هو. گم ٿي ويو يا ڪير کڻي ويو تہ کهڙي وڏي ڳالهہ آهي. ڦوٽو تہ تنهنجو نڪتو آهي، اهو کڻي سنڀالي رکجان. ڇڏ انهن سيني ڳالهين کي. سياڻي جو پرگرام ٺاهہ تو کي هلڻو آهي، تون ضرورو هلندينءَ مان ليليٰ کي سمجهايو تہ ڏس راڻي جت ماڻهو ويندو آ ڪمپني ملي ويندي آ. سچ ٿي چوان تون اڪيلي ڪانہ ٿيندينءَ. تون منهنجون مجبوريون نہ تہ سمجهي سگهين. ليليءِ چيو آخر توکي پريشاني ڇاجي آهي، آءٌ پنهنجي گاڏي ڪڍندس اطمينان سان هلنداسين. چيپل پرگرام مان خبر پئي ٿي تہ انتظام شاندار آهي، پوءِ مونکي ڇڪي ڊاڪٽر سليمان شيخ وٽ وٺي ويئي، ڊاڪٽر صاحب اسان کي سمجهائيندي چيو تہ مان تہ سلطانہ کي چوان ٿو تہ هل ڏاڍو سٺو انتظام آهي. هر پرو اهڙي سٺي پروگرام کي ڇڏڻ چڱي ڳالهہ نہ آهي. باقي توهان پنهنجي الڳ گاڏي نٿا کڻي سگهو. هڪ تہ اسان تي ذهني بار پوندو ۽ پيو توهان کي بہ اڪيلائپ ٿيندي. اصل مزو تہ قافلي سان گڏ آهي. توهان اسان سان گڏ بس ۾ هلو. هاڻ تہ ليليٰ کي وڏيڪ موقعو مليو ڏاڍي پيار سان هجتون ڪرڻ لڳي. مونکي تہ پريشاني لڳي پئي هئي پنهنجي تحفي جي، ادي ارشاد قمر تہ ائين چئي گهر رواني ٿي ويئي تہ فون تي پروگرام ٺاهينداسين. هنن پريشانين ۾ بيٺي هيس تہ قاضي منظر حيات مونکي اچي اهو ماڏل ڏنو ۽ چيائين هي هت فالتو پيو آهي، ممڪن آهي تہ آغا سليم جو هجي جنهن جي عيوض هو توهان جو

مادل کٽي ويو آهي. هاڻ ائين ڪيو جو هن کي توهان کٽي وجو. مان سک جو ساهہ کنيو. پر ڏٺم تہ مادل جون ٻہ ڪندون پڳيون پيون آهن. مان قاضي منظر کي چيو هاڻ تہ مونکي يقين آ تہ آغا سليم ڄاڻي ٻجهي هن کي چڙي مون وارو مادل کٽي ويو آهي. زندگيءَ ۾ ڪتي بہ آغا سليم سان ملاقات ٿي تہ مان پاڻ وارو مادل ضرورو وٺندي سانس.... ليليٰ جيڪا پر ۾ بيٺي هئي ان چيو چڱو تيو هاڻ مليئہ اهو مادل جنهن لاءِ ساهہ پئي نڪتئي هاڻ ٻڌاءِ ڇا تي پروگرام ٺاهين. مان ليليٰ کي سمجهائيندي چيو، ڏس ليليٰ تون مونسان ورهين ڪانپوءِ ملي آهين. توسان مان ڪيترو سٺو وقت گذاريو آهي. اسان جو ساٿ زبيده ڪاليج ۾ ڏينهن رات جو رهيو آهي. مان تہ وري بہ توکي سڃاڻي ويس پر تون مونکي سڃاڻي نہ سگهينءَ. ڏس اها تبديلي ڪا معمولي تبديلي نہ آهي. منهنجي اهڙي حالت بيمار رهڻ جي ڪري ٿي آهي، سچ پچ مون ۾ ٿوري بہ همت نہ آهي جو مان ايڏو وڏو سفر ڪري سگهان. منهنجا ٻار آهن، تن کي ڪنهن جي حوالي ڪيان. منهنجون هزارين مجبوريون آهن، تن کي سمجهي نہ سگهندئين جڏهن ڪار ۾ ليليٰ مون کي گهر ڇڏڻ ويئي تڏهن بہ اها ئي ڳالهہ هل پلاڪرم ڇو ڪين ٿي هلين...

ليليٰ جي ايتري هجت ۽ بيچيني مونکي موهي وڌو، دل ۾ چيم سلطانہ تون بہ هاڻي ماٺا ڇڏ همت ڪري نڪري پئو. ڏس ڪيترو نہ هوءَ چوي پيئي ۽ تون نخرا پئي ٿي ڪرين. اڄ تائين ڪنهن بہ توسان ايڏو پيار ۽ هجت نہ ڪئي آهي. تڪليف تہ ايندي پوءِ ليليٰ جي ڪري برداشت ڪجان. ليليٰ جيڪا ڪار ۾ بہ مسلسل ڳالهائيندي پئي هلي. مون ان کي غور سان ڏٺو ۽ پوءِ آخري ۽ مڪمل فيصلو ڪري چيومانس چڱو ليليٰ مان هلان ٿي. هاڻ مونکي وڌيڪ شرمندو نہ ڪر. ليليٰ چيو پڪو فيصلو نہ تہ ائين مونکي رولي ڇڏين چيم تہ ليليٰ مان فيصلو ڪيو تہ هلندس تہ پوءِ ضرور هلندس .... پوءِ اسان پاڻ ۾ پروگرام ٺاهيو تہ صبح جو ستين بجي

ليليٰ مون وٽ ايندي ۽ پوءِ گڏجي پرڪانٽينٽل هلنداسين جتان قافلو روانو ٿيندو.

گهر اچڻ کان پوءِ منهنجي اندر ۾ آنند مانڊ ٿي پئي. سمجهہ ۾ نہ پئي آيم تہ ڇا ڪريان!! واعدو ڪري ويٺي هيس، هاڻ وڃڻو بہ ضرور هو. پنهنجي ڀاڀي شاهده کي فون ڪيم ڪيس ڇيم تہ صلاح ڏي تہ ڇا ڪريان. ٻارن کي وٺي وڃان يا ڇڏي وڃان. اگر ڇڏيان تہ ڪنهن وٽ ڇڏيان. ڀاڀي شاهده مونکي سمجهايو تہ تون پهلي وڃ پر ٻار نہ وٺي وڃجان، موسم بدلجي چڪو آهي، ٻيو تہ ٻار بہ توکي سک سان گهمڻ نہ ڏيندا. تون بہ انهن پويان وتندينءَ پريشان ٿيندي. هاڻ ائين ڪر جو ٻار اسان وٽ ڇڏي وڃ. آءٌ خوب گهمائيندي سان. علي ۽ الميرا بہ خوش ٿي ويندا. توکي موقعو مليو آ تون وڃي گهمي ڦري آ. ڀاڀي سان ڳالهائي، مان فهميده حسين سان ڳالهايو ان بہ مونکي چيو تہ سلطانہ ٻارن کي وٺي هلڻ جي غلطي ڪڏهن بہ نہ ڪجان، اسان جا ٻار ايڏو وڏو سفر ڪري نہ سگهندا. مان بہ پنهنجا ٻار انيس وٽ ٿي ڇڏيون هلان ....

هاڻ مان سامان ٻڌڻ شروع ڪيو. ان وقت شام جا ست ٿي چڪا هئا. مان نثار حافظ جي دعوت تي وڃڻ جو پروگرام ڪينسل ڪيو. منهنجا ٻئي ٻار منهن سڄايون ويٺا هئا. هو مون کان ڪڏهن بہ جدا نہ ٿيا هئا. مان انهن کي سمجهايو تہ توهان مونسان گڏ بلڪل نٿا هلي سگهو. توهان صرف اهو سوچيو تہ هي پهريون موقعو مون کي مليو آهي ائين گهمڻ جو، جنهن ۾ خرچ بہ ناهي ڪرڻو ۽ نہ وري رهائش جو بندوبست. وڏي ڳالهہ اها آهي تہ گڏجي سفر ڪرڻ ۾ جيڪو مزو آهي سو وري نہ ملندو. بهرحال سوين واعدا پيار فرمائشون سڀ قبول ڪري مان ٻارن کي راضي ڪيو...

ٻئي ڏينهن صبح جو ساڍي ڇئين بجي مان اٿيس. باقي رهيل سامان پيڪ ڪيم. ائين اچي ڇهہ ٿيا. روماسہ ۽ امر کي ننڊ مان اُٿاريم کين اسڪول لاءِ تيار ڪيم، ناشتو ڪري ستين بجي تائين مان بلڪل

تيار ويٺي هيس. ان دوران ٻارن کي سمجهائيندي رهيس، هو ٻئي ڏاڍا منجهيل هيا، اُداس هئا. منهنجي پٽ امر کي تہ اندر ۾ ڇا بہ هجي پر ٻاهران بولڊ لڳو پيو هو. مونکي پئي چيائين، امي توهان پلي وڃو اسان بہ خوب مزا ڪنداسين، علي ۽ الميرا سان گڏ بوٽ بيسن ويندا سين، ريڊ ڪارپيٽ وٽ وڊيو گيم جي دڪان تي خوب وڊيو گيم ڪيڏنداسين. مون واري ڌيءُ روماسہ چپ چاپ سڏڪا پئي ڀريا، اکين ۾ ڳوڙها پيا پرجيو اچنس، جيڪي گهڙي گهڙي ان اگهيا پئي. مان کيس ڀاڪر پاتو پيار ڪيو، خوب سمجهايو پر هو سمجهڻ جي ڪاتي، جيئن پيار ڪيانس تيئن پئي وڏيڪ ڳوڙها ڳاڙي، مون کي ليليٰ جو انتظار هو جيڪا اڃان تائين ڪانہ آئي هئي، ان ويل وري منهنجي دل ڊاما ڊول ٿي وئي، سوچيم اگر ليليٰ نہ آئي تہ پاڻ ڇگو منهنجي جان ڇٽي آءُ بہ ڪونہ ويندس... وري پيو خيال دل تي تري آيو، هاڻ تہ پروگرام بہ ٺهي چڪو آهي، تياري بہ مڪمل آهي، هاڻ وڃڻ ۾ ڇا آهي؟ مون کي ضرور وڃڻ کپي جڏهن سوا ست ٿيا تہ پاڙي وارن جو در کڙڪائي زبير کي سڏڪيم تہ مون کي پرل ڪانتينيٽل هوٽل ڇڏي آ.. اهڙي طرح سان مان ٻارن کي خوب پيار ڪيو ۽ کين خدا حافظ چئي رواني ٿيس.

هوٽل تي پهچڻ تي ڏٺم تہ کي ٻاهر کي اندر قافلي وارا پنهنجو سامان کنيون انتظار ۾ بيٺا هئا. مان سک جو ساهہ کنيو ، ڇو تہ مان سمجهيو پئي تہ ٽائيم مطابق قافلو روانو ٿي چڪو هوندو. هوٽل جي اندر جڏهن پالر ۾ پهتس تہ سامهون فهميده نظر آئي. ان سان گڏ شاهده گهانگهرو، نسيم حيدري ۽ جيجي زرينہ بلوچ بيٺي هئي، مان وڏي وڃي فهميده سان مليس، اُن ٻڌايو تہ سڀ قافلي وارا اچي چڪا آهن پر بسون اڃان نہ آيون آهن. ٿوري دير اسان اُت بيٺا رهياسين. گهڙيءَ ڪانپوءِ هڪ ڪوسٽر آئي اسان سڀ عورتون ۽ ڇوڪريون وڃي ڪوسٽر ۾ ويٺاسين، عورتن جو تعداد ايترو گهٽو هو جو ڪوسٽر ننڍي ٿي پئي، مان هيڏانهن

هوڏانهن پئي نهاريو. ان مهل اچي اٺ ٿيا هئا. ليليٰ جو ڪو اتو پتو ڪونه هو. مونکي سندس ان ويسله گهاتيءَ تي ڏاڍي ڪاوڙ آئي. مون کي تيار ڪري هوءَ پاڻ نه آئي هئي. مونکي رکي رکي پنهنجن ٻارن جو خيال به پئي آيو. ڪوسٽر ۾ مان ۽ فهميده هڪ سيٽ تي ويٺا هئاسين. اسان جي سامهون واري سيٽ تي جيجي زرينه بلوچ ويٺي هئي. پرسان واري سيٽ تي نذير ناز پنهنجي پٽ سان ويٺهي هئي. بس ۾ ڪا به سيٽ خالي نه هئي، اجان به ڪجهه ڇينرون بيٺيون هيون. ان وقت مظهر ميمڻ ۽ سليم ميمڻ اچي ڪوسٽر جي درين سان جهاتي پاتي، ڏٺائون ته ڪافي ڇينرون بيٺيون آهن. انهن اطمينان ڏياريو ته توهان پريشان نه ٿيو. اسان توهان کي ٻئي بس ۾ شفٽ ڪنداسين جيڪا وڏي هوندي توهان ات آرام سان ويهجو. ان وقت ليليٰ به اچي پهتي. ڪوسٽر جي در مان گهڙندي ئي مونکي ڇيائين منهنجو ٻه منٽ به انتظار نه ڪيئي. مان تنهنجي گهر ويئي هيس، چوٿين منزل تي چڙهي ويس ڏٺم ته هيڏو سارو تالو لڳو پيو هو. سمجهه ۾ نه پئي آيم ته تون هوٽل ويئي آهين يا ڪاليج. آخر مان هوٽل آيس سيني ڪان پڇان پئي ته اڪرم ڪٿي آهي. توکي هت اڪرم جي نالي سان ڪوبه ڪونه سڃاڻي... ڪنهن ٻڌايو سامهون ڪوسٽر ۾ سڀ عورتون ويٺيون آهن. سو مان هيڏانهن هلي آيس. مان ليليٰ کي چيو ڏس ليليٰ ستين بجي جو ٽائيم هو مان سوا ستين بجي ٽائين تنهنجو انتظار ڪيو. مونکي پاڻ تنهنجو فڪر هو ته مونکي تيار ڪري پاڻ ڇو ڪين آئي آهي. تقريبن ساڍي نوين بجي ٻيون بسون آيون سڀ قافلي وارا بسن ۾ سوار ٿيڻ لڳا. ان وقت مظهر ميمڻ اچي چيو اهي عورتون جن کي سيٽ نه ملي آهي اهي ٻئي بسن ۾ اچن. باقي جيڪي سيٽن تي ويٺل آهن سي ويٺيون هجن.

بسن جي هلڻ ۾ ٿوري دير هئي. مان ۽ ڪجهه ٻيون ڇينرون ڪوسٽر مان لهي اندر هوٽل ۾ وياسين ڇو ته هاڻي سفر شروع ٿيڻ وارو هو.

اسان سوچو اندران واندا ٿي اچون ته چڱو. اسان جڏهن هوٽل مان ٻاهر نڪتاسين ته خبر پئي ته ٻيون بسون هليون ويون آهن. باقي اسان واري ڪوسٽر اسان جي انتظار ۾ بيٺي هئي. مظهر ميمڻ، نثار حافظ ٻين پري ڪان ئي اسان کي تڪڙو اچڻ لاءِ اشارو ڪيو. مان جيئن تڪڙي هليس تئين ڏو وجي زمين تي ڪريس. ڪڙي جو هيڏي وڏي هئي مٿان وري هوٽل جي زمين ترڪڻي. مظهر ميمڻ هٿ مٿي ڪٺي رڙ ڪئي. ادي، ادي سنڀاليو. نثار حافظ ٿورو مشڪي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيو. ٻين بيٺلن تي ماڳهين رخ ڦيرائي ڇڏيو شايد تمام گهٽي ڪل پئي آين. مان به ڪرڻ سان ئي يڪدم ٽپ ڏئي اٿي ڪڙي ٿيس. ڏک ته ڏاڍو آيم پر برداشت ڪري ويس. جڏهن ڪوسٽر جي ويجهو ويس ته ڪل ۽ تاڙين جو ڦهڪو ڪن تي پيو. پڪ سمجهيم هي سڀ مونتي پيون ڪلن. مون کي شرم ته ڏاڍو پئي آيو پر ڇا ڪجي ڪوسٽر ۾ چڙهڻو ته هيم سو چڙهي ويس. فهميده کي چيم ڏنئي آءُ ڪيئن ڪريس ڏاڍو ڏک آيو اٿم ۽ توهان سڀ پيون تاڙيون وڄايو ۽ ڪلو فهميده چيو ڇري اسان کي ته خبر ئي ڪانهي ته تو کو ڏک ڪاڏو آهي اسان ته هٿ جيجي زرينه بلوچ کان سگهڙين سٺ رسالي مان شاعري پيا پڙهايون اهو نظم ڏاڍو سٺو هو ۽ زرينه به ڏاڍي سٺي انداز ۾ پڙهيو. ان تي اسان تاڙيون وڄايون اسان جو ته ٻاهر ڌيان ئي ڪونه هو. هاڻ مان تفصيل سان فهميده کي ٻڌائڻ لڳيس ته مان ڪيئن ڪريس. فهميده مون کي دڙڪو ڏئي چيو. نهيو هاڻ پنهنجي ذهن تي هر ڳالهه سوار نه ڪندي ڪر. چپ ڪري ويهه. هٽ ڪنهن کي به خبر نه آهي ته تون ڪري آهين. ڀلا ڇا ٿي پيو اگر ڏک ڪاڏئي تون ڳالهه ڪندينءَ ته جن کي ناهه خبر انهن کي به خبر پئجي ويندي. مان به ڪٺي مات ڪئي، پر ذهن تي بار هيم. مان ڀلا هرو ڀرو ڇو ڪريس؟ مون سان ائين ڇو ٿيندو آهي؟

هاڻ بس هلڻ شروع ڪيو. ان کان اڳ ۾ مظهر ميمڻ آيو ان چيو ته فهميده ۽ سلطانه توهان ٻئي هن بس جو انتظام سنڀاليو. حساب ڪتاب

رکو ته ڪيترين عورتون هن بس ۾ آهن. سيني جي نالا ائڊريسون ۽ فون نمبر لکو. اهو رڪارڊ رکڻ ضروري آهي. مان پين ۽ پنو سنڀاليو ۽ نالا لکڻ شروع ڪيا. ڪوسٽر هلڻ لڳي. جيجي زرينه آهستي آهستي سر ڪڍڻ لڳي. سڀ ڇوڪريون ۽ عورتون تاڙيون وڄائڻ لڳيون. اسان جي ڪوسٽر ۾ جيڪي پينرون هيون تن جا نالا هي آهن. سلمه شيخ، (ڊاڪٽر سليمان جي گهر واري) سعيده شيخ، ياسمين شيخ، (ڊاڪٽر سليمان شيخ جي نياڻي) فهميده حسين، جيجي زرينه بلوچ، ساجده شيخ، ڊاڪٽر ليليٰ، عفت جعفري، نسيم حيدري، انيس حيدري، شيرين جعفري، نزهت جعفري، شاهده گهانگهرو، فوزيه ميمڻ، پروين سومرو، زرين افشان قادر، دانشمند فاروقي، نورالنساءِ فاروقي نرگس لطيف، شمع ڪبير، شاهين قريشي، خورشيد عباسي، حميده قاضي، نور جهان قاضي وغيره...

بس جڏهن ڪراچيءَ کان ٻاهر ٽول پلازه وٽ پهتي، اُت بسن جي اڳيان سچل ڪانگريس قافلي جو بينر لڳايو ويو. اسان جي ڪوسٽر ۾ صرف عوتون هيون. پلا جت ايترين عورتون جمع ٿين اُت ماٺ ڪرڻ ته مشڪل آ. سين ڇوڪرين ڳيچ پئي ڳاتا، تاڙيون پئي وڄايون جيجي زرينه به سات پئي ڏنو. هڪ ٻئي جي سرن تي ڪلون ڪرڻ، بس رنگ لڳا پيا هئا. جو خبر ئي نه پئي ته ڇام شورو اچي ويو.

ڄام شوري جون ٿڌيون هوائون پري کان ئي محسوس ٿيون جيئن ته قافلي کي ڪراچيءَ مان نڪرڻ ۾ دير ٿي هئي، ان ڪري ڄام شوري ۾ به دير سان پهتو. اتي پهچڻ سان ئي سڄو قافلو علامه آءِ آءِ قاضي ۽ محترم ايلسا قاضي جي مزار طرف روانو ٿيو. اتي پهچي ٻاهران آيل مهمانن ۽ مختلف صوبن مان آيل مهمانن گلن جون چادرون چاڙهايون دعا گهري. علامه آءِ آءِ قاضي جن جو پورو نالو امداد علي، امام علي قاضي آهي. پاڻ 1886ع ۾ پيدا ٿيا. ۽ 19 اپريل 1951ع ۾ سنڌ يونيورسٽي جا وائيس چانسلر مقرر ٿيا.

علامه صاحب گهڻن ئي علمن جو ماهر هو، جئين فلسفو، آرٽ، علم ڪيميا، نباتات، علم نجوم، موسيقي، فن تعمير ۽ شعر وغيره. سندس زال محترمه ايلسا قاضي جرمن هئي. اها به شله جي شيدائي هئي، هڪ بهترين آرٽسٽ هئي. سهڻيون تصويرون ٺاهيندي هئي. سنڌ يونيورسٽي جو قيام 3 اپريل 1947ع ۾ پيو هو، ان ڪري علامه صاحب جڏهن هن يونيورسٽي جو وائيس چانسلر ٿيو، اهو ابتدائي زمانو هو يونيورسٽي جو. علامه صاحب جن سنڌ يونيورسٽي جي تمام گهڻي خدمت ڪئي. انهن خدمتن جي عيوض ۾ جڏهن علامه صاحب 31 اپريل 1968ع ۾ وفات ڪئي ته کين سنڌ يونيورسٽي جي ڪيمپس ۾ دفن ڪيو ويو. اُت مزار تي علامه صاحب جي سوانح عمري ۽ ادبي خدمتن جي باري ۾ ڪتابن جا تحفا مهمانن کي پيش ڪيا ويا. اتان قافلو واپس سنڌالاجي پهتو. سنڌالاجي ۾ قافلي جو پرتپاڪ خير مقدم ڪيو ويو. خوبصورت سرسبز لان ۾ قافلي جي ماڻهن لاءِ پر تڪلف چانهن پاڻي جو بندوبست هو. ڪائي پي واندا ٿي سيڪو گروپ ٺاهيو اندر گهمڻ ويو. مان فهميده ۽ ليليٰ به اندر وياسين. سنڌالاجي ان جي جيڪا تعريف ڪجي سا گهٽ آهي، جهڙي خوبصورت بلڊنگ آهي، اوڙهو ئي اندر سنڌ جي ثقافت جي خوبصورت ۽ ڀرپور عڪاسي ٿيل آهي. ميوزم جي هڪ پاسي سنڌ جي مشهور، ادبي ۽ علمي ۽ سياسي شخصيتن جا پورٽريٽ، انهن جي زندگيءَ جو احوال ۽ انهن جي ذاتي استعمال جون شيون رکيل آهن ميوزيم جي ٻئي حصي ۾ سنڌ ۾ آباد مختلف ذاتين، قومن ۽ قبيلن جي طرز زندگي ۽ انهن جو ڪرتون باقاعده شيشي جي شوڪيسن ۾ مجسمن کي روايتي لباس پهرائي ڊيڪاريون ويون آهن. مجسما اهڙا ته خُوبصورت ٺهيل آهن جو حقيقت جو گمان پئي ٿيو. سنڌ جي هٿ جي ڪم جو به مڪمل نماءُ ٿيل هو. لائبريري ۽ ميوزڪ وارو حصو سڀ شيون قابل ديد هيون گهمندي ڏسندي مان فهميده کي چيو ته ان حقيقت کان ڪو به انڪار ڪونه ڪندو ته

هن سڄي ڪم جو اصل مهندار ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جن آهن. محنت، جاکوڙ ۽ ريسرچ ورڪ جيڪو ڊاڪٽر صاحب جي زماني ۾ ٿيو، ان ڪري ئي اڄ سنڌالاجي جو مان مٿانهون آهي. ڪٿان ڪان ڪهي ماڻهو اچن ٿا ڏسڻ لاءِ. هاڻ اسان ان جاءِ تي اچي بيٺا سين جت هڪ سنڌي هندوءَ جو گهر ڏيکاريو ويو هو، جنهن ۾ هڪ طرف مرد مخصوص صندليءَ تي ويهي بنديءَ ۾ حساب ڪتاب ڪري رهيو هو ۽ عورت ويلڻ چڪري تي پاپڙ ويلي رهي هئي. ان ويل ڪنهن چيو واڻيو هتي به بندي ڪنيو وينو ليکا ڪري، اهو ٻڌي وينا شرنگي ترت چيو عورت ويچاريءَ کي ڏاڍا پاپڙ ويلڻا ٿا پون. ٿورو اڳتي هلي سنڌ جو ميمڻ گهراڻو پنهنجي آڏاڻن ۾ ائٽ سان پنهنجي ڪوريءَ واري ڪرت کي لڳو پيو هو. اسان جي پويان ٻين مهمانن سان گڏ سحر امداد ۽ هدايت بلوچ به پئي آيا، هدايت بلوچ جي وات مان بي اختيار هي لفظ نڪتا ميمڻ ڇو لکيو اٿن ڪوري لکن ها. هدايت بلوچ چوڻ ۾ ته چئي ويو، پوءِ ڪجهه سوچي ماٺ ٿي ويو. سحر امداد (بلوچ) مشڪي ڏنو پر جواب نه ڏنائين. نثار ميمڻ جنهن هدايت جو هي جملو ٻڌو هو تنهن هي شعر پڙهڻ شروع ڪيو.

**هلو هلو ڪورئين، نازڪ جن جو نينهن**

**ڳنڍين سارو ڏينهن، ڇنڻ مور نه سکيا.**

ان وقت ماحول ڪجهه ائين ٿي ويو جو فهميده سمجهيو ته جيئن ته هوءَ ميمڻ آهي تنهن ڪري هدايت بلوچ ان تي طنز ڪري ويو آهي، فهميده مون ڏي منهن ڪري ٿورو وڏي آواز ۾ چوڻ، بلڪل ٺيڪ آ ڪوري لکڻ کپي ها، ڇو ته پورهئي جو مان هوندو آهي، ڪرت جي اهمت هوندي آهي، هدايت بلوچ جنهن کي اُن جواب جي توقع نه هئي ۽ نه ئي هن ويچاري جو مقصد ڪنهن کي ڏکوئڻ جو هو. هن ته غير ارادي طور هڪ ڳالهه چئي هئي، سو هو چپ ٿي ويو. سحر امداد ۽ هدايت بلوچ مهمانن

سان گڏ ٿورو اڳتي نڪري ويا تہ ڪنهن چيو ٻروچ ڪٿي تا ڪنهن جي ڳالهہ ٻڌن، تہ نثار ميمڻ وري رڙ ڪري چيو :

**واڪا ڪرڻ مون وس، ٻڌڻ ڪم ٻروچ جو**

ٻاهران آيل مهمان ڏاڍي اتساهہ ۽ دلچسپي سان هر شيءِ کي ڏسندا پئي ويا. مان هڪ نظر سيني آيل مهمانن ۽ ميزبانن تي وڌي سيڪو مصروف لڳو پيو هو ميزبان وڏ ۾ وڏ ٽائيم ڏئي آيل مهمانن کي هر شي جو تفصيل ٻڌايو. فوٽو گرافر فوٽو ڪڍڻ ۾ مصروف لڳا پيا هئا. هو سيني مهمانن کي خاص ڪري وينا شرنگي ۽ گوبند مالهي جو ڪلوزاپ وٺڻ ۾ لڳا پيا هئا، جڏهن ميوزڪ واري حصي ۾ پهتاسين تہ مان ماڪا جي پڇا ڪئي. ماڪا وٽ منهنجون بہ وڊيو ڪيسٽ آهن، جيڪي مون ان کي ڪراچي ۾ ٿيل لطيف ڪانفرنس پرڻ لاءِ ڏنيون هيون، اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن سال گذري ويا نہ پروگرام پرجي مليو ۽ نہ وري ڪيسٽون واپس مليون آهن، ماڪا ات موجود نہ هو. هو پاڻ ميوزڪ جي حصي جو انچارج آهي، اصولن اُن کي اتي موجود هجڻ کپي ها. جڏهن مان پنهنجن ڪيسٽن جي ڳالهہ ڪئي تہ اتي بيٺلن ڪيترن کلي چيو ادي سلطانہ توهان بہ انهن ۾ شامل آهيو جن جون وڊيون ڪيسٽون ماڪا ڦٻايون آهن. اڄ هو هتي ان ڪري تہ موجود ڪونهي تہ سيڪو هن کان ڪيسٽون گهرندو ائين ڳالهيون ڪندا، ڏسندا واسندا رهياسين تہ سليم ميمڻ، مظهر ميمڻ ۽ ٻين ساٿين جا آواز آيا هلو جلدي هلو بسن ۾ چڙهو دير پئي ٿئي. هر ڪو تڪڙو تڪڙو بس ۾ چڙهڻ لڳو. هر ڪنهن کي اهو احساس هو تہ قافلو اڳيئي ليٽ ٿي ويو آهي. سنڌالاجي کان پوءِ قافلي کي حيدرآباد جي ميوزم ۾ پهچڻو هو. هاڻ هي امن ۽ محبت جو قافلو حيدرآباد روانو ٿيو.

حيدرآباد منهنجو شهر اسان سيني جو شهر جتي هاڻ راڪاس گهمي ويو آهي. اڳ ڪهاڻين ۾ پڙهندا هئاسين تہ راڪاس اماوس جي رات ٻاهر نڪرندو هو. جهڙو ڪارو پاڻ تهڙي ڪاري رات، چنڊ ستارا بہ

لڪل، هٿ ڪي نہ ڏسي هٽ. هو ڪنهن بہ ويجهي انسانن جي گهرن تي حملا آور ٿيندو هو. ڪيترن کي ماري ڪائي ويندو هو. باقي بچيل ان ڳوٺ جا رهواسي اهو ڳوٺ ئي خالي ڪري هليا ويندا هئا. ڪجهہ وقت کان پوءِ ڪنهن ملڪ جو بهادر شهزادو اتان اچي لانگهائو ٿيندو آ، ڇا ڏسي تہ مار پيٽان گهر سامانن سان ڀريا پيا آهن. ڪلن ۽ رسين تي ٽپڙ ٽنگيا پيا آهن. سڀ ڪجهہ جيئن جوتيئن آ پر نہ آهي تہ اُت انساني مخلوق نہ آهي. جڏهن بئي ڳوٺ ۾ وڃي ٿو تہ پڇا ڪرڻ تي خبر پويس ٿي تہ ڪو راڪاس آهي، جنهن جي ڪري هي ڳوٺ ويران آهي. هو بهادر شهزادو پوئتي وري ٿو. ڳوٺاڻن جي مدد ۽ پنهنجي بهادري سان ان راڪاس جو انت ٿو آڻي.....

پر حيدرآباد ۽ ڪراچيءَ ۾ تہ ڳالهہ ئي ابتي آهي. راڪا س هڪ نہ پر سوين هزارين آهن. هو ڏينهن جي روشني ۾ حملہ آور ٿين ٿا. هو انسانن کي مارين ٿا. گهرن گهاٽن جو سمورو سامان ڀهاري ٿا وڃن. جيڪا شيءِ نٿا ڪڍي سگهن، ان کي ٽوڙي ٽڪر ڪري ٿا ڇڏين. هو جيڪي رهزن ظالم ۽ خوني آهن سي ڪنهن کان بہ ڪونہ ٿا ڊڄن. اسان کي توهان کي ۽ ”هُن کي“ سيني کي خبر آهي تہ هو ڪير آهن؟ هو ڇا ٿا ڪرڻ چاهين؟ سيڪو چپ آهي. ٻڌي ڪونهي، سات سمر ڪونهي. عام ماڻهو ڊنل ۽ پريشان آهي. ڇڻ تہ واري جي انتظار ۾ آهي، ڪڏهن ٿو ڪات انهن جو ڪنڌ ڪوري..... هي منهنجو حيدرآباد جنهن جي گهٽين ۾ بي خوفي سان سيڪو گهمندو هو اڄ ات گهر مان نڪرڻ محال آهي. ٽوپي اجرڪ پائڻ پنهنجي ٻولي ڳالهائڻ ڄڻ گناهہ آهي. هو راڪاس ٽوپي اجرڪ پايو رت جي راند ڪيڏندا پيا وتن، ڊنل لاوارث ماڻهو شايد انتظار ۾ آهن، ڪنهن شهزادي جي جيڪو ايندو اچي سڀ سور لاهي ويندو. ڪڏهن ايندو اُهو شهزادو؟ ايندو بہ الائجي نہ؟ شهزادا بہ تہ واندا ڪونهن هو بہ ماڻهو ڏسي موٽ ڪائيندا آهن.

شهزادا به اچي چا ڪندا. اسان ته، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙي هنئي آهي. پنهنجي لاءِ ڪڏ پاڻ کوٽي اٿئون. پنهنجن گهرن ۾ پاڻ کهاڻ هنيا اٿئون. اسان جا شاعر اديب چون ٿا جاڳ پٽائي جاڳ وري ٿا چون جاڳيا آهن، دودا، دريا خان ۽ بلاول سپ سور لاهيندا. اسان جا ماڻهو ٻانهن سيرائيندا ڪيو ستا پيا آهن. هو انتظار ۾ آهن ته پٽائي، دودو، دريا خان ۽ بلاول قبر مان نڪري اچي هنن جي واهر ڪندا. پاڻ انهن کي ڪجهه به ناهي ڪرڻو. نوان سورما انهن مان پيدا ٿي ناهن ٿيڻا. وري چوي ڪو اديب سڌي سنئين ڳالهه ته چون اديب امن جو پيامبر آهي هو ماڻهن کي نفرت جو سبق نه ڏئي. مان سمجهان ٿي ته اديب جي لکڻين ۾ ايتري سگهه هجي جو پڙهندڙ کي اهو پيغام ڏئي سگهي ته پنهنجي تحفظ لاءِ هٿيار کڻڻ يا جنگ جوٽڻ ۾ ڪا به خرابي نه آهي. اڳرائي نه ڪجي پر جي ڪير حملہ آور ٿئي ته مقابلي ڪرڻ جي قوت ۽ همت هئڻ کپي. قوم جي بقا ۽ امن لاءِ وڏا وڏا فيصلا ڪرڻا پوندا آهن. اهي فيصلا ڪير ڪندو؟ آهي ڪو جو هن ڏتڙيل قوم جي مٿي تي هٿ رکي؟ اهڙا ڪيترائي بي ترتيب ۽ ڇڙو ڇڙ خيال منهنجي ذهن ۾ ايندا رهيا. تان جو خبر پئي ته ميوزم اچي ويو آهي.

سنڌ ميوزم ۾ ياءُ ظفر ڪاظمي قافلي جو آذر ياءُ ڪيو. سنڌ ميوزم ۾ به سنڌالاجيءَ وانگر سنڌ جي ثقافت جو نماءُ ٿيل آهي. هڪ سنڌي گهر جو مڪمل ماڊل اُت ٺهيل آهي. سامان اهڙي ته ترتيب سان رکيل آهي جو ڏسندڙ کي سنو پٽي لڳو. کٽ تي ويٺل سنڌي ماڻهو، پينگهي ۾ ويٺل سنڌي عورت، ٻار ۽ ڪم ڪرڻ واري مائي، خوبصورت ترتيب سان ڪمرو سجايل هو. گهر جي سامهون زنجيرون لڳل هيون جيئن عام ماڻهو ان ڪمري کي ٻاهران ڏسن پر اندر نه وڃن ان وقت خبر نه آهي ڇو منهنجي دل چاهيو ته مان ان ڪمري ۾ اندر وڃان ۽ انهن مجسمن سان وڃي تصويرون ڪيدرايان مان جڏهن ان خيال جو اظهار ڪيو

ته ات بيٺل سرتين به ها ۾ ها ملائي. مان به همت ڪري زنجير مٿي ڪري وڃي ڪٽ تي ويٺل ماڻهو (مجسمي) سان گڏ ويهي رهيس. ات شمع ڪيبر منهنجا فوٽو ڪڍيا. مونکي ڏسي نسرين، پروين سومرو، نسرين حيدري ۽ ٻيون پينرو ۽ پائر اندر هليا آيا. انهن به اتي ويهي تصويرون ڪڍرايون. مان پينگهي ۾ ويٺل عورت سان گڏ تصوير ڪڍرائي. ان وقت ڪنهن پاءُ چيو هي سڀ مجسما آهن، تڏهن ته سڀ عورتون ويٺيون انهن سان تصويرون ڪڍرائين. اگر اصل ۾ هي مرد ۽ عورتون هجن ها ته اهي سڀ انهن جي ويجهو ئي نه وڃن ها، اُت بيٺل هڪ ٻئي پاءُ چيو هي به ته ويجهو ئي نه وڃن ها پر ڪٽ تي ويٺل ماڻهو به هنن کي گڏ ويهڻ نه ڏي ها. اهڙي طرح سان ڪل پوڳ ٿيندي رهي، اُتان نڪري اسان سڄو ميوزم گهميو.گهمندي گهمندي شمع خيبر ٻڌايو ته هن ميوزم جي پٺئين طرف سنڌ جي هڪ ڳوٺ جو مڪمل ماڊل ٺاهيو ويو آهي ۽ مونکي چيو ويو آهي ته مان سڀني مهمانن کي هٿ وٺي وڃان ۽ ڳوٺ گهمايان مان شاهده گهانگهرو، خورشيد عباسي شمع سان گڏ وياسين. اڃان ٿورو اڳتي ٿياسين ته سامهون ڪيترائي گروپ ڳوٺ گهميو موٽيو پيا اچن. شمع ڪيبر يڪدم رڙ ڪري چيو اڙي هي سڀ ته اسان کان پهريان پهچي ويا ۽ گهمي به آيا. ڏس مونکي هروپرو چيو اٿائون ته مان سڀني کي گهمايان. اڄ ڪلهه ڪنهن کي به ڪنهن جي ضرورت نه آهي اسان ڏي منهن ڪري چيائين توهان سان گڏ مان هلان؟ اسان چيوس ها ها ڇو نه اسان کي ته تنهنجي جي ضرورت آهي، توکان سوا اسان به ڪو نه ويندا سين. اسان ميوزم جي پٺيان ٺهيل ڳوٺ جو ماڊل گهميو. هڪ طرف ننڍڙي ڍنڍ نار، گهاڻو ۽ اوطاق هئي ته ٻئي طرف هڪ اميراڻو. باقي پيا غريباڻا گهر ٺهيل هئا. چو طرف هرڻين پئي چانگون ڏنيون. ڪڪڙيون ۽ هڪ عدد ڪتو به نظر آيو، ڪچا گهر، منهه ٺهيل، سڪل وڻ بنديون هڪ مڪمل تصوير هئي سنڌ جي ڳوٺن جي غربت جي ... مان

سوچيندي رهيس، اسان جي سنڌ ۾ هزارين اهڙا ڳوٺ آهن، جتي جا رهواسي زندگيءَ جي بنيادي ضرورتن کان محروم آهن. سنڌ جي ڳوٺ معنيٰ غربت بک... هزارين ماڻهو انگ اگهاڙا ۽ پيٽ بکيا آهن. انهن جي گهرن ۾ اگر سڪو اٽو بہ آهي تہ شڪر ڪن ٿا تہ ان اٽي مان ڍوڍو پچائي هو رکو يا لسيءَ لپ سان کائي پيٽ پريندا. باقي رهيا وڏا شهرتہ ات هر قسم جا مزا آهن. نوڪريون بہ آهن تہ مزدوري بہ جام آهي. هڪ مزدور بہ ڏهاڙيءَ سو ڏيڍ سو ٿو ڪمائي، منجهند جي مانيءَ ۾ برياني ٿو کائي چڱو گهر اٿس. ڳوٺاڻو سنڌي ويچارو پيٽ بکيو ۽ انگ اگهاڙو، پنهنجي اولاد کي ڪشالن سان ڪجهہ تعليم ڏياري ٿو. اهو سنڌي نوجوان جڏهن شهرن ۾ اچي ٿو ۽ روزگار سان لڳي ٿو، چاهي اها ڪلارڪي آهي يا وري آفيسري شهري ماڻهو جي اک جو ڪنڊو ٿي ٿو پوي. اُهو شهري نفرت جي نگاهہ سان اُن ڳوٺاڻي کي ڏسي ٿو. اهو شهري ماڻهو جنهن جو پيٽ بہ پريل آهي ۽ کيسا بہ پريل آهن اُن ڳوٺاڻي جي هٿ مان اُهو اٽيو سٽيو ٽڪر بہ کسڻ چاهي ٿو. ڪڏهن کهڙي روپ ۾ مختلف قسم جون هلائون ڪندو رهي ٿو. حرفتون هلائيندو رهي ٿو. اسان سنڌ جا رهواسي ائين تہ ڪونہ هئاسين. سنڌين جو اصل نسل تہ موهن جو دڙو آهي، جتي نقشي مطابق پڪا گهر هئا، يونيورسٽيون ڪاليج سڀ ڪجهہ هو پڙهيل لکيل محنت ڪش سنڌي هن حيثيت ۾ ڪيئن پڳا؟ ٿورو ڏوهہ پين جو پر گهڻيون ڪوتاهيون سنڌين جون پنهنجون آهن. منهنجي ذهن ۾ خيالن جي پٺيان خيال ايندا رهيا . زهريلا ۽ ڏکوئيندڙ. بس سنڌين کي ڪپي تہ هوان ئي حال ۾ رهن اهڙن ئي ڳوٺن رهن. هن ايٽمي ۽ ڪمپيوٽرائيزڊ دور ۾ انهن کي ڪا بہ چڱائي نہ ملڻ گهرجي. دنيا جي سيني خوشين جا دروازا انهن لاءِ بند هجڻ گهرجن اِ ِ هو سڀ ڪجهہ سوچي منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا مان نڪري ٻاهر بيٺل بس ۾ اچي ويهي رهيس مان نہ پئي چاهيو تہ ان حالت ۾ مونکي ڪير ڏسي. ٿوري دير کان پوءِ ڪجهہ

پينرون آيون ۽ اچي بس ۾ ويٺيون ۽ پنهنجو سامان هٽيڪو ڪرڻ لڳيون. منهنجو ذهن ٿورو هلڪو ٿيو ۽ انهن سان ڳالهيون ڪرڻ لڳس. گهڙيءَ ۾ سڀ بسون پرجي ويون ۽ هي قافلو پنهنجي اڳيئن منزل ڏانهن روانو ٿي ويو. قافلي کي هاڻي ڀٽ ڌڻيءَ تي حاضري ڏيڻي هئي. ڀٽائيءَ سان سنڌين جي ذهني وابستگي آهي. بس ڪجهہ آهي جيڪو شاهہ سائين سان اسان کي ڳنڍيون ويٺو آهي. شاهہ عظيم شاعر آهي، شاهہ دنيا جو وڏي ۾ وڏو شاعر آهي، بس خبر نہ آهي تہ شاهہ ڇا ڇا آهي. سچ پچ وڏو سچ اهو آهي تہ شاهہ سائين سنڌين جوسرواڻ آهي. ڏکن سکن جو ساٿي آهي. هر واٽ جو رهبر آهي. سنڌي اديبن جي تہ شاهہ سائين سان ايتري وابستگي آهي جو ڪوبہ ذڪر ٿيندو ڪا بہ ڳالهہ ٿيندي شاهہ سائين جو حوالو ضرور ڏنو ويندو آهي. شاهہ لطيف هن ڀٽ جو ڌڻي جت حاضري ڏيڻ سان روح ڌڪيو وڃي. اندر ۾ عجيب قسم جي پنهنجائپ ۽ بيچيني جي لهر اچيو وڃي. مان شاهہ سائين وٽ نندپڻ کان وٺي تمام گهڻيون حاضريون ڏنيو آهن. هاڻ بہ جڏهن اسان کي پري کان مزار جو قبو نظر آيو ۽ تاڙين جي آواز ۾ سيني گڏجي زرينہ بلوچ سان ڳائڻ شروع ڪيو آهي ”ڀٽ جا ڀٽائي ڀٽ تي وسئي نور منهنجون تو ڀڄايون“ نہ پڇيو ان وقت اندر جو ڇا حال هو. جيئن جيئن پئي مزار ويجهو اچي تيئن تيئن آوازن ۾ جوش ۽ جذبو وڌندو پئي ويو. شاهہ لطيف اُن زماني ۾ پئدا ٿيو. جڏهن سنڌ ۾ اڄ جي دور وانگر ڏاڍ ۽ ڌهڪاءُ هيو. لڳي ائين ٿو تہ سنڌ جي ڌرتيءَ ڪڏهن بہ سک جو ساهہ نہ کنيو آهي. سنڌ جو هي عظيم شاعر 1689ع ۾ پيدا ٿيو. سندن جاءِ پيدائش ڀٽ شاهہ جي ڀرسان هڪ ننڍو ڳوٺ هالا حويلي آهي. جت هاڻ ٿورڙا گهڻا کنڊر وڃي بچيا آهن. چئني طرف زمينون پوکيل آهن. ڪجهہ سال اڳ اُهي کنڊر مون ڏٺا هئا. اڄ آهن بہ الائجي نہ؟ منهنجي گذارش آهي، سنڌ جي ثقافت ۽ ڪلچر جي کاتي کي تہ اُن جاءِ کي هو قبضي ۾ وٺي ان جي مرمت ڪرائين. اُن تاريخي

ورثي کي بچائڻ اُنهن جو فرض آهي. اُن وقت برصغير ۾ اورنگزيب عالمگير جي حڪومت هئي. شاهہ لطيف پنهنجي شاعري جي حوالي سان هڪ تاريخ لکي آهي، هڪ پيغام ڏنو آهي. هو پاڻ موسيقيءَ جي فن جا ماهر هئا. اُنهن ڪيترائي ساز ايجاد ڪيا، جن ۾ تنبورو بہ شامل آهي. شاهہ لطيف سڄي سنڌ پيرين پنڌ گهميو. سنڌ جا سور پنهنجين اکين سان ڏٺائين، تڏهن تہ سندس شاعريءَ ۾ ايڏو جولان آهي. 1752ع ۾ سندن وصال ٿيو ۽ کين ڀٽ تي ڪراڙ جي ڪپ وٽ دفن ڪيو ويو. سندن مزار جي تعمير ان وقت جي حڪمران غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪرائي_ لطيف سائين جي مزار تي قافلي وارن حاضري ڏني. اتان وري مان ۽ فهميده لطيف سائين جي والد شاهہ حبيب جي مزار تي وياسين. اتان ٿي جو ٻاهر نڪتا سين تہ سامهون هڪ مائي اسان کي سڏ ڪري چيو: "امان پاڪن وٽ بہ پير ڀري وڃون". فهميده پڇيو ان پاسي ڇا آهي؟ مان ٻڌايومانس تہ بيبين جو قبرستان پٺين پاسي ڪان آهي ۽ عورتن ڪانسواءِ اوڏانهن ڪير نہ ويندو آهي. جڏهن اسان ان مائيءَ جي ويجهو وياسين تہ فهميده منهنجو هٿ پڪڙيندي چيو ٻيون سڀ اچن تہ پوءِ ٿا هلون. هن مائيءَ بہ ٻيئي ڳالهايو ۽ بيبين جي قبرستان بابت پئي ٻڌايائين. جهٽ گذري تہ مان فهميده کي چيو تہ ٻين جو انتظار ڇو ڪيون اچ تہ اندرا ٿي اچون. فهميده منهنجو هٿ اجان بہ وڌيڪ زور سان پڪڙيو ۽ چيائين ترس ٻين کي اچڻ ڏي. اچانڪ اسان کي ڪنهن سڏ ڪيو. فهميده چيو هل تہ واپس هلون. مان جواب ۾ چيو تہ هل تہ اندران تڪڙا ٿي پوءِ ٿا هلون. آخر فهميده ڪان رهيو نہ ٿيو. مونکي چيائين هن عورت جي چهري کي غور سان ڏس هاڻ جو مان غور سان ڏٺو، هئي تہ اسان جهڙي عورت مگر چهري تي ايتري وحشت ۽ سختي هئس منهنجي اک اُن جي چهري تي بيٺي ئي ڪانہ فهميده مونکي ٻانهن ڪان ڇڪيو ۽ اسان تڪڙا تڪڙا واپس ٿياسين. پٺيان ان عورت الائجي ڇا ڇا پئي چيو. ويچاريءَ کي ڪجهہ

پئسن جي اُميد هئي، ٿورو اڳتي هلي فهميده مونکي چيو، مان تہ شروع ۾ ئي اُن عورت جي چهري کي ڏسي ڏجي ويس تڏهن تہ توکي پئي چيم تہ ترس تہ ڀيون اچن. دراصل مان اندر وڃڻ ئي نہ پئي چاهيو. مان فهميده کي چيو غربت، بک مٿان وري ڏينهن رات قبرن جي وچ ۾ رهڻ پوءِ ڀلا شڪليون اهڙيون نہ ٿينديون تہ ڪهڙيون ٿينديون. مان ۽ فهميده عمر بن دائود پوٽو ۽ عبدالحسين سانگيءَ جي مزارن تان ٿيندا وڃي شاهہ لطيف جي هجري طرف نڪتاسين ننڍڙين چٽين ۽ ننڍڙن دروازن وارو هجرو جت شاهہ لطيف جو استعمال ٿيل پلنگ بہ رکيل آهي. اِهو سڀ ڪجهہ ڏسندا اسان موٽ ڪاڏي وڃي بسن ۾ ويٺاسين. اهڙيءَ طرح سان پيٽ ڏٽيءَ تي حاضري ڏئي قافلو پنهنجي اڳئين منزل ڏانهن روانو ٿيو.

هاڻ قافلي جي منزل هالا شهر هو. هالا شهر جيڪو علم و ادب وارن جو، پيرن ۽ مريدن جو شاعرن، اديبن جو شهر اڄ بہ پنهنجي اوج جا آثار ڪنيو بيٺو آهي. هالا ۾ قافلي وارن کي منجهند جي ماني ڪائڻي هئي. پر جيئن تہ قافلو ڪراچيءَ مان ئي دير سان نڪتو هو، ان ڪري ان کي هالا پهچندي تقريبن ساڍا چار ٿي ويا هئا، روشن تارا اسڪول جيڪو سنڌ گريجوئيٽ ايسوسيئيشن جو ئي قائم ڪيل آهي. ات سڄي قافلي جي ماني ۽ ويهڻ جو انتظام هو. قافلي جي پهچڻ تي انهن وڏي اڪير سان آڌر ڀاءُ ڪيو، مردن جو الڳ انتظام هو عورتن جو الڳ. اسڪول جي هيڊ ماسترياڻين قافلي جي سيني عورتن کي وڻي ڪلاس رومس ۾ ترتيب ڏنل ڪرسين تي ويهاريو. هو ويچاريون بہ ڏاڍيون ٿڪل پئي لڳيون، انتظار ڪان وڌيڪ ڪو عذاب ڪونهي، شاباس آ انهن ويچارين کي جيڪي صبح کان وٺي انتظام ڪرڻ ۽ پوءِ اسان جي انتظار ۾ ويٺيون هيون. هڪدم گرم گرم ماني ٽيبلن تي لڳائي وئي. ماني ڪائي اسان سڀ آرام سان ٽنگون ڊگهيري ڪرسين ۽ صوفن تي ويهي ڪچهري ڪرڻ لڳاسين. اڃان سفر وڏو هو منزل گهٽي هئي. فهميده تہ اسڪول جي

هيڊ ماسترياڻي سان ڳالهائڻ ۾ پوري هئي. منهنجا ڪن بہ ان پاسي هئا. ان هيڊ ماسترياڻي جيڪا پاڻ بہ نوجوان هئي تنهن ٻڌايو تہ گذريل سال تائين هالا شهر جون نياڻيون ڇوڪرن جي ڪاليج ۾ پڙهنديون هيون، ڳوٺاڻو ماحول هئڻ جي باوجود بہ ٻن سون کان وڌيڪ نياڻيون اُت پڙهنديون هيون. هن سال کان گرلس ڪاليج قائم ٿيو آهي، پر افسوس اُت ٻاهريون اسٽاف رکيو ٿو وڃي، جيڪو ٿورن ڏينهن کان پوءِ بدلي ڪرايو وڃي. ائين ڇوڪرين جي تعليم رُلي ويئي آهي. هن ٻڌايو تہ شهر ۾ ٻہ چار نہ پر پنج ڇهہ سئو ايم اي پاس ڇوڪريون ويٺيون آهن. جيڪڏهن حڪومت هن ڪاليج کي واقعي هلائڻ چاهي ٿي تہ مقامي ڇوڪرين کي نوڪريون ڏئي. فهميده جي پڇڻ تي ان ٻڌايو: هن وقت ملڪ جي مختلف ميڊيڪل ڪاليجن ۾ هالا شهر جون سٺ کان وڌيڪ ڇوڪريون پڙهي رهيون آهن، ٿوري دير ڪانپوءِ مان ادي سلميٰ (ڊاڪٽر سليمان جي گهرواري) ادي فوزيہ، ادي فوزيہ جي پيڻ اڳڻ ۾ پيل ڪرسين تي وڃي ويناسين. عورتن جون تنظيمون ۽ انهن ۾ عورتون ڪهڙو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن. اِهي سڀ ڳالهيون اسان جو موضوع هئا. ادي سلميٰ ڏاڍي بيچين هئي. هن چاهيو پئي تہ هوءَ پنهنجي گهر وڃي ۽ وڃي پنهنجن مائٽن سان ملي اچي. سندس ڪجهہ مائٽ اُت بہ ويٺا هئا. مون کي ٻڌايائين پئي فلاڻو منهنجو مامو آهي، هو منهنجو سوٽ آهي، هو منهنجو ماروٽ آهي، ياسمين پنهنجي والده کي پئي چيو توهان وڃڻ چاهيو ٿا تہ وڃو، وڃي تي اچو، پوءِ دير ٿي ويندي. ادي سلميٰ دل من پئي هٽي، اسان کي ڇڏي وڃڻ بہ نہ پئي چاهي. اِهو بہ پئي چوي الا امان بابا ڇا چوندا تہ هالا آئي بہ ۽ منهن بہ ڪونہ ڏيکاري وئي. اُن وقت گرم گرم چانهہ ٿي آئي ان وقت چانهہ جي سخت ضرورت محسوس ٿي رهي هئي. چانهن ايترو تہ مزو ڏنو جو اسان چانهہ جا ٻہ ٻہ ڪوپ پي وياسين. پيئندي ۽ ڪچهري ڪندي وقت جو احساس ئي نہ رهيو تہ سڏ شروع ٿي ويا. هلو

هلو هاڻي بسن ۾ هلي ويهو. اسان سيني اُٿڻ جي ڪئي، سامان سنڀاليو. اجان در تائين مس پهتاسين ته خبر پئي ته هڪ بس ۾ ڪا خرابي ٿي پئي آهي، اها اسٽارٽ ئي ڪانه پئي ٿئي. اسان کي حڪم مليو ته واپس هلي ويهو. اسان جڏهن واپس آياسين ته فهميده چيو ته سلطانه هلو ته هالا بازار مان ڪجهه خريدار ڪريون هاڻ ته ڪافي وقت آهي. خبر نه آهي ڪيڏي مهل بس ٺهي اسان وچي ادي سلميٰ کي پروگرام ٻڌايو ۽ هوءَ به هلڻ لاءِ تيار ٿي. اهڙي طرح سان ليليٰ، وينا شرنگي، فوزيه، نسرين، پروين سومرو ۽ ٻيون ڪيتريون پيٽون هلڻ لاءِ تيار ٿيون. ات ادي سلميٰ وري پريشانيءِ مان چيو هالا ۾ ته مان برقعو پائيندي آهيان. ٻاهر ڪيئن هلان، ياسمين (سندس نياڻي) چيو هتان جي ماسترياڻين مان ڪنهن جو برقعو وٺي ڏيانءِ. ادي سلميٰ هڪدم چيو پلا ڇا ٿي پيو سڀ گڏجي پيو هلون. پلا مان ٺهندس جو وچ ۾ برقعو پائي پئي هلان. وڏيون چادرون ته هونئن اسان کي اوڍيل آهن. مان مذاق ۾ ڪلي چيو مانس، نه نه توهان کي برقعو پائڻ ڪپي توهان تمام سٺا لڳندا. اهڙي طرح سا ن اسان ڪلندا ڳالهائيندا ٻاهر نڪتاسين. مان ۽ فهميده هڪ گاڏي ۾ ويٺاسين. ادي سلميٰ، وينا شرنگي، ليليٰ ۽ ٻيون پينرون هڪ وين ۾ وچي ويٺيون. اسان نڪتا جو الڳ هئاسين ته مختلف دڪانن تي وچي پڳاسين. فهميده پنهنجن ڌين لاءِ سوسيءَ جا جوڙا ۽ پنهنجي گهرواري لاءِ ڪاڏيءَ جا ڪپڙا ورتا. ٿوري گهڻي خريداري ڪري اسان واپس آياسين. واپس اچڻ ڪانپوءِ خبر پئي ته مون واري ليليٰ ته اج الله ڏي پئي وئي. ٿيو ائين جو ليليٰ جيڪا جسم ۾ ٿوري صحتمند آهي. ٻيا ته سڀ وين ۾ تڪڙا تڪڙا چڙهي ويا، ۽ هو آخر ۾ چڙهي. وين واري سمجهو ته شايد سڀ ويهي رهيا آهن، سو ان ڪٽي وين هلائي، ان وقت ليليٰ جو هڪ پير اندر هڪ پير ٻاهرهو. بس قدرت هئي جو ليليٰ کي عقل اچي ويو هن مضبوطيءَ سان وين کي جهلي ورتو. وين ۾ به ويٺلن هن کي پڪڙي ورتو ۽ وٺي رڙيون

ڪيون، جنهن تي وين واري وين کي بيهاريو. ليليٰ هن واقعي کان پوءِ ماٺ ٿي ويئي. هوءَ ويچاري منهنجي ڪري آئي هئي. هن جي ڇهري تي ڪاوڙ ۽ منهن تي ڳنڊ پيو هو. ڪجهه ڪڇي ته نه پئي پر اهو محسوس ٿيو پئي ته هوءَ پاڻ کي اڪيلو محسوس پئي ڪري. ڀلا مان به ڇا ڪريان. مان به ته هن سان گڏ ويهي نه پئي سگهان. هت قافلي ۾ هلندڙ ڪوڙ سارين منهنجون ساٿياڻيون هيون. مان سيني سان ڪچهري پئي ڪئي. مان پنهنجي طبيعت کان مجبور هئس ۽ هوءَ پنهنجي طبيعت کان مجبور هئي. هاڻ بس به تيار ٿي چڪي هئي. قافلو پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانو پئي ٿيو. قافلي کي هاڻ موري پهچندي رات جا ساڍا نوَ ٿي چڪا هئا. هاڻ ٿڌ به وڌي وئي هئي. سيني سوئيٽر ۽ شالون ڪڍيون ۽ پاتيون. موري ۾ قافلي جو آڌر ڀاءُ اتان جي سگا جي ميمبرن ۽ روشن تارا اسڪول وارن ڪيو. هالا روشن تارا اسڪول جي عمارت ڪافي وڏي هئي. موري واري اسڪول جي عمارت به ڪافي ڪشادي هئي. اها ڳالهه ته واضح آهي ته سگا هڪ سماجي ادارو آهي. خاص طرح انهن جيڪي اسڪول کوليا آهن اها ڏاڍي سٺي ڳالهه آهي. سچ به ته اهو آهي ته ڪنهن به قوم ۾ اگر خوشحالي آڻڻي آهي، يا سجاڳي آڻڻي آهي ته ان لاءِ پهريون قدم علم آهي. علم شعور پيدا ڪري ٿو. علم سان انسان کي حق ۽ ناحق جي خبر پوي ٿي. ائين ڪٿي چئجي ته علم اهو سنڌو آهي، جنهن سان قومون پنهنجا طرف ۽ لاڙا مقرر ڪنديون آهن. اسان جي سنڌ ۾ اڃان به تعليم جي کوٽ آهي. خاص ڪري نياڻين جي تعليم جي. سگا وارن جا هي اسڪول ڏسي ڏاڍي خوشي ٿي. هي ته اڃا ابتدائي قدم آهن. اهڙا ڪيترائي قدم اڃا به کڻڻا آهن، منزلون ماڻڻ لاءِ پنهنجي قوم کي سڌارڻ لاءِ، جاڳرتا جي جوت لاءِ اڃا به گهڻيون علم جون روشنيون ڦهلائڻيون آهن...... روشن تارا اسڪول ۾ اندر کليل ميدان ۾ ويهڻ جو انتظام هو. سچل سرمست جي شعر سان سجايل خوبصورت آجيان وارا بينر لڳا پيا

هئا ات قافلي وارن لاءِ چانهہ جو انتظام هو. اها چانهہ قافلي وارن کي شام جو پيئڻي هئي. جيڪا اسان رات جو ڏهين وڳي پيتي، وقت جو تہ ڪو احساس ئي نہ رهيو هو. قافلي وارن لاءِ رات ۾ ڏينهن هڪ ٿي پيا. جيئن تہ ڪافي گهڻو سيءُ هو ۽ ميدان بہ ڪليل هو. ان ڪري ڪيترين عورتون ڪرسيون سيري وڃي ويراندي ۾ ويٺيون. سگا جي موري جي ميمبرن، ڊاڪٽر سليمان شيخ، گوبند مالهي، قيمت راءِ، وينا شرنگي، نندڙو ڊاڪٽر اعظم ٻگهيو، انهن سيني پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. تقريرون ٻڌي هاڻ قافلو پريا روڊ روانو ٿيو. موري مان جڏهن بسون روانيون ٿيون ان وقت ڊاڪٽر سليمان شيخ، سليم ميمڻ، برڪت علي چوهاڻ، ممتاز علي ڪلهوڙي ٻين اهو فيصلو ڪيو تہ هاڻ عورتن جي الڳ بس نہ هجي رات جو پهر آهي، حالتون بہ صحيح نہ آهن، اُن ڪري هاڻ عورتن جي بس ۾ ڪجهہ پائرن جو هجڻ ضروري آهي، فهميده خورشيد عباسي، فوزيہ ميمڻ، شاهده گهانگهرو، نسيم ۽ انيس حيدري مونڪي ۽ ٻين ڪجهہ ڀينرن کي لاهي ٻي بس ۾ ويهاريو ويو ۽ اسان جي جاءِ وڃي ڪن پائرن ورتي. هاڻ اسان ان بس ۾ هئاسين، جنهن ۾ سڀ خاص مهمان هئا. رات جو وقت هو چئني طرف خاموشي ڦهليل هئي. بسون پنهنجي سفر تي روانہ هيون. مان ۽ فهميده ڪچهري ڪرڻ ۾ مشغول هئاسين، اهو سڄو ڏينهن مان ۽ فهميده گڏ وينا هئاسين. سفر جي دوران اسان ٻنهي ڏاڍي سٺي ڪچهري ڪئي.اندر جا حال اورياسين پنهنجون ڳالهيون ٻڌڻ جو ڳالهيون. بس اسان پنهنجو اندر ڪدي هڪ ٻئي جي سامهون رکيو هو. زندگيءَ جي انيڪ خوبصورتين، بدصورتين ڏکن سکن جو ڳالهيون اسان پاڻ ۾ ويهي ڪيون. هونئن بہ فهميده مان پاڻ ۾ گهٽا ٿهندا آهيون. اڪثر جڏهن فون تي ڳالهائيندا آهيون تہ ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڇنو. اج بہ اسان کي موقعو مليو هو حال اورڻ جو. انيڪ ڳالهيون ڪندي چڻ تہ هانو ئي هلڪو ٿي پيو هو. ڪن ڳالهين ڪندي اسان جا ٽهڪ پئي نڪتا تہ

کي ڳالهيون کندي اسان جا پيٽ پئي پڳا، وقت ۾ حالتون انسان کي کيترن ئي موڙن تي وٺي ٿيون وڃن. کيتريون ڳالهيون نہ ڪرڻ جهڙيون نہ سلهڻ جهڙيون، پر جي ملي وڃي ڪو پنهنجو تہ پوءِ دفتر کليو وڃن. سچ پچ لکندڙ سان هڪ وڏي ويڌن اها بہ آهي تہ هو دنيا جا سور سنڀالي يا پنهنجا، لکندڙ بہ تہ هن معاشري ۾ رهندڙ هڪ فرد آهي، هڪ حساس ۽ ڏات رکندڙ فرد جي حوالي سان هو پٽيون پوڳنائون ٿو پوڳي، پاڻ تي ٿيندڙ پوڳنائون هو هڪ تہ لکي نہ ٿو سگهي. اگر لکي بہ ٿو تہ حوالا ٻين جا ٿو ڏئي ۽ ڪردارن جا نالا ٿو مٽائي ايترو ڪجهہ ڪرڻ جي باوجود بہ اگر ڪير ان لکت کي سمجهي وڃي تہ هي ڪنهنجي لاءِ لکي ويئي آهي تہ پوءِ سائين بس مصيبت، لکندڙ جو ٻج ٻج پٽيو ٿو وڃي. اهو ڪيڏو نہ ظلم آهي تہ دنيا جون ڳالهيون لکو، پرايا سور پٽيو پر پنهنجي ڳالهہ نہ ڪيو پنهنجا سور نہ سليو، پنهنجو هانءُ کولي ڪنهن کي نہ ڏيکاريو.

پريا ڏانهن ويندي واٽ تي قافلي وارن کي هڪ وڏو ايڪسيڊنٽ نظر آيو. ڪجهہ پوليس وارا ۽ ڳوٺاڻا اُتي بيٺا هئا. اسان مان هر ڪنهن جي دل ۾ اهو هٽڪو هو تہ الائي ڪير هئا؟ الائجي ڪهڙي حالت ۾ هوندا؟ اسان مان ڪيترن بس جي درين مان جهاتي پاتي ٻاهر ڏٺو ٻاهر انڌوڪار لڳي پئي هئي، حادثو ٿيل گاڏي بيٺي هئي ۽ اسان جو قافلو پنهنجي منزل ڏانهن روانو ٿيو هو. دنيا جي هن وهندڙ وهڪري ۾ جيڪو بيهي ويو بس اُهو بيٺو ئي رهيو. وقت جا قافلا پنهنجي منزل ڏانهن روان دوان هوندا آهن. ڪير بہ ڪنهن جو انتظار نٿو ڪري. قافلي وارن کي سڄي ڏينهن جو ٿڪ، ننڊ جوغلبو، سيڪو ماٺ ڪيو پنهنجي سيٽن تي ويٺو هو. آخر پريا روڊ بہ اچي ويو. وسيع ڪشادي بنگلي جي چوڌيوار اسان جون بسون اندر هليون آيون. پري کان ئي شاميانہ نظر آيا. ويجهو اچڻ تي ڏٺو سي تہ چئني طرف صاف سٿرا کٽن تي هنڌ وڇايا پيا هئا. بنگلي جي اندر عورتن جي لاءِ انتظام هو. پريا ۾ قافلي جو ميزبان مراد علي شاهہ هو.

رات جو وقت، ٽڏ جو زور، ٽڪ ۽ ننڊ. رات جا ٻارنهن ٿي چڪا هئا. دل پئي چاهيو سوڙن ۾ گهڙي خاموشيءَ سان سمهي پئجي. ان ويل حڪم ٿيو ماني تيار آهي، اها اچي ڪائو هاڻ پلا ڇا ڪجي؟ پيٽ ۾ تہ گنجائش ئي ڪانہ هئي، پر اخلاقن سات ڏيٺو هو. ٻاهر هڪ وڏي شاميانې ۾ مانيءَ جو انتظام هو. مان السرجي مريض هلڪي ڪاڏي ڪائڻ واري. ڏسندي ويس ڪاڏي ڪي تہ من منهنجي ڪائڻ جي ڪا شيءِ هجي. ڪاڏي ۾ طعامن جو تعداد ايترو تہ گهڻو هو، جو سمجهہ ۾ نہ پيو اچي تہ ڇا ڪائجي. اهو ڪهڙو طعام هو جيڪو موجود نہ هو. مان بہ ڪڪڙ جو اچو ٻوڙ ۽ ٿورا چانور ڪڻي وجي ڪنڊ ورتي. ڏنم هر ڪنهن پئي چيو بڪ ڪانهي پر ڪائڻ ۾ سڀ پورا هئا. ماني بہ ڏاڍي لذيذ هئي. سفر ۾ هونئن بہ هرويرو ڪائڻ لاءِ دل چوندي آهي ۽ جت هجن اهڙا طعام ۽ بندوبست تہ پوءِ ڪير ٿو چپ ڪري ويهي. ات ڪن ياڻرن ائين چيو تہ اسان جي ڪائڻ جي رفتار اها رهي تہ پوءِ اسان جي هاضمن جو ڇا حال ٿيندو؟ڪن ائين بہ پئي چيو هاڻ تہ ڪائي وٺون پوءِ جي ڳالهہ پوءِ ڏٺي ويندي. وينا شرنگي ۽ سندس پيڻ تہ رڳو ياڃيون پئي ڪاڏيون. ماني ڪائي اسان اندر وڏي هال ۾ ڪرسين ۽ صوفن تي اچي ويناسين. اسان تہ هئاسين حڪم جا بندا ۽ اسان تي حڪم هلائڻ وارا هئا مظهرميمڻ ۽ سليم ميمڻ. سڀ ڪان پهريون مهمانن لاءِ بندو بست ڪيو ويو. وينا شرنگي ۽ سندس پيڻ کي ڪمرو ڏنو ويو. هو پنهنجا ٽپڙ ڪڻي ڪمري ڏانهن روانيون ٿيون. اسان بہ پنهنجي واري جو انتظار پئي ڪيو. جهٽ ڪان پوءِ سليم ميمڻ مونکي سڏ ڪيو ۽ چيائين ويناشرنگيءَ واري ڪمري ۾ توهان وڃو. اندر ڪمري ۾ ٽي پلنگ هئا مان بہ وڃي خالي پلنگ تي قبضو ڪيو. سامان هتيڪو هڪ جاءِ تي رکي ٽوال ڪڻي مان باٿ روم ۾ منهن ڌوئڻ ويس، منهن ڌوئي جڏهن ٻاهر نڪتس تہ ڏٺم خورشيد عباسي پنهنجي پاٽيجي عرفان سان گڏ منهنجي پلنگ تي قبضو ڄمائي ويٺي آهي، توهان هتي ڪئين؟

خورشيد چيو مونکي بہ هيڏانهن موڪليو ويو آهي. مان خورشيد کي چيو مهرباني ڪري مونتي ظلم نہ ڪر، هي تہ منهنجو پلنگ آهي. ائين چئي مان تڪڙي ٽپ ڏئي پلنگ تي چڙهي، سوڙ متان ويجهي سمهي پيس. هاڻ خورشيد ويچاري ڇا ڪري. مان بہ سوڙ مان ليئو پائي سڀ لڪاءُ پئي ڏٺو. ان وقت نسيم حيدري، شاهده گهانگرو ۽ انهن سان گڏ ٻيون بہ ڇهيون آيون ات وڇايل قالين تي هنڌ وڇائڻ شروع ڪيا. خورشيد وينا شرنگي جي ڀيڻ کي چيو تہ مان توهان سان گڏ سمهان چو تہ اهو پلنگ ڪافي موڪرو هو. هن خوشيءَ سان هائوڪار ڪئي. خورشيد منهنجي پلنگ ڏي آئي ۽ منهنجي منهن تان سوڙ لاهيندي چيائين. ادي سلطانہ مونکي خبر آهي توهان جاڳو پيا. عرفان کي توهان پاڻ سان گڏ سمهاريو ائين ڪٿي سمجهو تہ توهان جو پٽ امر توهان سان گڏ ستو پيو آهي. عرفان اڇي منهنجي پاسي ۾ ستو ۽ منهنجو ذهن وڃي ڪراچي پڳو. مان پهريون دفعو پنهنجن ٻارن کان جدا ٿي هئس. منهنجو پٽ امر تہ مون کان سواءِ سمهندو ئي نہ آهي. ان کي ننڊ ئي نہ ايندي آهي. جيستائين مان ان جي پر ۾ نہ وڃي سمهان. منهنجي ڏيءُ روماسہ بہ مون کي ياد اچڻ لڳي. اهي سڀ ڳالهيون سوچيندي سوچيندي مونکي ننڊ ڪٿي ويئي. جڏهن منهنجي اک کلي ۽ ٽائيم ڏٺم ساڍا ڇهہ ٿيا هئا. ڪمري ۾ سڀ ستا پيا هئا، صرف خورشيد ڪانہ هئي. سمجهيم تہ باٿ روم هوندي. گهڙيءَ ڪان پوءِ خورشيد باٿ روم مان بلڪل تيار ٿي نڪتي. مونکي جاڳيل ڏسي چيائين توهان بہ اٿي جلدي تيار ٿي وڃو پوءِ وارو نہ ملندو چو تہ باٿ روم گهٽ آهن. مان بہ تيار ٿيڻ لڳيس تيار ٿي ڪمري مان نڪري وڏي هال ڏي آيس تہ فهميده تيار ٿيو، هڪ تول وهاٽي کي ٽيڪ ڏيو اکيون بند ڪيون ويٺي آهي. مان سمجهيو تہ ويٺي ويٺي ننڊ کڄي وئي اٿس. اتي ئي فهميده ڇڪون ڏيڻ شروع ڪيون. ڏٺم تہ فهميده جي هٿ ۾ ڪافي ٽشو پيپر هئا، مان فهميده کان پوڇيو هي ڇا؟ فهميده ٻڌايو تہ

ڪيس سائنس آهي. خاص ڪري صبح جي وقت ذري گهٽ پنجاه سٽ چڪون ڏينديون آهي. روزانو هڪ دٻو ٽشو پيپرن جو خراب ڪندي آهي. مان وجي فهميده جي پير ۾ ويٺس. آهستي آهستي سيڪو اٿڻ لڳو پوءِ سائين قطارون لڳي ويون. هر ڪو پيو چاهي ته هو باٿ روم وڃي ۽ تيار ٿيئي ۽ باٿ روم ۾ اندر ويندڙ وري ٻاهر اچڻ جو نالو ئي نه پيو وٺي. ان ويل مان شڪر ڪيو ته اسان ته تيار ٿي وياسين. چانهه ٿهي آئي. فهميده چانهه سان گڏ دوائون پئي کاڌيون. ان کان پوءِ فهميده جيجي زرينه ۽ ٻيون ڪجهه ڀينرون ٻاهر نڪري ويون هاڻ مان فون جي پڇا ڪئي. خبر پئي ته هٽ ڊائريڪٽ ڊائل فون آهي. جيڪو قافلي جي ميزبان پنهنجي خرچ تي لڳرايو آهي. مان بنگلي جي مينيجر کي چيو ته مونکي ڪراچي ڳالهائڻو آهي. ان ويچاري چيو حاضر امان توهان آفيس ۾ هلي فون تي ڳالهائيندا يا مان هٽ فون کڻي اچان. مان چيو مانس ٿوري دير ترسو مان سوچيو اجان سويل آهي. پل ٻار ننڍ مان اٿن ته پوءِ فون ڪندس. وڏي ڳالهه ته فهميده به پئي اچي چو ته ان کي به پنهنجن ٻارن سان ڳالهائڻو هو. خاص طرح سان سندس ڌيءَ ارونا سان ڳالهائڻو هو. جنهن جي ان ڏينهن سالگرهه هئي. فهميده مونکي ٻڌائي چڪي هئي ته ارونا ڏاڍي اداس هئي، چو ته فهميده جو گهر وارو به ملڪ کان ٻاهر ويل هو ۽ هوءَ پاڻ قافلي سان گڏ هلي آئي هئي. ان ارونا سان واعدو ڪيو هو ته مان تنهنجي لاءِ تحفو وٺي ايندس ۽ جت به هوندس فون ڪري توکي سالگرهه جي مبارڪ ضرور ڏيندس. فهميده جڏهن گهمي فري واپس آئي ته سندس هٿ ۾ ڪٽڪ جي سنگ ۽ ڪپهه جا ٻوٽا هئا. ان ٻڌايو ته هي شيون اسانجا ٻار شهرن ۾ ڏسن ئي ڪونه. انهن کي ڏيکارڻ لاءِ مان کڻي آئي آهيان. مان ڪيس چيو هٽ فون جو انتظام آهي. هل ته هلي فون تي ڳالهايون.

پهريون مان فون ته ڳالهايو. پاپي شاهده مونکي ٻڌايو ته ٻار بلڪل خوش آهن. اُٿي تيار ٿي حلوو پوري وٺڻ ويا آهن. مان پاپي کان پڇيو

مونکي ياد ڪن ٿا؟ پاپي ٻڌايو بلڪل ياد ڪونہ ٿا ڪن. مس مس تہ ويچارن جي توهان مان جان ڇٽي آهي. هو آزاد ٿيا آهن. ڏاڍا خوش آهن. تون پلي اٿ ڏينهن نہ اچ اسان کي تنهنجي ضرورت ئي ناهي. پاپيءَ سان فون تي ڳالهائي دل کي سڪون مليو. اندر ۾ جيڪا بيچيني هئي سا ختم ٿي ويئي. هاڻ فهميده پنهنجي ڌيءَ ارونا سان فون تي ڳالهايو. ڪيس ساگرهہ جي مبارڪ ڏني، ٻين ٻارن جي خيريت معلوم ڪئي. فون تي ڳالهائي ٻاهر نڪتاسين تہ خبر پئي تہ ناشتو تيار آهي. ناشتي جو وڏو اهتمام هو، چا ڳالهہ ڪجي. ناشتو ڪري مان ٻاهر بنگلو گهمڻ نڪتس. چئني طرف وڻ ۽ ساوڪ هئي. خوبصورت رنگن جا گلاب جا ٻوٽا بہ پوکيل هئا. جن ۾ گلاب ٽڙيا پيا هئا. ادا نثار حافظ اٿ ٻڌايو تہ، هتان روزانہ گلاب جا تازا گل صبح جو سوير پٽي هڪ ماڻهو ڀٽ شاهہ تي لطيف سائين جي مزار تي کڻي ويندو آهي. اهو سلسلو مراد علي شاهہ صاحب جي ابن ڏاڏن کان وٺي جاري آهي. هڪ دفعي چا ٿيو جو برسات پئجي ويئي ۽ موسم بہ ڪجهہ اهڙو هو جو گلاب جا گل هئا ڪونہ. صرف هڪ بہ گلاب جا گل مليا، گلاب چوندڙ واري مراد علي شاهہ جي والد (جيڪو ان وقت حيات هو) ان وٽ آيو ۽ چيائين سائين اڄ تہ گلاب جا گل آهن ئي ڪو نہ صرف هڪ بہ مليا آهن. ان صاحب حڪم ڪيو تہ جيترا بہ گل هجن کڻي وڃو پر پيٽ ڏٽيءَ تي ناغو نہ پوڻ گهرجي.

**"جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پرينءَ جي"**

ناشتو ڪري سپ واندا ٿيا. مان سمجهيو تہ بس هاڻي روانہ ٿينداسين. اجا تائين اسان کي ڪوبہ حڪم نہ مليو هو. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ قيمت راءِ سنگهاڻي صاحب جو ڳوٺ پريا جي پرسان آهي. سو هو پنهنجو اباڻو گهر ڏسڻ ويو آهي. هو صبح جو سوير نڪري ويو آهي. چاڻ ڪي آيو. جڏهن قيمت صاحب موٽي آيو تہ ٻڌايائين تہ سندس اباڻي گهر ۾ ڪي هندو رهن ٿا. اُنهن جو هن صاحب کي ڏنو تہ

سمجهائون متان هي واپس آيو آهي. يا گهر تي قبضو ڪرڻ آيو آهي. سو اُهي ويچارا پريشان ٿي ويا. جڏهن قيمت صاحب کين ٻڌايو تہ مان صرف پنهنجا اباڻا ڪک ڏسڻ آيو آهيان مون کان ڊڄو نہ. قيمت صاحب جي اُن ويل ڏُک ۽ خوشيءَ واري عجيب ڪيفيت هئي، جيڪا بيان نہ ٿي ڪري سگهجي. قافلي وارا سامان کڻي بسن ۾ چڙهڻ لڳا ۽ هي قافلو هاڻ پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانو ٿي ويو.

قافلو هاڻ ڪوٽڙي ڪبير روانو ٿيو. اتي قافلي جي آڌر ڀاءُ ميان غوث محمد پيرزادي ڪيو. ميان صاحب جن زميندار آهن. پر کين علم ادب سان چاهہ گهڻو آهي، ڪوٽڙي ڪبير ۾ سوين ايڪڙ زمين انهي اسڪول ۽ ڪاليج ٺاهڻ لاءِ وقف ڪر ڇڏي آهي. هڪ وڏي لائبريري بہ قائم ڪئي آهي، جتي عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جا هزارين ڪتاب موجود آهن، ڪيترائي تاريخي ۽ قيمتي ڪتاب اُتي موجود آهن. لائبريري سان گڏ هڪ ننڍو ميوزم بہ آهي، اُن ميوزم ۾ سوين سال پراڻا نوادرات موجود آهن، قبل مسيح جا قديم خط، ڪلن تي لکيل خط، قديم ۽ تاريخي ڪتاب جا نسخا، پراڻا سڪا، ٽانو زيور، سنڌي ۽ فارسي جي قديم رسم الخط جا نمونا ڪجهہ اهڙيون شيون بہ هيون جيڪي وقت پوڻ سان پٿر ٿي ويون آهن. اهڙي قسم جو شيون اُتي موجود هيون. خاص ڪري وڻ جا ٿڙ جيڪي پٿر ٿي چڪا هئا، انهن کي ڏسي ڏاڍي حيرت ٿي، هن ميوزم ۾ شاهہ لطيف جي ذاتي استعمال جا ٿانو بہ رکيل آهن، اِهو سڀ ڪجهہ ڏسي محترم غوث بخش پيرزادي کي داد ڏيڻ کانسواءِ رهي نٿو سگهجي، هڪ ڪمي جيڪا مون محسوس ڪئي انجو پورائو ضرور ٿيڻ گهرجي لائبريري تي ريسرچ ورڪ ٿيڻ گهرجي. دورن جي حساب سان هتان جي ڪتابن ۽ مختلف خطن کي ورهائجي.

ڪتابن ۽ پراڻن قيمتي نسخن جي باري ۾ اهاڃاڻ ضروري آهي تہ اهي ڪهڙي دور ۾ ڪهڙين حالتن ۾ ۽ ڪنهن لکيا، ان ۾ ڪو شڪ نہ

آهي تہ اها لائبريري انهن ماڻهن جي اُڄ وسائي سگهي ٿي جيڪي علم ادب جا اُڃايل آهن.

سڀ ڪجهہ ڏسي گهمي ڦري، چانهہ پاڻي پي هاڻ سڀ ڪو اچي شاميانن ۾ ڪرسين تي ويٺو. اُن وقت ڊاڪٽر سليمان شيخ اخبار پڙهي اداس ٿي ويو. هو پاڻ اُٿي مائيڪ تي آيو ۽ چيائين تہ رات اسان جي قافلي کي رستي ۾ جيڪو ايڪسيڊنٽ نظر آيو اُن ايڪسيڊنٽ ۾ اسان جو پيارو ساٿي ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ صاحب انتقال ڪري ويو آهي. اجان ٽيون ڏينهن هو اسان جي پرل ڪانٽيننٽل هوٽل ۾ سيمينار ۾ آيو هو، اسان سيني سان مليو هو ۽ ڪچهري ڪئي هئائين. ڪالهہ رات اتان لنگهڻ وقت اسان کي ڪهڙي خبر تہ هي حادثو اسانجي پياري ساٿيءَ سان ٿيو آهي ۽ هو اسان کي وڇوڙو ڏئي ويو آهي. ڊاڪٽر صاحب سان گڏ سڀني قافلي وارن مرحوم ڊاڪٽر رسول بخش ميمڻ جي لاءِ دعا گهري.

ڪوئيٽا ڪبير ۾ بلوچستان پنجاب، سرحد ۽ هندستان مان آيل مهمانن پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو. انهن سيني جي اها راءِ هئي تہ اهڙا قافلا جن ۾ پڙهيل لکيل ۽ سمجهو ماڻهو آهن هرسال گڏ ٿيڻ کپن چو تہ ٽٽل دلين کي جوڙڻ جو تعلق صرف ۽ صرف خلوص ۽ محبت آهي. اسان کي غفلت جو شڪار نہ ٿيڻ گهرجي. جڏهن انسان محبت جا رشتا وساري ٿو ڇڏي تہ پوءِ هو خود غرضيءَ جي ضد ۾ اچي نفرتن جي بار هيٺيان دٻجي ٿو وڃي. اڄ اَسان هڪ ٻئي جي ڪنڌ ۾ هٿ ويجهو ويٺا آهيون، اُهي سڀ نفرتون اسان وٽ الائجي ڪٿان آيون آهن، اُنهن کي ختم ڪرڻ لاءِ علم سان دوستي، علم سان با خبر هجڻ ضروري آهي. انهن سيني ڳالهين جو ذميوار اَسانجو سماج آهي. اگر سڳا جهڙا ادارا اڳتي وڌي ههڙا محبتن جا قافلا ترتيب ڏين ٿا تہ اسان کي بہ گهرجي تہ اسان پنهنجي ليکي انفرادي ڪوششون ڪيون. انهن اِهو بہ چيو تہ علم ادب ۾ سنڌ جو مان مٿانهون آهي. ماڻهن ۾ سمجهہ ۽ عقل آهي تڏهن تہ هيڏو پري اسان

کي ڪوٺڙي ڪبير جهڙيون لائبريون نظر اچن ٿيون. اسان کي تاريخ کي محض لائبريري ۽ آثار قديم تائين محدود نہ ڪرڻ گهرجي. بلڪ تاريخ کي پنهنجي خون ۾ شامل ڪري اڳتي وڌڻ گهرجي. هي سڀ تقريرون ٻڌي قافلو سچل جي نگري ڏانهن روانو ٿيو.

سچل جي نگري قافلي جي اهم منزل هئي. سگا وارن سال 1989ع کي سچل جو سال قرار ڏنو. هن محبت ۽ امن جي قافلي جو نالو بہ سچل قافلو هو. سچل سائين 1739ع ۾ پيدا ٿيو. سندن اصل نالو عبدالوهاب هو. سچل ۽ سچوءَ جي نالي سان شاعري ڪئي اٿائين. هن شاعري جي سڀ کان وڏي خوبي سچ جي صدا ۽ ڪوڙ کان بغاوت جو نالو آهي، هي اهو شاعر آهي جنهن جي لاءِ شاهہ لطيف چيو هو تہ مون جيڪو ڪنو چاڙهيو آهي، اُنجو ڍڪڻ هي ٻار لاهيندو. سچل سائين ڪيترين ئي ٻولين ۾ شاعري ڪئي، سندس شاعري سماج جي ناهيل هٿ ٺوڪيل روايتن ۽ مذهب جي نالي تي ماڻهن کي ٺڳيندڙن لاءِ هڪ جنگ آهي.

سچل سرمست جي مزار تي قافلي جو جهڙي طرح پرجوش نموني سان آڌرڀاءُ ڪيو ويو سو لکڻ کان مٿي آهي.... زرينہ بلوچ سان گڏ سڀ سرتيون بسن مان ڳائينديون لٿيون:

”ڪو ڪيئن چوي ڪو ڪيئن چوي آءٌ جوئي آهيان سوئي آهيان“

سگا جي گمبٽ شاخ طرفان نهايت ئي خوبصورت انتظام ٿيل هو. رستي کي ٻنهي پاسن کان خوبصورت جهنڊين سان سينگاريو ويو هو. قافلي وارا لهندا ويا ۽ انهن مٿان گلن جي ورکا ٿيندي وئي. اُت گيڙوءَ رتي لباس ۾ سچل جا فقير موتين جون مالاهون پايو، تنبورا ۽ دهل وڄائيندا، ڳائيندا نچندا قافلي وارن کي سچل سائين جي مزار ڏانهن وٺي وڃڻ لڳا. اتي مان سائين تنوير عباسي ۽ مصطفيٰ قريشي کي بہ ڏٺو. سڄي رستي تي ڳاڙها غلم وڇايا پيا هئا. مان لکي نٿي سگهان ۽ پڙهندڙ بہ تصور نٿا ڪري سگهن تہ اُت ڪيڏو مزو هو. دلين جو ڇا حال هو، جذبن جو سمنڊ

هو. اسان سپ قدم سان قدم ملائي اڳتي وڌندا پيا وياسين. سچل سائين جي مقبري ۾ اندر ٻيون به ڪافي مزارون آهن جيڪي سندن جانشينن جون آهن. ماڻهن جا انبوه جاءِ ٿوري. سپ آهستي آهستي اندر حاضري ڏيڻ لڳا. حاضري ڪانپوءِ مزار سان گڏ هڪ ڪليل ميدان ۾ مهمانن جي ويهارڻ جو بندوبست ٿيل هو.

گمبٽ شاخ وارن اتي قافلي وارن لاءِ آڌر ڀائي تقريرون ڪيون. ان ڪانپوءِ فقيرن جو ڳائڻ شروع ٿيو. فقيرن جي ڳائڻ سان ايڏو ته وجدتاري ٿي ويو جو پنڊال مان ڪيترن بي اختيار ٿي ڌمال هنئي. ڌمال هڻدڙن ۾ ڊاڪٽر سليمان، ناصر مورائي، ننڍڙو ڊاڪٽر اعظم ٻگهيو، (ڊاڪٽر اعظم ٻگهيو ڊاڪٽر الله رکئي ٻگهئي جو پاءُ هو. ڏاڍو ايڪٽو ميمبر هو سگا جو، نوجوانيءَ ۾ ئي وفات ڪري ويو.) ماستر غلام حيدر کان علاوه ٻيا مقامي ماڻهو به هئا. ماستر غلام حيدر ته صفا مدهوش ٿي ويو. جلد ئي ڳائڻ وڄائڻ جو پروگرام ختم ڪيو ويو ڇو ته منجهند جي نماز جو ٽائيم هو نماز ڪانپوءِ سگا شاخ طرفان ڪاڌي پيتي جو انتظام هو. ڪاڌي ۾ بادام ، پستا، اخروٽ نيزا، اوباريل بيدا، روسٽ، ڪڪڙيون، ڪيڪ، چانهه، ڪافي ۽ ڪوڪو ڪولا شامل هئي، هن عجيب ۽ منفرد ڪاڌي، سيني ڪي ڏاڍو مزو ڏنو. قافلي وارن ته ٻوڙ پلاءُ ته ڪالهه کان وٺي پئي ڪاڌا، هنن شين ڪي ڪائڻ ۾ سيني ڪي ڏاڍو مزو آيو. ميزبانن جي ميزباني جو ته هي حال هو جوڪن جي هٿن ۾ ڪوڪ جو ڪريٽون هيون ته ڪن جي هٿن ۾ ڪافي ۽ چانهه جا ٿرماس هئا. جيڪا شئي جنهن گهر پئي ڪئي ان لاءِ حاضر هئي... مان ۽ فهميده پاڻي ڳولهيندا ٿورو اڳتي وياسين ته ڪي ماڻهو ديگيون چاڙهيون ويٺا هئا. معلوم پوڻ تي خبر ته هڪ ديڱ ۾ چانهه آهي ته ٻئي ديگ ۾ ڪافي... مان ۽ فهميده اُتي بيٺاسين ته سليم ميمڻ، هدايت بلوچ به اچي اُتي نڪتا، اسان چئني ڄڻن اُتي زمين تي

ويهي، ديڳ مان ڪافي ڪوپن ۾ وجهرائي پيتي. ڇا تہ مزو هو اُن ڪافي ۾، حيران تہ ان ۾ هئاسين تہ ڪاڏي ديڳ ڪاڏي ڪافي....

ڪافي پيئندي هڪ ٻيڻ اچي مونکي چيو تہ سرتين مان هڪ سرتي نظر نہ ٿي اچي خبر نہ آهي هوءَ ڪٿي آهي. مون ڪانئس نالو پڇيو پر ڪيس ياد نہ پيو اچي. پڇا ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ نرگس لطيف ڪافي دير ڪان نظر نہ پئي اچي. ڪن ٻينرن تہ اهو وهم دل ۾ ويهاريو تہ شايد هوءَ ڪوٽڙي ڪبير ۾ رهجي وئي. ان پريشاني ۾ ڊاڪٽر صاحب ۽ مظهر ميمڻ ڏي ويس ڪين ٻڌايو تہ نرگس لطيف نظر نہ ٿي اچي. هو ويچارا بہ پريشان ٿي ويا. اسان هڪ هڪ ٻيڻ ڪان پڇا ڪئي. ڪير چوي پيو تہ بس مان لهڻ وقت موجود هئي. ڪير چوي پيو تہ ماڳين بس ۾ ئي ڪانہ هئي. هاڻ تہ ويل ٿي ويو ڇا ڪجي. ڳولها ڪرڻ تي معلوم ٿيو تہ نرگس لطيف سچل سائين جي مزار جي اندر ويٺي دعائن گهرڻ ۾ مشغول آهي. پنهنجي وجود ۾ گم لڳي ويٺي آهي. عجيب قسم جي ڪيفيت هئس، لڳي پيو تہ هن دنيا ۾ ئي ڪانهي. مان ڪيس چيو تہ نرگس تو تہ اسان کي پريشان ڪري ڇڏيو. قافلي جي عورتن سان گڏ رهندي ڪر گهٽ ۾ گهٽ مونکي ٻڌائي ڇڏيندي ڪر تہ تون ڪٿي وينل آهين. ائين نہ ٿئي جو قافلو روانو ٿي وڃي ۽ تون رهجي وڃين. هاڻ جيستائين قافلو درازن مان روانو ٿيو، تيسائين منهنجون اکيون نرگس تي پهرو ڏينديون رهيون. هاڻ خيريت عافيت سان هي قافلو سچل جي نگريءَ مان نڪري نئين منزل ڏانهن روانو ٿيو.

سکر پهچندي قافلي کي شام جا ڇهہ ٿي ويا، سکر جي پل ڪراس ڪري اَسان جون بسون سکر شهر ۾ پهچيون. سکر بيراج جي پرسان سکر ۽ روهڙي کي ملائڻ واري ايوبيہ پل هئي. ان کي ڏسي محسوس پئي ٿيو تہ سنڌوءَ تي ڪنهن وڏي ڪمان رکي ڇڏي آهي. هاڻ قافلي کي ساڌ ٻيلي ڏانهن وڃڻو هو. ساڌ ٻيلي ڏانهن اسان ٻيڙين ۾ چڙهي وياسين.

ٻيڙيون پراڻي طرز جون مگر مضبوط ٺهيل هيون. قافلي ۾ شامل ماڻهن جو تعداد گهڻو هو ۽ ٻيڙيون رڳو ٻہ هيون ان ڪري ٻيڙين ڪي ڪافي چڪر ڪاٽڻا پيا. چو تہ اڄ ڪلهہ ساڌ ٻيلو عام ماڻهن لاءِ بند آهي. ڀارت ۾ بابري مسجد جي مسئلي ڪانپوءِ سنڌ جي هندن جي مندرن ۽ ٺڪاڻن تي بہ حملا ٿيا هئا. ڪجهہ ڏينهن اڳ هڪ انتها پسند مذهبي پارٽي جي مولوين اعلان ڪيو هو تہ اگر ڀارت ۾ بابري مسجد جي جاءِ تي مندر ٺاهيو ويو تہ هو ساڌ ٻيلي جو مندر ڊاهي ۽ اُت مسجد ٺاهي ڇڏيندا. ان ڪري ساڌ ٻيلو پوليس جي پهري ۾ هو. انتظاميہ جي خاص اجازت سان قافلي وارا ساڌ ٻيلو گهمڻ ويا. ساڌ ٻيلي مندر جو بنياد 1863ع ۾ پانڌي پوراج رکيو. ان صاحب ديوتائن کان ڪا من جي مراد گهري هئي جيڪا پوري ٿي هئي، ان ڪري ان صاحب هي مندر ٺهرايو. مندر جي تعمير وقت هت دريا وچ ۾ ننديون ننديون ٽڪريون هيون، جن کي سنڌو ڪري محنت ۽ جاکوڙ سان هن مندر ٺاهيو. مندر کي وڏيڪ وسيع ۽ هاڻ ڪشادو ڪري ٺهرايو ويو آهي. هن وقت تائين هت اٺ پروهت گذري چڪا آهن. مندر ۾ مختلف قسم جو مورتيون رکيل آهن. مندر جي هڪ پاسي لائبريري بہ آهي جنهن جو انچارج باب هنومان يشو آهي. ان لائبريري جو نالو شري ساڌ ٻيلو تيرٿ مک لائبريري آهي، اتي سنڌي، فارسي ۽ اردو جا تقريبن پنج هزار ڪتاب موجود آهن. مندر جي وچ ۾ هڪ وڏي وڻ هيٺان باهہ پئي ٻري. هن باهہ کي مقدس باهہ ڪري ليکيو ويندو آهي، ان باهہ کي وسائبو نہ آهي مندر جي پنڊت ٻڌايو تہ ڪيترن ڏينهن ڪانپوءِ اڄ وري هن باهہ کي ٻاريو ويو آهي. فوج ۽ پوليس هت ڪنهن کي بہ اچڻ نٿي ڏي. مندر جي ڪليل ميدان ۾ قافلي وارن لاءِ چانهہ پاڻي جو انتظام هو. اسان چانهہ پيئندي سنڌوءَ جو نظارو پسڻ لڳاسين. ڏاڍا خوبصورت منظر هئا. اکين کي ۽ روح کي راحت پئي آئي. ان ويل مونکي شيخ اياز جو هي شعر ياد آيو:

**گهاٽ گهاٽ ٿو توکي ساري، سکر نہ ايندين يار،**
**ڪڏهن پتڻ تي پريت ڪنداسين، ڪڏهن دريا جي پار.**

مندر جي ايوان ۾ غلم ۽ غاليچن کي وڇائي ويهڻ جو انتظام ڪيو ويو هو. مندر وارن قافلي وارن لاءِ آذرپائي جملا چيا. اهو بہ چيائون تہ هنن قافلي وارن جو صحيح طريقي سان تواضع نہ ڪري سگهيا آهن. جيجي زرينہ بلوچ ”ٻيڙيءَ وارا ٻيڙي هلاءِ لال تي ٿي وڃان“ ٻڌائي سيني جو دليون موهي ورتيو. زرينہ بلوچ جو مڌر آلاپ مندر جي گهنڊڻن جو آواز، سنڌو جي لهرن جو شور، عجيب قسم جو پراسرار ماحول ٺهي ويو. اُت قافلي وارن کي سچ لهي ويو. اڄان اسان منجهند جي ماني نہ ڪاڌي هئي، منجهند جي مانيءَ جو انتظام سکر جي اي. ڊي. ايم غلام رسول ڪلهوڙي جي طرفان هو.

قافلو جڏهن ساڌ ٻيلي مان روانو ٿيو تہ سيني کي ڪارڪن جون ٿيلهيون بہ پيش ڪيون ويون. قافلو ساڌ ٻيلي کان سڌو تاج ريسٽورينٽ پڳو. اُت دهلن شرنائن سان گڏ قافلي جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. ان هوٽل ۾ قافلي وارن منجهند جي ماني رات جو ساڍي ستين وڳي ڪاڌي. جهٽ نہ گذري تہ قافلي وارا هٿ منهن ڌوئي خيرپور روانا ٿيا. خيرپور يونيورسٽي ۾ رات جي ماني ۽ راڳ رهاڻ جو بندوبست ٿيل هو. مانيءَ جو بندوبست خيرپور يونيورسٽي ۾ ٿيل هو. راڳ رهاڻ جو بندو بست سچل چيئرجي آڊيٽوريم ۾ هو، جت قافلي جو ميزبان ڊاڪٽر تنوير عباسي هو، سکر مان ماني کائي قافلو جڏهن خيرپور پهتو تہ رات جا نوَ ٿي چڪا هئا. خيرپور يونيورسٽي جي عمارت ڏاڍي شاندار پئي لڳي. صاف سٿرا ويڪرا رستا، چئني طرف باغ باغيچا، ڏينهن جو وقت هجي ها تہ يونيورسٽي کي چڱي طرح گهمي ڏسجي ها. لان ۾ شاميانا لڳائي انتظام ڪيل هو. ٿوري دير ملڻ ملائڻ ۽ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گذري تہ خبر پئي تہ هاڻ اٿو هلي ماني کائو. هاڻ تہ اسان سيني جو دماغ ئي جواب ڏئي ويو. اڃا هڪ ڪلاڪ ڪن

اڳ سکر ۾ اسان ماني کاڌي هئي. هاڻ ماني ڪير ڪائيندو؟ سڀ ڪنهن جي چهري تي اهو ئي سوال هو. سگا جي ڪن منتظمين اها صلاح پيش ڪئي تہ پهريون هلي سچل چيئر طرفان ملهايل راڳ رنگ جي محفل ٻڌجي پوءِ واپس اچي ماني کائجي. ميزبان ان ڳالهہ تي راضي نہ ٿيا. انهن جو چوڻ هو تہ شام جي پنجين بجي کان هت ننڍا وڏا قافلي وارن جي انتظار ۾ ويٺا آهن. انهن کي بکيو رکڻ چڱي ڳالهہ نہ آهي. ڊاڪٽر سليمان حيران پريشان ٿي ويو. چوڻ لڳو مان قافلي وارن کي ڪيئن چوان تہ هلو هلي ماني کائو!! اُت عادل سخيراڻي چيو. سائين ڏسندا وڃجو سڀني جي پيٽ ۾ جاءِ ڪانهي پر ماني اڳيان ويندا تہ ڪجهہ نہ پڇندو لڳي شرط... ڊاڪٽر سليمان اها ڳالهہ ٻڌي ڪل ۾ ڪيرو ٿي ويو چيائين هن قافلي سان گڏ ڪهڙيون ڳالهيون ٿيون ٻڌڻيون پون ۽ ڪهڙا تجربا ٿا ٿين. سچ تہ اُهي ڳالهيون لکڻ جون آهن. مان جو ڊاڪٽر صاحب جي پوئين واري سيٽ تي ويٺي هئس. ڪيس چيم توهان پرواهہ نہ ڪيو لکڻ لاءِ مان ويٺي آهيان. ڊاڪٽر صاحب ڪنڌ ورائي چيو متان سلطانہ ڪجهہ لکيو اٿئي. اصل سيني کي ناراض ڪندينءَ چا؟ چيم ان ۾ ناراض ٿيڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي. فطري ڳالهين تي ڪنهن کي بہ ناراض ٿيڻ نہ گهرجي. بهرحال عادل سخيراڻي جي دعويٰ سچ ثابت نہ ٿي قافلي وارن سات تہ ڏنو پر تورو گهڻو فروٽ ۽ مٺو کائي مات ٿي ويا. ميزبانن کي بہ ناراض نہ هو ڪرڻو. انهن ويچارن تہ وڏي حب ۽ چاهہ مان اهتمام ڪيا هئا. هاڻ قافلو بسن ۾ سوار ٿي سچل چيئر جي آڊيٽوريم ڏانهن روانو ٿيو. آڊيٽوريم ڪشادو ۽ خوبصورت ٺهيل هو. مونکي، فهميده ۽ ٻين ڪجهہ ڀينرن کي چيو ويو تہ توهان هيٺ هال ۾ ويهو باقي ٻيون سڀ عورتون وڃي مٿي گيلريءَ ۾ ويهن مان فهميده ۽ ويناشرنگي اڳيئن سيٽ تي وڃي ويٺاسين. اُت اسان سان گڏ هڪ ڀيڻ بہ اچي ويٺي. اياز گل ان جو تعارف بہ ڪرايو پر هن مهل مونکي ان جو نالو ياد نٿو اچي. ان وقت رات جا يارنهن ٿي چڪا هئا. هت

آڊيٽوريم ۾ شام جو پنجين بجي کان قافلي وارن جو انتظار هو. ميزبانن جن ۾ خواتين ۽ ٻار بہ شامل هئا سي هاڻ ٿڪجي پيا هئا. هر ڪنهن چاهيو تہ جلد از جلد پرگرام شروع ٿئي ۽ جان ڇُٽي، مائيڪ اياز گل سنڀاليو. ان سگا جو پس منظر ٻڌايو. ڳالهائيندي ان ڊاڪٽر سليمان جو نالو هڪ دفعو بہ صحيح نہ ورتو. پهريائين چيائين ڊاڪٽر سليمان شاهہ، پوءِ چيائين شيخ سليمان شاهہ. پوءِ چيائين شيخ سليمان وري چيائين سيد سليمان آخر ائين ٿيو جو ان صرف ڊاڪٽر صاحب چوڻ شروع ڪيو. دراصل اياز گل جو ڏوهہ بہ نہ هو، هت ذهني توڙي جسماني طور سڀ ٿڪيل هئا. سچل چيئر جو پروگرام هلندي خبر نہ آهي تہ فهميده کي ڇا ٿي ويو. ٿوري دير لاءِ تہ مان بہ پريشان ٿي ويس. جيڪڏهن جنن ڀوتن تي منهنجو اعتقاد هجي ها تہ پڪ سمجهو تہ منهنجو پهريون ۽ آخري فيصلو اهو هجي ها تہ فهميده تي جن اچي ويو آهي. ياد نہ اٿم تي ڪهڙي ڳالهہ تي اُن کلڻ شروع ڪيو. کلڻ جو شروع ڪيائين هاڻ ڪٿي تي مات ڪري. مٿان وري مونکي حڪم تہ هيڏانهن نہ ڏس، چپ ڪري ويهہ، ڳالهاءِ نہ..... منهنجي دل ۾ وهم ۽ وس وسا اچڻ لڳا. آخر برداشت جي بہ تہ ڪا حد هوندي آهي. آهستي ڪنڌ ڦيرائي فهميده کي ڏسان ۽ پڇان تہ ڇو ٿي کلين تہ هوءَ وري ٽهڪن ۾ اونڌي، جيئن تہ اسان کي اياز گل پهريون ئي ٻڌائي ويو هو تہ توهان ٻنهي کي اسٽيج تي گهرائي ڊاڪٽر ابراهيم بخاري ٻين مهمانن سان گڏ توهان کي بہ ڪتابن جا تحفا ڏيندو. هاڻ انتظار هو تہ ڪڏهن ٿو اسان کي سڏ ٿئي ڇو تہ خاص تقريرون ٿي چڪيون هيون ۽ هاڻ مهمانن کي تحفا ملڻ شروع ٿي ويا. ان ويل مان ڏٺو تہ ڊائيس اهڙي طريقي سان رکيل هو جو مائيڪ جي تار اُن پاسي کان اُيي ٿي پئي وئي جنهن پاسي کان مهمان مٿي چڙهيو پيا وڃن. هر مهمان کي تار اورانگهي پوءِ وڃڻو پيو پوي. مونکي اچي پريشاني ٿي سو فهميده کي آهستي چيم توکي تہ منهنجي خبر آهي. خيرين سلي سڏن رستن تي بہ هلندي آءٌ ٿيڙ ٿي کاوان.

هرو پرون بہ ٽي ڪريو پوان. اڄان ڪلهہ هوٽل پرل ڪانٽينيٽل ۾ ڪري پيس، هاڻ جو مونکي سڌ ٿئي ۽ مان مٿي وڃان ۽ ان تار ۾ وچڙي وڃي هيٺ ڪران تہ پوءِ ڇا ٿيندو؟ فهميده جيڪا اڳ ۾ ئي ڪلڻ ۾ ڪيري لڳي پئي هئي. منهنجي ڳالهہ ٻڌي ايترو نہ گهٽو ڪلي جو ٻڏي وئي. مونکي اڇي ڏپ لڳو تہ وسن جهڙي فهميده هاڻ هٿن مان نہ نڪري وڃي، ڪلندي ڪلندي دل بيهجي وڃيس تہ پوءِ ڇا ڪنداسين. فهميده کي چيم ان ۾ ڪلڻ جي ڪهڙي ڳالهہ آهي هاڻ منهنجو ذهن فهميده جي ڪلڻ هٽان هٽي اچي هن مسئلي تي اٽڪيو. منهنجي ذهن ۾ اها ڳالهہ اٽڪي ويئي تہ اگر اها تار اتان تہ هٽي تہ پوءِ مان ضرور ان تار ۾ وچڙي ڪري پوندس. اسان جي پٺيان واري سيٽ تي ڊاڪٽر تنوير عباسي ويٺو هو. مان کيس چيو تہ ادا هو سامهون ڏسو تار ڪيئن پئي آهي، ممڪن آ ڪو مهمان اتان ڪري پوي توهان ان تار کي اتان هٽرائي ڇڏيو تہ چڱو. ڊاڪٽر تنوير عباسي غور سان تار کي ڏٺو ۽ چيائين تہ تار سهي آهي اهڙو ڪو مسئلو ڪونہ ٿيندو.

هاڻ مان ڇا ڪريان؟ منهنجي ذهن تي بار وڌندو ويو. تصور ۾ ڏسان پئي تہ مان مٿي چڙهي آهيان ان تار ۾ وچڙي ڏو وڃي پٽ تي ڪري آهيان. سيني ماڻهن جا ٽهڪ تاڙيون ۽ ڪلون..... مان انهن سوچن ۾ئي گم هئس تہ ڏٺم تہ ڊاڪٽر تنوير عباسي مٿي اسٽيج تي چڙهي آيو ۽ ان ڇڪي تار کي ڍرو ڪري قالين جي هيٺان ڏئي واپس آيو ۽ مونکي چيائين. سلطانہ هاڻ تہ ٺيڪ آهي نہ. منهنجي مٿان جيل جيڏو بار لهي پيو. هاڻ فهميده ڏي ڏيان ڪيم جيڪا هاڻ ڪلي ڪانہ پئي چپ ڪيو ويٺي هئي. سندس اکيون ۽ نڪ ڳاڙهو لڳو پيو هو. هاڻ مان بہ خاموشيءَ سان پروگرام ڏسڻ لڳيس.

روبينہ قريشي جي ڳائڻ دوران سليم ميمڻ آيو ۽ آهستي فهميده کي ڪجهہ چئي ويو. ان وقت رات جو هڪ ٿي چڪو هو. فهميده ٻڌايو تہ سليم ميمڻ چئي ويو آهي تہ توهان سڀ عورتو هلو ڇو تہ دير ٿي وئي آهي.

اُتي هلي هوٽل ۾ سيني کي ڪمرا ڏيٺا آهن. سڀ بندوبست ڪرڻو آهي. مان فهميده کي چيو تہ اسان اڳئين سيٽ تي ويٺا آهيون. روبينہ هاڻ ڳائڻ آئي آهي سنو ڪونہ ٿو لڳي. فهميده چيو سليم ميمڻ چئي ويو آهي اُن ڪري اُٺ تہ هلون. مان ۽ فهميده اُٿي آڊيٽوريم مان ٻاهر نڪري آياسين. ٻاهر اچڻ تي ڪلهوڙي صاحب اسان کان پڇيو تہ توهان ٻئي چو اٿي آيون آهيو. اسان ٻڌايس تہ اسان کي انهن سيني عورتن سان گڏ وڃڻو آهي. ڪلهوڙي صاحب اُتي چيو توهان ٻنهي جي وڃڻ جي ضروروت نہ آهي. دراصل هت ٻن هوٽلن ۾ بندوبست ٿيل آهي. هڪ هوٽل ۾ هي سڀ عورتون وڃي رهنديون ات سڀ ڪمرا پورا ٿي ويا آهن. توهان ٻئي ويٺا شرنگي ۽ ان جي ڀيڻ ڊاڪٽر صاحب جي فيملي ۽ ڪجھ ٻيون عورتون ٻي هوٽل ڏي وينديون. هاڻ توهان کي وڃڻ جي ضرورت نہ آهي. جڏهن اسان سڀ وڃون تہ پوءِ اسان سان گڏجي هلجو. مان ۽ فهميده منجهي ٻيهي رهياسين. اهو خيال بہ اچي پيو تہ سليم ميمڻ آهي ڪاوڙ جو تيز ڪٿ ڪاوڙجي نہ پوي، سو اسان ات ٻيهي رهياسين اندر ڪونہ وياسين. سليم ميمڻ جڏهن آيو ۽ فهميده ڪيس ٻڌايو تہ ڪلهوڙو صاحب هيئن ٿو چوي. هن خاموشيءَ سان ڪنڌ لوڏيو ۽ ٻين سرتين کي بس ۾ چاڙهي روانو ٿي ويو. هاڻ مان ۽ فهميده وڃي مٿي گئلري ۾ ويناسين. جت ٻيون عورتون ۽ ٻار ويٺا هئا. اسان روبينہ جو سڄو پرگرام ٻڌو ننڍ ۾ الوٽ وڃي اسان هوٽل ۾ پهتاسين. ٻين قافلي وارن سان گڏ مون کي فهميده کي هڪ ڪمرو ڏنو ويو پر واري ڪمري ۾ ويٺا شرنگي ۽ سندس ڀيڻ رهيل هئي. رات جا ٻہ لڳي چڪا هئا. صاف سٿري ڪمري ۾ صاف هنڌن ۾ اسان آرام سان سمهي پياسين.

صبح جو اڪ ڪلي ڏٺم صاف شفاف روشني ڦهليل آهي. فهميده تيار ٿيڻ ۾ مشغول آهي. مون کي جاڳيل ڏسي چيائين هاڻ جلدي اُٿي تيار ٿي. دل نہ چاهيندي اُٿڻو پيو. تيار ٿي ناشتو ڪري اسان ٻاهر

نڪتاسين، اتان بس ۾ ٻين ساٿين سان گڏ وري وڃي تاج ريسٽورنٽ پڳاسين. اسان ٻئي ڄڻيون جنهن بس ۾ ويٺيون سين اها جاءِ ڪنهن ٻئي جي هئي. سامهون واري بيٺل بس ۾ اسان شروع کان ئي سفر ڪيو هو. فهميده مون کي چيو هل تہ پاڻ واري بس ۾ هلي ويهون. اسان ٻنهي پنهنجو ٿيلو ڪنيو اڃا در تي پهتاسين اڳيان مان هٿس. اسان کي لهندي ڏسي هيٺ بيٺل سليم ميمڻ زور سان ٻين قافلي وارن ڏي منهن ڪري چيو پيلا هي ڇا آهي؟ هاڻ بس مان لهڻ جي ضرورت ڪهڙي آهي؟ جيڪو جت ويٺو آهي اُت ويٺو هجي. مان پوئتي منهن ڪري فهميده کي چيو تہ هل تہ مانڙي ڪري هلي ويهون. هن مهلِ اِن ڊئريڪٽ دڙڪا پيا آهن متان پوءِ ڊئريڪٽ دڙڪا کائون مان ۽ فهميده واپس اچي سيٽن تي ويهي رهياسين، فهميده چوڻ لڳي، لڳي ٿو تہ سليم ميمڻ اسان تي ڪاوڙيل آهي. جنهن تي ذميداري هوندي آهي ان کي ڪم جو احساس هوندو آهي. پيلا اسان جو ڪهڙو ڏوهہ اسان کي تہ ڪلهوڙي صاحب منع ڪئي نہ تہ هوند اسان هليا وڃون ها.

سکر مان نڪري هاڻ قافلو پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيو. اسان جنهن بس ۾ سوار هئاسين ان ۾ سڀ خاص مهمان ۽ ڪافي پينرون ويٺيون هيون. هاڻ قافلي وارن کي لاڙڪاڻي پهچڻو هو. لاڙڪاڻي جو ذڪر ڪندي سين کي بهہ ۽ لوڙهہ ياد اچڻ لڳا. ڏڏڙي جيڪا گهورڙيا ٿالن ۾ ڪٽي وڪڻندا آهن. ان جو ذڪر ڪندي سيني جي وات ۾ پاڻي اچڻ لڳو. مان چيو تہ منهنجي دل تہ اوٻاريل بهہ جيڪي گهورڙيا مٿن ۾ ڪٽي وڪڻندا آهن ۽ وٽڻ مهل انهن بهن جي مٿان لوڻ مرچ ٻرڪي ڏيندا آهن مان تہ اهي کائيندس. فهميده چيو تہ بهہ ۽ لوڙهہ تہ مان ٻارن لاءِ بہ وٺيو ويندس، سچي بهن ۽ لوڙهن کي اوون ۾ سيڪي پچائي کائڻ ۾ ڏاڍو مزو آهي. فهميده ڊاڪٽر سليمان کي چيو ادا لاڙڪاڻي ۾ بس کي ضرور

بيهارجو اسان اتان بهہ ۽ لوڙهہ وٺنداسين. ڊاڪٽر صاحب جنهن وٽ ها جي ڪوٽ ئي ڪا نہ هئي، تنهن خوشيءَ سان ڪنڌ لوڏي ها ڪئي.

هن بس ۾ اسان کي سهي معنيٰ ۾ مزو آيو. ڇو تہ مختلف صوبن جا دانشور ۽ تعليمي ماهر هندستان کان آيل اسان جا اديب هن ئي بس ۾ ويٺا هئا. ڏاڍيون ڳالهيون ٿيون ڏاڍا بحث مباحثا ٿيا. پشاور مان آيل ياءُ ڇيو تہ مونکي تہ ائين ٿو لڳي تہ هت سنڌ ۾ ماحول رهڻي ڪهڻي ۽ غربت اوڙهي آهي جيڪا اسان جي صوبي جي رهواسين جي آهي. بلوچستان مان آيل ياءُ ڇيو تہ مونکي ان ڳالهہ کي ڏسي خوشي ٿي رهي آهي. تہ سنڌ جون عورتون ڪيتريون نہ بولڊ ۽ همت واريون آهن. اها تبديلي تہ سڀ کان سٺي آهي تہ چاليهہ کن سنڌي عورتون ۽ نياڻيون هن قافلي سان گڏ آهن، پنهنجائپ جو احساس ايترو گهڻو آهي جو اهو احساس ئي نہ رهيو آهي تہ هت ڪير مرد آهي، ڪير عورت. هڪ خاندان جي فردن وانگر اسان گڏ پيا هلون. سفرجي دوران ياسمين (ڊاڪٽر سليمان جي نياڻي) ڪا ڳالهہ ڊاڪٽر صاحب کي ڇئي جنهن ۾ هن بابا جو لفظ استعمال ڪيو. اُت قيمت هريسگاڻي ڇيو بابا امان، پڦي، چاچي، ماسي، ڪيترا نہ پيارا لفظ آهن. ڪيتري نہ محبت پريل آهي هنن لفظن ۾ اسان وٽ هندستان جي سنڌين وٽ هي لفظ اوپرا ٿي پيا آهن. هرڪو ممي، ڊيڊي، پپا ۽ آنٽي جا لفظ استعمال ڪندو آهي. اسلام آباد يونيورسٽي مان آيل ياءُ سنڌ جي غربت ڏسي حيران پريشان هو. رستي تي هڪ ٻڪرار نظر آيو جيڪو ٻڪرين کي هڪلي پيو پر وٽس ڪا ڏنڊي بہ هٿ ۾ نہ هئي، وات مان آواز ڪڍيائين. ات ويٺل بہ پينرون جن جو تعلق اردو پريس سان هو انهن کي مان ڇيو تہ توهان جي پريس سنڌ جو ماحول اهڙو پيش ڪندي آهي جو لڳندو آهي تہ سنڌ ۾ رهندڙ هر شخص وڏو جاگيردار ۽ زميندار آهي ۽ ڳوٺن ۾ رهندڙ باقي سڀ ڌاڙيل آهن هر هڪ جي هٿ ۾ ڪلاشن ڪوف آهي. هاڻ توهان بہ سڄي سنڌ گهمو پيا. هن ٻڪرار کي ئي ڪٽي ڏسو هن جي هٿ ۾ لٺ ئي

ڪانهي، جيڪا اصولن هن کي ڪٽڻ ڪپي ها. توهان سيني جي واويلا آهي تہ ڪوٽا سسٽم ختم ڪيو. توهان کي سڄي سنڌ ۾ ڪو اهڙو اسڪول ڪاليج نظر ۾ آيو، جنهن جو مقابلو ڪراچي جي اسڪولن ۽ ڪاليجن سان ڪري سگهجي، تعليمي معيار جيڪو وڏن شهرن ۾ آهي ان جو تہ هي ڳوٺاڻا تصور بہ نٿا ڪري سگهن. توهان کي حق جي ڳالهہ يا برابري جي دعويٰ تڏهن ڪرڻ گهرجي جڏهن سامهون وارا بہ ان پوزيشن ۾ هجن، ها جڏهن سڄي سنڌ ۾ هڪ جهڙو ماحول، هڪ جهڙا تعليمي ادارا ۽ هڪ جهڙيون بنيادي ضرورتون ميسر ٿي پون تہ پوءِ پلي برابري جي ڳالهہ ڪجي. هت تہ زمين آسمان جو فرق لڳو پيو آهي. وڏن شهرن جو رهندڙ خوشحال ماڻهو تہ اهو چاهين ٿا تہ هن ڳوٺاڻي ابوجهہ ماڻهوءَ جي وات جو سڪل ٽڪر بہ کسي وٺن، ڇئي اهو بہ اسان جو حق آهي.

قافلو جڏهن لاڙڪاڻي جي ٻاهران پهتو تہ تمام خوبصورت نموني سان گلن جون ورڪائون ڪري قافلي جو آڌر ڀاءُ ڪيو ويو. هر هڪ مهمان جي هٿ ۾ ننڍڙا گلن جا گلدستا بہ پيش ڪيا ويا. سگا جي لاڙڪاڻي شاخ جو صدر غلام سرور عباسي پنهنجي ساٿين سان گڏ موجود هو. هت لاڙڪاڻي ۾ قافلي وارن جو ميزبان ڪمشنر لاڙڪاڻو ڪي. بي رند صاحب جن هئا. پر ان وقت اهي ڪاٿي ٻاهر ويل هئا. ان جاءِ تي ڊپٽي ڪمشنر جن قافلي وارن جو آڌر ڀاءُ ڪيو. جڏهن لاڙڪاڻي شهر ۾ داخل ٿياسين ان ويل فهميده وڏي آواز سان چيو هي اٿو لاڙڪاڻو جنهن جي لاءِ ماڻهن اها پروپگيندا ڪئي هئي تہ لاڙڪاڻو هاڻ پيرس ٿي ويو آهي. سڄي ملڪ جي آمدني لاڙڪاڻي تي خرچ ڪئي وئي آهي. هاڻ ڏسو هي اٿو غريباڻو سرباٽو لاڙڪاڻو. لاڙڪاڻو ضلعو آهي، جنهن حساب سان لاڙڪاڻي کي ترقي ڪرڻ ڪپي ها اها بہ ڪونہ ٿي آهي. ٻن اردو پريس وارين ڇوڪرين کي خاص طرح اشارو ڪري فهميده چيو. ڏٺو!! هي لاڙڪاڻو هاڻ سچ لکڻ جي همت اٿو تہ لکو ۽ دنيا کي ٻڌايو تہ حقيقت ڇا آهي.

تلخيون، زندگي جون حقيقتون چوندي لهجو بہ ٿورو ڏکائتو ٿيو وڃي. ڪنهن کي ٻڌائجي؟ ڇا ٻڌائجي. حالتون تہ اهڙيون ٿي ويون آهن جو سچ ڪوڙ ۾ ڪوڙ سچ ٿي پيو آهي. ظالم ظلم ڪري بہ هاءِ گهوڙا ٿو ڪري تہ مان ٿي مظلوم تہ مظلوم ويچارو ڪاڏي وڃي؟ ان جو آواز ڪير ٻڌي؟ ڪير آهي ان اندر ٻاهر جي ڏکن کي ٻڌڻ وارو..... قافلي ۾ گڏ هلندڙ مختلف سوچن جا دانشور اديب ۽ تعليمي ماهر، هر هڪ شهر ڳوٺ ۾ واهڻ جو تجزيو ڪندا پئي هليا. هڪ ڳالهہ جيڪا مون محسوس ڪئي تہ جن ماڻهن جو پيڙهيون هڪ ئي هنڌ دفن آهن. جن ماڻهن جو پاڙون زمين جي پاتال تائين پکڙيل آهن، اُهي ٻين جو ڏک سک سمجهي سگهن ٿا. سنڌ ۽ سنڌ جي ماڻهن جي باري ۾ غلط قسم جو ڳالهيون. سچ ۽ حقيقت جو فرق انهن ماڻهن کي ڏاڍو عجيب پئي لڳو. انهن مان ڪيترن ئي اهو بہ چيو تہ اسان پنهنجن صوبن ۾ وڃي هن قسم جو ڪانگريسون ڪوٺائينداسون توهان سيني کي ات گهرائينداسين. اسان جو پاڻ ۾ گڏجڻ سان ۽ گڏ ويهي ڏکن سکن جو ڳالهيون ڪرڻ سان ئي وچ ۾ پيل هي وڇوٽيون ختم ٿينديون. اسان جي وچ ۾ پيل وڇوٽين جي ڪري غلط پروپيگندا ۽ نفرت جو پرچار ٿئي ٿو. جڏهن اسان سڀ گڏ ٿي پونداسين تہ پوءِ ڪنهن کي بہ همت نہ پوندي.

بسون لاڙڪاڻي مان نڪري موهن جي دڙي واري رستي تي تيزيءَ سان هليون پئي ۽ مون دريءَ مان ٻاهر ڏسندي سوچيو پئي تہ اهو ڏينهن ڪڏهن ايندو جو ظالم جي ظلم جو خاتمو ٿيندو ۽ هن ڌرتي جي رهواسين جي دانهن سيني ڪنن وٽ پهچندي. اُهي سڀ جن جو هن ڌرتي ۾ ڌرتي واسين سان صدين جو لاڳاپو آهي، اُهي ٻين صوبن جا ماڻهو جن جو واسطو هن ڌرتي واسين سان ثقافتي ۽ جذباتي طور هميشہ رهيو آهي. ڇا انهن کي اسان وساري ٻيهر اهو ٻڌايون تہ اسان ڇا آهيون؟ ڇا هو اسان کي نٽا

سجاڻن؟ ڇا هي انهن جو ڏوهہ نہ آهي تہ هو صدين جو وابستگيون وساري وينا آهن؟

هاڻ قافلو جي منزل موهن جو دڙو هئي. موهن جو دڙو يا وري موئن جو دڙو ڳالهہ مڙيئي برابر. جت بسون اچي بيٺيون ات هڪ وڏو دروازو هو جنهن تي موهن جي دڙي واري لکت جي نموني ۾ موهن جو دڙو لکيل هو. اندر وڃڻ ڪانپوءِ ڏٺوسين تہ هر هنڌ اهڙوئي لکت جو نمونو استعمال ٿيل آهي ۽ ڏاڍو سنو پئي لڳو. چئني طرف ساوڪ ڦهليل هئي، گلن جون ٻاريو ۽ وڌاوڻ بہ هئا هڪ وڏي خوبصورت لان ۾ شاميانا لڳائي قافلي وارن جي ويهڻ جو بندوبست ٿيل هو. ريسٽ هائوس جي عمارت ٻاهران ڇڱي پئي لڳي. هڪ وڏي ديوار تي موهن جي دڙي جي مخصوص نشاني ڏيکاريل هو. قافلي وارن لاءِ اُت آڌرڀائي جملا چيا ويا. اهڙن قافلن جي منعقد ڪرڻ ڪي ساراهيو ويو. اتان اُتي قافلي وارن کي چانهہ پياري ويئي.

هاڻ وقت ٿورو هو، ۽ گهمڻو گهڻو هو. سيڪو ٽوليون ٺاهي پئي هليو. ماڻهن جي هڪ گروپ دهل ۽ ڏنڌين وارن ناچ سان قافلي وارن جي آڌر ڀاءُ ڪيو هو. هو مسلسل وڄائڻ ۽ نچڻ ۾ پورا هئا. اتي قاضي منظر حيات پنهنجي ڀاءَ مقصود گل جو تعارف ڪرايو. جيڪو پاڻ شاعر هو. ان مونکي پنهنجا ڇپيل ڪتاب ڏنا اتي ڏٺم تہ هڪ ڀاءَ منهنجي تصوير پيو ڪڍي غور سان ڏٺم تہ هو هدايت منگي هو. هو ڀاءَ اچي مليو ۽ حيران هو تہ مان هتي ڪيئن! ڪلي چيو مانس بس زماني جا ڦيرا آهن نہ تہ اسان جي قسمت ۾ ائين گهر مان نڪرڻ ۽ گهمڻ ممڪن ڪٿي آهي. هاڻ تہ ڪيترين پينرن سان گڏجي ميوزم طرف روانا ٿياسين ات هدايت منگي چيو جيئن تہ توهان وٽ وقت گهٽ آهي، ان ڪري مان چاهيان ٿو تہ مان توهان کي هلي اُهي اهم هنڌ ڏيکاريان جن جو ڏسڻ تمام ضروري آهي. ميوزم ۾ گهڙڻ سان ئي ديوار تي موهن جي دڙي جي ماڻهن انهن جي رهائش، انهن جي ڪِرتن بابت هڪ خيالي تصوير لڳل آهي. ان تصوير کي

ڏسي فهميده سوچ ۾ پئجي وئي. ٿوري دير کان پوءِ چيائين تہ هن تصوير ۾ موهن جي دڙي جي رهواسين کي مختصر ڪپڙن ۾ ڏيکاريو ويو آهي، مردن کي گوڏ يا وري نندي لنگوٽي ٻڌل آهي. عورتن جو بہ لباس صحيح ڪونہ ڏيکاريو ويو آهي. اِها ڳالهہ تہ سمجهہ کان ٻاهر آهي تہ جڏهن موهن جي دڙي مان ڪپهہ جي پيدائش ۽ ڪپڙي اُڻڻ جي خبر پئي آهي تہ پوءِ ان ڪپڙي کي پائڻ جو نمونو ۽ طريقو بہ انهن کي ايندو هوندو. وڏي اهم ڳالهہ تہ اها آهي تہ موسم جي لحاظ کان هي حصو گرمين ۾ گرم ۽ سردين ۾ ڪافي سرد آهي. انهن ٻنهي موسمن ۾ بچاءَ جو طريقو ڪپڙا آهن. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ هڪ مزدور ۽ بار کڻندڙ ماڻهو کان ويندي امير ماڻهو تائين هڪ جهڙو مختصر لباس هجي.... مان فهميده کي چيو سچ ٿي چوين موهن جي دڙي جي عورت جڏهن اُن دؤر ۾ رلهي ٺاهي سگهي پئي تہ ان کي ڪپڙي پائڻ جو ڍنگ ڇو ڪين هوندو. هونئن بہ موهن جي دڙي کان وٺي اڄ تائين سنڌ جو لباس اُهو عورت جو هجي چاهي مرد جو هجي ڪليل وڏو ۽ ويڪرو آهي. جنهن مان ستر پوشيءَ جي خبر ملي ٿي. هاڻ اهو احساس شدت سان ٿيڻ لڳو تہ هت اهڙي غلط قسم جي تصوير سالن کان وٺي لڳي پئي آهي. جنهن کي لکين ماڻهن ڏٺو آهي. مان سمجهان ٿي تہ اسان سنڌين کي گهٽ ۾ گهٽ اهڙين ڳالهين تي توجہ ضرور ڏيڻ کپي. جنهن مان اسان جي ثقافت کي ضرب لڳندي هجي، ڇا اهڙي غلط تصوير جو هتي هجڻ ضروري آهي.

الاهي سال اڳ جڏهن مان نندي هئس تہ هڪ دفعو موهن جي دڙي تي آئي هئس. ان وقت ايترو عقل ۽ سمجهہ نہ هئي جو ڪنهن شئي کي غور سان ڏسجي ۽ ڪجهہ سوچجي. هاڻ تہ وقت ۽ ماحول سڀ ڪجهہ بدلجي چڪو آهي. هاڻ تہ موهن جي دڙي سان ذهني ۽ جذباتي وابستگي آهي، موهن جو دڙو سنڌين جي سڀ کان وڏي دولت آهي، جنهن سڄي دنيا ۾ هن خطي جو مان مٿانهون ڪيو آهي...... موهن جي دڙي جا رهواسي علم وارا، عقل

وارا ۽ محنت ڪش هئا. ڪوٺائي مان نڪتل هڪ هڪ شي هڪ تارخ ٿي ٻڌائي، زندگيءَ جي ضرورت جا ٿانو، جيڪي ننڍي ڪان ننڍي ۽ وڏي ڪان وڏي سائيز ۾ موجود آهن. زيورن جا انيڪ نمونا، جن ۾ سون چاندي، پٿر، موتي جا ٺهيل زيور رکيل آهن، پيرن جي آڱرين ڪان وٺي مٿي جي وارن تائين سينگار جا سڀ زيور ڦٽيءَ سوڌو ات موجود آهن. ڪٽڪ جيڪا موهن جي دڙي مان ملي آهي. اها بہ هڪ ٿانو ۾ ات رکي آهي، شطرنج جا مهرا ۽ مختلف رانديڪا، هٿيارن جا مختلف نمونا ۽ لوهي اوزار بہ اُت موجود آهن. گهمندي ڦرندي ڏسندي وائسندي اهو احساس شدت سان وڌندو پئي ويو تہ هن تصوير ۾ سنڌين ڪي ائين ڇو ڏيکاريو ويو آهي؟
ڪنهن ٺاهي آهي اها تصوير؟ هاڻ پلا هن تصوير جو ڇا ٿيندو؟ آهي ڪنهن ڪي همٿ جو هن تصوير ڪي ڪڍي ٻاهر ڪري... ميوزم مان نڪري هاڻ اسان موهن جي دڙي جي کنڊرن ڏانهن روانا ٿياسين.
هدايت منگي اسان ڪي ڏيکاريندو ۽ ٻڌائيندو پئي هليو. ڪن پينرن ايئن بہ ڇيو ڪيترو تہ سنو گائيڊ اسان ڪي ملي ويو آهي. ان جي هٿ ۾ ڪئميرا ڏسي ڪيترن پينرن تصويرون ڪڍرايون ۽ مون تي اهو ڪم رکيائون تہ اهي تصويرون هٿيڪيون ڪري مان انهن ڪي پهچائيندس (اهو ڏينهن اڄوڪو ڏينهن تصويرن جو نالو نشان بہ ڪونهي) ڪيتري نہ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي تہ ان دؤر ۾ موهن جي دڙي جو نقشو ٺاهڻ وارا ڪيترا نہ عقلمند ۽ انساني فطرت ۽ ضرورت جا ڄاڻو هئا. نقشو ڪجهہ اهڙي طرح ٺاهيو ويو آهي جو هڪ طرف رهائشي علائقو تہ ٻئي طرف بازار. اسڪول ڪاليج ۽ يونيورسٽي شهر ڪان ٿورو پاسيرو ٺهيل هيون، عبادت گاهون مختلف جاين تي هيون ۽ هڪ وڏي عبادتگاهہ اهڙي جاءِ تي ٺهيل آهي جو ننڍيون عبادت گاهون عبادت ڪرڻ مهل ڪنهن ڪي تڪليف نہ ٿئي. اڪثر گهرن جي ڪمرن ۽ باٿ رومن ۾ ننڍڙا جارا ٺهيل آهن، جيڪي اڄان تائين بہ

اسان جي ٻهراڙيءَ جي گهرن ۾ نظر ايندا آهن. جت هٿ ٻتي يا چمني ٻاري رکبي آهي.

باٿ رومن ۾ دکيون ٿهيل آهن. اهڙي قسم جون دکيون اڄ به اسان جي گهرن ۾ هونديون آهن. جت صابڻ دانيون، بالٽيو ۽ پيو وهجڻ جو سامان رکيو ويندو آهي.

ڪاليج ۽ يونيورسٽي سان گڏ هاسٽل به ٺهيل آهي، هاسٽل جي ڪمري جي آخر ۾ هڪ وڏي لائين باٿ روم جي آهي، جيڪي هاسٽل جي رهواسين لاءِ هوندا هئا. ان مان لڳي ٿو ته موهن جي دڙي جو تعليمي ماحول ۽ معيار ايترو ته اعليٰ هو جو پري پري کان ماڻهن هت اچي تعليم حاصل ڪندا هئا.

هي سڀ ڪجھ لکندي مونکي هڪ روايت ياد پئي اچي جيڪا پياءَ ارشد انڊڙ ڪنهن فنڪشن ۾ ٻڌائي هئي، ته هڪ دفعو حضور صلي الله عليه وسلم جي محفل ۾ اهڙا ماڻهو آيا، جيڪي پنهنجي لباس، اٿڻي ويهڻي جي ڪري ٻين سين کان مختلف هئا. ان ڪري هو هر ڪنهن جي نظرن جو مرڪز هئا. ڪن ماڻهن جڏهن اها پڇا ڪئي ته هي ڪير آهن ته حضور جن فرمايو هي سنڌ جا ماڻهو آهن، سنڌي ڳالهائيندا آهن ۽ علم ۽ عقل وارا آهن!! موهن جي دڙي جا گهر ڪشادا، هوادار بورچي خانن ۾ چمنيون ٺهيل، ڪشادا رستا، پاڻي جا کوھ جن ۾ گول ۽ بيضوي نموني جا کوھ موجود آهن. لڳي ٿو ته موهن دڙي جا ماڻهو عقلمند هئڻ  سان گڏو گڏ حسن پرست به هئا. ايجادون ڪرڻ ۽ نواڻ پيدا ڪرڻ جا ماهر هئا... پاڻ کي ٺاهڻ جوڙڻ لاءِ مختلف زيور جيڪي الائجي ڪيترن قسمن جا آهن. اهي زيور جڏهن اتان حسينون پائي هلنديون هنديون ته کهڙا نه رنگ وکرجي ويندا هوندا. هلندي ڏسندي، گهمندي ائين پيو لڳي ته اسان ئي هن وستي جا رهواسي هئاسين هيءِ وستي جنهن اوج جا آثار ڏنا شايد اسان سڀ هن وستي جا اهي ڀٽڪندڙ روح آهيون جيڪي ڪنهن وقتي هاڄ جي ڪري

هتان ٻاهر نڪري وياسين جو پنيان هي وستي تباهه ٿي ويئي. اڄ تائين هي روح سک جو ساهه نه کڻي سگهيا آهن. بيچين آهن ڪنهن سان ملڻ لاءِ ڪنهن سان ڪلڻ لاءِ ڪنڌ جو ٿي ڪنهن سان ڏک سک جون ڳالهيون ڪرڻ لاءِ اهو به ممڪن آهي ته هن وستي ۾ ننڍي هوندي اسان انهن ڪڏاڻن سان کڏيا هونداسين جيڪي اڄ ميوزم ۾ سجايا پيا آهن، هن روڊن ۽ رستن تي رانديون کڏيون هجن ڊوڙون پاتيون هجن.
ڏهل ۽ ڏنڊين وارا مسلسل نچندا وڄائيندا پئي هليا ان آواز ۾ مونکي ائين پئي لڳو ته چاندوڪيءَ رات آهي ۽ هوءَ موهن جي دڙي واري ناچڻي نچڻ ۾ مشغول آهي ٿڏي ٿڏي چاندوڪيءَ ۾ ان ناچڻي جو لڏڻ لمڻ، منهنجو ذهن الائجي ڪٿان جو ڪٿي وڃي پڳو ته فهميده جي رڙ ٻڌم. سلطانه تون ڇو پوئتي رهجي ويئي آهين تڪڙي آ دير پئي ٿئي.
مان اڪين ۾ آيل لڙڪن کي اگهيو ۽ سوچيم ها دير ٿي ويئي آهي، تمام گهڻي دير ٿي ويئي آهي.
موهن جي دڙي تي گهمندي ڦرندي مختلف پائرن سان ملاقاتون ٿيون جن مونکي ڪافي ڪتاب ڏنا. هاڻ مان ڪتاب پاڻ سان هڏ ڪنيو هلندي پئي وتيس. منهنجي هٿ ۾ ايترا ڪتاب ڏسي شمع خيبر چيو اهي ڪتاب ڪجهه دير لاءِ مونکي ڏي مان به ڏسان ڪهڙا ڪتاب آهن. مان ڪتاب ان جي حوالي ڪري وري هدايت منگي جون ڳالهيون جيڪي موهن جي دڙي جي کوٽائي متعلق هيون ٻڌڻ لڳس. هاڻ اسان سان گڏ پشاور بلوچستان ۽ پنجاب جا پائر اچي گڏيا. هو علم جا ڄاڻو ۽ دانشور هئا. انهن جا رايا ۽ سوچون پنهنجي جاءِ تي اهميت رکن ٿيون. شايد انسان زندگي ۾ ايترو حاصل نٿو ڪري سگهي جيڪو ڪن چڱن ماڻهن جي ڪجهه ڪلاڪن جي صحبت ۾ حاصل ڪري سگهيجي ٿو. اُت هڪ مهمان جنهن جو تعلق پشاور سان آهي. تنهن موهن جي دڙي ۽ سنڌ جي شان تي هڪ نظم پڙهيو. جيڪو ان انهيءَ ئي وقت لکيو هو. اتفاق سان

اسان سڀ ان جاءِ اُت ويٺا هئاسين جيڪو اتان جو مکيه وڏو هال هو پنهنجي محبت ۽ جذبن جو اظهار ڪري رهيو هو. اسان خاموشي سان ان جو نظم ٻڌو پئي افسوس اٿم جو اهو نظم مون وٽ موجود ڪونهي نه ته پڙهندڙ اندازو لڳائي سگهن ها ته ان نظم ۾ سنڌ جي عظمت ڪي ڪيترو نه خلوص محبت سان بيان ڪيو ويو هو هو ڏهل ۽ ڏنڊين وارا اچا تائين وڄائڻ ۽ ڳائڻ ۾ مشغول هئا. مون کي تورو جوش اچي ويو سو مان انهن کي ٻڌائڻ لڳس ته ڪو وقت اڳ جڏهن مان فرسٽ ييئر ۾ پڙهندي هئس ان وقت مان موهن جي دڙي تي آئي هئس ۽ مون به هڪ ننڍڙو شعر لکيو. هو سڀ حيران ٿي ويا چوڻ لڳا ته توهان شاعر آهيو. ڇيو مان مڙوئي اڌوهي ڪاڏل لٽ جا به ٽڪر ڪيا اٿم ڪي ڦاڙها ڪونه ماريا اٿم. انهن ٻڌايو ته اسان سان توهان جو ڪو تعارف صرف اهو ڪرايو ويو آهي ته توهان هڪ عورت جي تنظيم جي حوالي سان آيا آهيو بحرحال مان انهن کي اهو شعر ٻڌايو جيڪو هن ريت هو.

**مان موهن جي دڙي جو کوهه،**

**هر آيل**

**ڏول پري، هٿن کي ڏوئي،**

مان ان شعر جو اردو ترجمو به ٻڌايو پهريان ته واه واه ڪيائون پوءِ يڪدم پڇيائون ان شعر جو حاصل ڇا آهي ۽ توهان ڇو لکيو هي شعر ڇو ته پاڻ کي کوهه سان تشبيه ڏيڻ ۽ ڏول پري هٿ ڌوئڻ ڇا مطلب آهي؟ هاڻ مان منجهي پيس ڇا جواب ڏيان هنن جو اصرار ته هر شعر جو جذباتي ۽ بنيادي ڪارڻ هوندو آهي. مان هنن کي ڪوبه جواب نه ڏئي سگهيس. جيڪا ڳالهه اڄ تائين مان نه سمجهي سگهي آهيان انهن کي ڇا سمجهايان. ڪو زمانو هو منهنجو لکيل هي شعر جيڪو سوجهرو رسالي ۾ ڇپيو هو ان تي ڪافي بحث مباحثا ٿيا هئا.

**اُهي قبرون،**

**جن تي ڪو به نالو نه آهي،**
**اهي سڀ منهنجون آهن.**

اُن وقت ياد اٿم نصير مرزا ته فون تي بحث ڪري بيهي رهيو ته توهان اسان کي ٻڌايو ته هي شعر توهان ڪهڙي سوچ رکي پوءِ لکيو آهي. امداد حُسيني کي به هن شعر بي حد متاثر ڪيو هو. مظهر ميمڻ (ادي زرينه ميمڻ ۽ سيمي جو پاڻُ) کي جڏهن مون وٽان ڪو واضع جواب نه مليو ته پاڻ ئي مونکي ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ لڳو ته ڪهڙن سببن جي ڪري مون اهو شعر لکيو هوندو. ڪيترا ته سهڻا ۽ پنهنجا وقت هئا، جيڪي گذري ويا. رهجي ويون آهين يادون ۽ انهن ماڻهن جو ڳالهيون.

ها ته سائين مان موهن جي دڙي تي وري حاضر ٿي آهيان پنهنجيون سارڙيون ڪٺي وچ ۾ وڏو ويچو آهي وقت جي تجربن جو ۽ مشاهدن جو فهميده ته موهن جي دڙي جي مٽي ڪٺي اڪين تي رکي ۽ چيائين ته مان به ته هڪ دراوڙ آهيان هڪ پٽڪيل روح آهيان. پنهنجي اصل نسل ڏانهن ورڻ چاهيان ٿي. هاڻ اسان موهن جي دڙي جي مٿاهين حصي تي وڃي بيٺاسين. حد نظر تائين کنڊر ۽ کنڊر نظر پئي آيا مان هٿ وڌائي اتان مٽي ڪٺي ڪائي چڙي. ياسمين(ڊاڪٽر ياسمين ڊاڪٽر سليمان جي نياڻي) مون کي مٽي ڪائيندو ڏسي وٺي رڙ ڪئي توهان مٽي ڇو ڪاڏي خبر اٿو هن ۾ ڪيترا جراثيم هوندا. هو پنهنجي ڊاڪٽري پئي هلائي ۽ مون ته پئي حيران ٿي. مان ڪيس ٻڌايو ته مان مٽي ڪائڻ جي شوقين آهيان هن وقت تائين الائجي ڪيترا سير مٽي ڪائي چڪي هوندس. اهو ڪيئن ممڪن آهي ته مان هت اچان ۽ هتان جي مٽي نه ڪاوان پر مان مٽي زمين تان نه پر مٿان پٽ سان پٽي ڪاڏي آهي. ياسمين چوڻ لڳي هاڻ مان سمجهي ويس توهان جي بيمار رهڻ جو ڪارڻ. ان ڪانپوءِ هن هڪ ڊاڪٽري ليڪچر ڏنو جيڪو مون خاموشي سان ٻڌو ۽ دل پئي سوچيم جڏهن پَڪل گهڙي ۾ ڪَنا پوندا تڏهن مان به سڏري پوندس.

اتان ڪان هيٺ جت اسان بيٺا هئا سائين سوڀو گيانچنداڻي جن بيٺا هئا. مون فهميده ۽ ٻين کي سائين جي باري ۾ ٻڌايو ۽ پڇيو تہ سائين سان ملاقات آهي. فهميده چيو تہ ڪيترن فنڪشنن ۾ ڏسڻ جي باوجود بہ مان اڄان تائين سوڀي گيانچنداڻي سان ملي نہ سگهي آهيان. ان ويل مون فخر سان سيني کي ٻڌايو تہ مان صرف سائين سوڀي گيانچنداڻي سان ملي چڪي آهيان پر ڪلاڪن جا ڪلاڪ ان سان ڪچهري بہ ڪئي اٿم. سندس گهر ۾ چانهن پيتي اٿم. ڪاڌو بہ کاڌو اٿم. وسارڻ جهڙيون ئي نہ آهين. اهي ڪچهريون سوڀي گيانچنداني سان ڪيون اٿم. ٻين قافلي جي ساٿين کي تہ اها بہ خبر نہ هئي تہ هي شخص جنهن جو نالو سو ڀو گيانچنداڻي آهي اُهو ڪير آهي؟ اسان هيٺ لهي وڃي ان سان ملياسين. اسان سيني کي ڏسي ۽ اسان سان ملي هو ڏاڍو خوش ٿيو. هاڻ اسان وري اڳتي وياسين تہ پريان قافلي جي ساٿين سيني کي سڏڻ شروع ڪيو. جلدي واپس اچو دير پئي ٿي. مجبورن اسان کي واپس اچڻو پيو. ڏٺم پئي تہ سڀ قافلي وارا واپس هلڻ لاءِ تيار نہ هئا چو تہ اجا ڏٺو ئي ڇا هو. پر ڇا ڪجي. ان وقت کي جيڪو اسان وٽ ٿورو هو. ڪاش اهو وقت اسان جي قبضي ۾ هجي ها تہ هوند ان کي هڪ هنڌ بيهاري ڇڏجي ها. ٿيئي بسون ڀرجڻ شروع ٿي ويون سڀ ڪنهن پنهنجي پنهنجي جاءِ وڃي ورتي اسان جي بس ۾ سيني چڙهن زيتون پئي کاڌا. اُهي زيتون موهن جي دڙي ۾ اُنهن پوڪيل وڻن مان پٽيا هئا. قيمت هريسنگاڻي ۽ گوبند مالهي تہ هڪ ٻئي کي زيتون ڏيڪاريندي چون پيا. ڏسو تہ سهي هنن زيتون جي اندر ڪو داڻوئي ڪونهي هيءَ خاص نشاني آهي لاڙڪاڻي جي زيتونن جي منهنجي ۽ فهميده جي دل بہ چاهيو تہ اسان بہ زيتون کائون. اسان کي رهيو نہ ٿيو ويٺل پائرن کي چيوسين واهہ واهہ توهان زيتون پيا کائو اسان جي پڇائي ڪونهي. يڪدم ڊاڪٽر خادم سنڌي اسان کي زيتون ڏنا. هاڻ ٻين

پائرن بہ اسان کي زيتون ڏيڻ شروع ڪيا. هاڻ تہ اسان وٽ ڪافي زيتون گڏ ٿي ويا هئا.

بس ۾ ويهڻ ڪانپوءِ مون کي پنهنجا ڪتاب ياد آيا جيڪي شمع خيبر وٽ رهجي ويا هئا. مون کي پنهنجن ڪتابن جو فڪر اچي لڳ. بسون پنهنجي منزل ڏانهن هاڻ روان دوان هيون. لاڙڪاڻي کان ٻاهران ئي ٻاهران بسون وچي ميهڙ روڊ کان نڪتيون هاڻ بس جي ويٽل سيني کي لاڙڪاڻي جا ٻهہ ۽ لوڙهہ ياد اچڻ لڳا الا نہ ڪو بسون لاڙڪاڻي ۾ بيٺيون نہ ئي اسان ڪجهہ وٺي سگهياسين. هاڻ خيرپور ناٿن شلہ ايندو ميهڙ ايندي دادو ايندو اتان تہ اسان ضرور ڪجهہ نہ ڪجهہ وٺنداسين. سيني هڪ ٻئي کي پئي آٿت ڏني.

موهن جي دڙي مان هاڻ قافلو پنهنجي نئين منزل ڏانهن روانو ٿيو. هاڻ بس ۾ وري ڪن پينرنِ اِهو ياد ڏياريو تہ اُنهن کي لاڙڪاڻي مان ٻهہ ۽ لوڙهہ وٺڻا هئا. مگر خبر اُن ويل پئي جو قافلي جون بسون ٻاهران ئي ٻاهراين وچي ميهڙ جي رستي تي نڪتيو ۽ لاڙڪاڻو شهر رستي ۾ آيو ئي ڪين. فهميده پريشان ٿيندي چيو تہ هي اسان ڪاڏي پيا وڃون اسان کي تہ لاڙڪاڻي مان ٻهہ ۽ لوڙهہ وٺڻا هئا. مان چيو تہ مٺ ۾ پڪل ٻهہ اسان هاڻ وري الائجي ڪڏهن ڪائون. فهميده ڪجهہ سوچي وري چيو دادو ۾ سبحان ميمڻ اُتان جو ڊپٽي ڪمشنر تہ منهنجو مائٽ آهي اُتي اُن کي چوندس تہ سڀ ڪجهہ وٺي ڏيندو. پروين سومرو چوڻ لڳي تہ موٽي جڏهن گهر وڃون تہ ڪجهہ نشانيون اسان وٽ هجن جو سيني کي يقين ڏياريون تہ اسان ڪاڏي وياهئاسين ۽ ڪٿي ڪٿي گهمياهئاسين وِينا شرنگي ۽ اُن جي پيڻ خاموشيءَ سان زيتون کائڻ ۾ مشغول هيون. بسون تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏي روان دوان هيون. ڪجهہ دير لاءِ خاموشي ڦهلجي ويئي. چپ چاپ سڀ ڪو پنهن جن سيٽن تي وينو هو. اُن دوران رستي تي هڪ وڏي گاڏين موٽرن جو جلوس نظر آيو. اُها ٻي نومبر جي

تاريخ هئي. جمهوري حڪومت کي هڪ سال پورو ٿيو هو. اُن سلسلي ۾ ئي جلوس هو. اُن جلوس ۾ ڪافي گاڏيون ۽ سوين ماڻهو شامل هئا. نعرا هڻندا پنهنجن جذبن جو اظهار پئي ڪندا پئي ويا. هاڻ ٻي نومبر تاريخ بحث هيٺ اچي ويئي. يارهن سالن جي آمريت جو دور ۽ پوءِ اليڪشنون ۽ موجود حڪومت اُهي سڀ ڳالهيون هاڻ بحث ۾ اچي ويون. سياست بہ هڪ عجيب دلچسپ موضوع آهي. هر عمر ۽ هر سوچ جوانسان اُن ۾ گُلي دل ۽ گُلي ذهن سان حصو وٺندو آهي هِت قافلي م تہ هئا سڀ عالم ۽ عقل جا اڪابر اُن بحث دوران قيمت هريسنگهاڻي اوچتو چيو اڄ ٻي نومبر آهي منهنجي جنم جو ڏينهن!! اُن جو ائين چوڻ سڀي بسن مان مبارڪون اُن کي ملڻ شروع ٿي ويون. گهڻن تہ اُتي پاڪر پائي ڪيس جنم ڏينهن جون مبارڪون ڏنيون. ڊاڪٽر نواز علي شوق تہ خوشيِ مان پنهنجي خوبصورت سنڌي ٽوپي لاهي قيمت هريسنگاڻي کي پارائي ۽ چيائين تہ هي منهنجي طرفان توهان کي تحفو آهي هاڻ هن کي لاهجو نہ. ڪن قافلي وارن اهو بہ چيو تہ اسان کي پهرين خبر هجي ها تہ لاڙڪاڻي شهرمان ڪيڪ بہ وٺي چڙيون ها. هن قافلي سان گڏ هن هلندڙ بس ۾ ڪيڪ ڪاٽيو وڃي ها تہ ڪيترو نہ مزو اچي ها. اُت قيمت هريسنگاڻي ڏاڍي اطمينان سان چيو تہ فڪر نہ ڪيو ميهڙ ۾ هلي مان توهان کي ميهڙ جو مائو ڪارائيندس اُت ڪن ساٿين چيو ڇو سائين توهان ڇو ڪارائيندا اسين توهان کي ڪارائينداسين. اهڙي طرح سان ڪل يوڳ ڪندا ڳالهيون ٻولهيون ڪندا رهيا ۽ قافلو پنهجون منزلون مٽائيندو رهيو.

هاڻ رستي تي جيڪو شهر آيو اُهو هو خيرپورناٿن شاهہ ......خيرپور ناٿن شاهہ وٽان جڏهن قافلو لنگهيو تہ سيني کي ايم آر ڊي تحريڪ جي دوران هن شهر جي رهواسين جي جدوجهد ياد اچي ويئي. ٻين صوبي جي مهمانن کي اسان جا سنڌي اُن دور جون ڳالهيون ظلم ۽ زيادتيون ٻڌائڻ لڳا اهڙيون ظلم جون ڪهاڻيون ٻڌي سين جا وات ڦاٽي

ويا. هي شهر جت ايڪڙ ٻيڪڙ ڪو چڱو گهر هو. بازار بہ معمولي هئي سادڙا سباجهڙا ماڻهو نہ اُنهن ۾ ناهہ نوهہ ۽ نہ وري ڪا وڏائي. ڪير تصور بہ نہ پئي ڪري سگهيو تہ ڪو هنن سباجهن ماڻهن ڏاڍي ڏونگر جو مقابلو ايڏي مردانگيءَ سان ڪيو هو بسون هڪ منٽ ۾ شهر کان ٻاهر پهچي ويون پر هتان جا قصا ڪتائي نہ پئي. داستان ظلم جا داستان جن جو ڪو انت ئي نہ آهي.

اُن ويل مان سوچيندي رهيس تہ سنڌي قوم جي عجيب نرالي طبيعت آهي

ظلم سهندي بہ آهي تہ ظالم سان مقابلو بہ ڪندي آهي. گذريل يارنهن سالن ۾ سنڌجي رهواسين مٿان جيڪي ڏاڍ جا ظلم جا ڏونگر ڪريا سي ڳڻپ کان مٿي آهن. ڏاڙيلن جو بهانو وٺي امن پسند غريب سنڌين کي تنگ ڪيو ويو. انهن جي گهرن جا مال متا ع ٿرڪون پري ڊويو ويو. غريب عزت وارن جي گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ نياڻن جو بيعزتيون ڪيون ويون.

شهرن جي مٿان بمباري ڪئي ويئي. هالا شهر جي ٻاهران جيڪا سنڌين ناڪا بند ڪئي آهي ۽ ماڻهون ڌرڙو ماري ويهي رهيا هئا اُنهن کي ڪيتري بي درديءَ سان اُتان هٽايو ويو. ڳوٺ ايوب ٿهيم کي باهہ ڏيئي ساڙيو ويو. اُن ويل عورتون نياڻيون قرآن کڻي گهرن مان ٻاهر نڪري آيون تہ بہ ظالم ظلم کان باز نہ آيا. نوڙهي ڦاٽڪ وارو واقعو اُهو ڪنهن کان وسريو هوندو؟ هن واقعي ۾ ظالن پنهنجي وحشت ۽ بربريت جو مڪمل نمونو پيش ڪيو هو. الائجي ڪيترا اهڙا واقعا جن جو ڪو انت ئي نہ آهي ٿيندا رهيا آهن ڌرتي واسين مٿان قهر ۽ ظلم جا پهاڙ ڪرندا رهيا هنن ابوجهن لاوارثن مٿان . ها پر ان وقت پريس بہ چپ، سياستدان بہ چپ ڪنهن کي خبر ئي نہ تہ ڇا پيو ٿئي. سياستدان جن کي سڀ خبر سي بہ ماٺ. اهي ماٺ ڪرڻ وارا هئا سنڌي سياسي ليڊر عجيب نفرت انگيز

ڪردار رهيو آهي اسان جي سنڌي سياسي ليڊر جو. قرباني ڏي عوام، مري ڪٽجي عوام، جيلن ۾ اذيتون سهي عوام، ۽ هنيوچيون هٽي، ڇور وانگر رت پيئي اسان جو سنڌي سياستدان. اسان جا سنڌي سياسي ليڊر رت پياڪ آدم خور ٿي ويا آهن. اُنهن مان سُناس نڪري چڪي آهي. ها اوسيتائين ان وقت تائين هن ڌرتي کي آجپو نہ ملندو سک ۽ شانتي نہ ملندي جيستائين هن مدي خارج سياسي ليڊرن مان جان نہ ڇٽندي. هڪ ٻيو بہ وڏو ظلم جيڪو سنڌين سان آهي اُهو تہ سنڌي راهہ گنله مارجي وڃي يا رستي ويندي پڪڙيجي پوي ۽ ان وقت جو ڪو هٿيار هجي. چاهي ان هٿيار جو لائسنس بہ ان وٽ موجود هجي. اُن سنڌيءَ اُهو هٿيار پنهنجي تحفظ لاءِ ئي ڇو نہ رکيو هجي اخبار ۾ خبر اچي ويندي تہ هڪ وڏو دهشتگرد گرفتار ٿيو آهي هندستان جو ايجنٽ ۽ را تنظيم جو نمائندو گرفتار ٿيو آهي. اڄ ڪلهہ سنڌي لفظ جي معنيٰ ئي آهي ڌاڙيل، غدار، ڪافر ۽ را جو ايجنٽ......

ٺهي صوبن مان ڪوبہ صوبو سنڌين سان همدردي نہ ٿو رکي ۽ نہ وري ساٿ ٿو ڏئي. ٻيا تہ ٺهيو شڪايت تہ بلوچستان وارن سان آهي. سنڌين ڪڏهن بہ بلوچن کي پاڻ کان الڳ نہ سمجهيو آهي. بلوچستان وارن سان سنڌين جي محبت جا رشتا آهن. خبر نہ آهي ڇو اتان جا ليڊر نالي وارا قبائلي سردار هن ڏکئي وقت ۾ سنڌين کي وساري ڇڪا آهن. محبت جا رشتا ٽوڙي ڇڪا آهن. اُنهن سان گڏجي وڃي وينا آهن جيڪي سنڌين جا ازلي ويري ۽ انسانيت جا قاتل آهين هي سڀ ڏک هي سڀ ڳالهيون اُن ويل ياد ايندين آهن. ڏوراپا بہ ان وقت ڏبا آهن جڏهن پنهنجن کي ڪمزور ۽ دوستن کي لاپرواهہ ۽ دشمن جابر ۽ سفاڪ ڏسبو آهي. خيرپورناٿن شاهہ ۽ ٻيا سڀ سنڌ جي علائقن جا ماڻهو باهمت نڊر ۽ بيباڪ آهن. سلام آهي، هنن سيني کي جن جي ڪري اڃا تائين سنڌ جي ڌرتي قائم دائم آهي.

هاڻ سائين قافلي وارا ميهڙ شهر ۾ داخل ٿيا. بسون اڃان ٿورو اڳتي هليون ته ڪنهن رڙ ڪيئي اڙي هوڏي ڏسو ٻهن وارو ڏسو. ڪنهن پيڻ چيو اڙي هو مٽ وارو ڏسو پڪ ٿي پڪ ان وٽ اوٻاريل ٻه هوندا. گهڻن ڇڻن ته اهو پئي چيو ته ميهڙ جو مائو ميهڙ جي ميندي وٺڻ ڪانسواءِ اسين هتان ڪيئن ٿا وڃي سگهون؟ آخر سائين سڀ بسون بيهاريون ويون تقريبن بس جو هر ماڻهو هيٺ لٿو ڪجهه نه ڪجهه وٺڻ خاص طرح ميهڙ جو مائو ميندي. اسان عورتن مان ڪو به هيٺ ڪونه لٿو. هاڻ پروين سومرو کي ڪا ياد گيري ٿي اُن بس جي دريءَ مان سامهون واري دڪاندار کي سڏيو چيو ان فلاڻي جو دڪان ڪٿي آهي؟ اُن دڪاندار ٻڌايو ته سامهون گهٽيءَ ۾ آهي پروين ان کي چيو ته ڏڪ پائي ان کي وٺي آ. ان کي چئجان تنهنجي ماسي ٿي توکي سڏي. اُن ويل پروين سيني کي ٻڌايو ته سندس ڀاڻيجو هت ٿو رهي. هاڻ موقعو مليو آهي ته اُن سان به ملي وٺان هڪ منٽ به نه گذريو ته اهو ڇوڪرو به اچي ويو. پروين ڏاڍي پيار سان ان سان ملي ۽ خبرون چارون وٺڻ لڳي. ان پروين تي زور رکيو ته گهر هلو. چانهه پاڻي پيئو. مانيءَ جو ٽائيم آهي ماني هلي کائو. پروين ان کي سمجهائڻ لڳي ته مان هنن قافلي وارن سان گڏ آئي آهيان ۽ اسان جلديءَ ۾ آهيون اُن ڪري ڪٿ به اسان کي لهڻو نه آهي. هو جوان اصل ضد ڪري بيٺو اُن تي ڊاڪٽر سليمان جيڪو پريان وينو هو اُن نوجوان کي چيو ته ته پلا سڀ قافلي کي ڪي به چانهه پياريندي ڇا؟ اُن جوان وڏي دل سان ۽ يقين سان چيو "ڇو نه سائين ڇڙي چانهن ڇو مان اوهان کي ماني به ڪارائيندس. بهرحال وڏي بحث مباحثيءَ ڪانپوءِ اُن اها ڳالهه سمجهائي ويئي ته وقت گهٽ آهي ۽ هن قافلي وارن کي ڪٿي به لهڻو يا بيهڻو نه آهي، اگر ائين ٿيندو رهيو ته پوءِ هر ڪنهن جو ڪٿي نه ڪٿي ڪو نه ڪو مائٽ عزيز آهي ئي آهي پوءِ جو هو سڀ پنهنجن مائٽن ۽ عزيزن سان ملندا رهندا ته قافلي جو اصل مقصد ته فوت ٿي ويندو .......... ميهڙ شهر منهن جي ابن ڏاڏن جو شهر

آهي ميهڙ شهر جي پرسان ٽيہن جي ڳوٺ ۾ منهنجا ڏاڏاڻا آهن. بابا سائين هت پلجي جوان ٿيو. مان لاڙڪاڻي شهر ۾ ڄايس ٺندو آدم جي گهٽين ۾ بلوڙ اتي ڏکر ۽ اک ٻوٽ کيڏي عام رواجي سنڌي اسڪول ۾ فرحي ۽ سليٽ تي پڙهي وڃي حيدرآباد نڪتس ڪاليج يونيورسٽي ٽپي اچي نوڪري سانگي ڪراچي ويٺس. هت ئي منهنجو گهر ٺهيو. منهنجا ٻار ڪراچي جي بهترين تعليم ادارن سينيٽ جوزف ڪانوينٽ ۽ سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ پڙهندا آهن. ننڍڙي عمر ۾ ايترا تہ بولڊ ۽ هوشيار آهن. جو مونکي تہ انهن جيترو عقل ڪاليج جي دور ۾ بہ ڪونہ هو. پنهنجو ننڍپڻ جو ڳالهيون جن ياد ڪري ڪل ايندي آهي. جڏهن منهنجا ٻار اهو مونکان پڇندا آهن تہ امي توهان ننڍپڻ ۾ ڪهڙن رانديڪن سان کيڏندا هئا يا وري توهان وٽ ننڍپڻ ۾ ڪهڙا ڪهڙا رانديڪا هوندا هئا. مان انهن کي ڪوبہ جواب ڏيئي نہ سگهندي آهيان. اِن جو مطلب اهو نہ آهي تہ مون پنهنجي ننڍپڻ ۾ کيڏيو ڪڏيو نہ هو. پنهنجي وقت جي حساب سان اسان بہ زندگي جا سڀ مزا ورتا ڪڏ تي لغڙ اُڏائڻ پائرن سان گڏجي رسيءَ تي جمپ ڏيڻ، ڊڪ ڊوڙ وغيرھ ۽ ٻيون ڪيتريون ئي رانديون اسان کيڏيون. پر اڄ جا ٻار جيڪي بند ۽ ننڍڙن گهرن ۾ پلجن پيا سائنس ڏاڍي ترقي ڪئي اوچتو ئي اوچتو ايتريون تہ سهولتون گذريل ڏهن پندرنهن سالن ۾ ميسر ٿي ويون آهن جيڪي اسان جي ننڍپڻ ۾ ڪين هونديون هيون. صفا ننڍڙا هئاسين تہ ريڊيو ٻڌندا هئاسين، اُن کان پوءِ ٽي وي اُها بہ بلڪ اينڊ وائيٽ ڇا تہ مزو هو اُن کي ڏسڻ ۾ اصل اک ئي ڪونہ هٽندي هئي. هر پروگرام ڏٺو ويندو هو. پر اڄ جا ٻار جيڪي باربي ڊال، سينڊي ڊال، رموٽ ڪنٽرول جي گاڏين ويڊيو گيم ۽ ڪمپيوٽر سان کيڏڻ وارن ٻارن کي مان ڇا ٻڌايان تہ اسان جون خوشيون اسان جو ضرورتون ڪيتريون نہ محدود هيون. هڪ معمولي رانديڪي ملڻ سا ئي خوش ٿي ويندا هئاسين. ساھ سان سانڍي رکندا هئاسين انهن رانديڪن کي، گڏيون تہ اسان کي گهر

جون مايون هٿ سان ڪپڙي جون ٺاهي ڏينديون هيون، اُنهن گڏين کي موتين جا زيور پارايا ويندا هئا. اُهي گڏيون اسان کي ڏاڍيون وڻنديون هيون. امان شاهل جي ڏيءَ امان ڪتان جنهن وٽ مان ڪجهه عرصي وجي رهي هئس اُ ن ڪجهه سال اڳ منهنجي ڏيءَ لاءِ اهڙي ڪپڙي جي گڏي ٺاهي موڪلي. منهنجي ڏيءَ جيڪا پنجن،ڇهن سالن جي مس هئي، گڏيءَ کي ڏسي ڊڄي ويئي اکيون ٻاهر نڪري آيس ڊپ مان ڇوڙ لڳي. امي هيءَ گڏي ته ڪونه آهي ڊرا ڪولا آهي. مجبورن مونکي ان گڏيءَ کي لڪائي رکڻو پيو، ڇو ته منهنجي ڏيءَ اُن کان گهڻو ڊڄي رهي هئي.

ميهڙ شهر جو ذڪر ڪندي اهي سڀ ڳالهيون ياد اچي ويون. ميهڙ مان قافلي وارن گهڻو ڪري مائو ۽ ميندي ورتي. مان ڏٺو ته ميندي سيل پيڪ ٿيل پلاسٽڪ جي ٿيلهين ۾ بند هئي. مٿان وري ٽيپو لڳل هو ۽ لکيل ته ميهڙ جي مشهور ميندي معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته هاڻ اُها ميندي سنڌ جي اڪثر علائقن ۾ ملندي آهي.

هاڻ قافلي جي منزل سکر شهر هو. سکر ۾ هي فيصلو ڪيو ويو ته رستي تي مخدوم بلاول رضه جي مزار ايندي اهو ڪيئن ممڪن آهي جو اُتان مخدوم بلاول جي مزار کي پٺي ڏئي هليو وڃجي. قافلي وارن به ان ڳالهه ۾ دلچسپي ڏيکاري ته اُت ضرور لهڻ گهرجي. اهو سڀ ڪجهه سوچي محترم عبدالمجيد جمالي جيڪي سگا جي دادو ضلعي جا صدر آهن اڳ ۾ ئي روانا ٿي ويا. قافلي جي پروگرام اُت وڃڻ شامل ڪونه هو، اُن ڪري انهن کي هڪ ڏينهن ۾ ئي سڀ انتظام ڪرڻو هو جڏهن قافلو مخدوم بلاول جي مزار تي پهتو ته بس رنگ لڳا پيا هئا اهڙو ته سٺو انتظام ڪيل هو جو يقين ئي نه پيو اچي ته ڪو اجوڪي ڏينهن ۾ اهو سڀ ڪجهه ڪيو ويو آهي قافلي وارا سڀ کان پهريان مخدوم بلاول جي مزار تي زيارت ڪرڻ ويا. سادي مزار ڪٺهڙي جي اندر ٻاهران هاڻ ڪم پئي هليو. هڪ وڏي گنبد جي تعمير هلي پئي. معلوم ڪرڻ تي خبر پئي ته

اڳ تہ هڪ ننڍڙي سادڙي ڪوٺي هوندي هئي مختلف وقتن ۾ مختلف حڪمرانن ۽ سرنديءَ وارن هت مزار تي نهرائڻ چاهيو پر جڏهن بہ تعمير جو ڪم شروع ٿيو تہ اُهو رات وچ ۾ ڊهي ويندو هو. ڪافي ڪوشش جي باوجود بہ هت مقبري جو گنبذ يا ڪا ٻئي تعمير ٿي نہ سگهي. هاڻ سون سالن کان پوءِ تعمير شروع ٿي آهي ڪنهن اُت اِهو بہ ذڪر ڪيو تہ مخدوم بلاول هڪ ڇوڪري کي خواب ۾ آيو هو، اُن کي چيائين هاڻ منهنجي مزار تي مقبرو اڏايو وڃي اُن ڪري اهو مقبرو تعمير ٿيڻ شروع ٿيو آهي. اُن شخص جي باري ۾ بہ ٻڌايو ويو جنهن جي خواب ۾ مخدوم بلاول جن آيا هئا. اهو ڇوڪرو پرائمري ماستر هو ان هي خواب ۾ مخدوم بلاول آيو هو. جڏهن مخدوم صاحب پاڻ اجازت ڏني تہ تعمير جو ڪم زور شور سان چالو ٿيو. عجب تہ اهو آ تہ هاڻ ائين ڪو نہ ٿيو آهي جيئن اڳ ٿيندو هو. جو اجا تعمير جو ڪم شروع ٿئي تہ ڪنيل گنبذ ڪريو پوي. بحرحال هڪ ٻڌل ڳالهہ جڏهن تحرير تي ويندي آهي تہ اها تاريخ جو حصو ٿي ويندي آهي اُن ڪري اُت ٻڌل ڳالهيون سڀ ڇڏي ٿي ڏيان........

مخدوم بلاول جي مزار سان گڏ هڪ خوبصورت مسجد اڏيل هئي اُن مسجد کي ڏسي قافلي وارا ٻاهر ميدان تي جت ويهڻ جو انتظام ٿيل هو اچي گڏ ٿيا. مخدوم بلاول جنهن جي مزار تي اڄ سڀ قافلي وارا اچي گڏ ٿيا هئا عقيدت،محبت تہ پنهنجي جاءِ تي پر مخدوم بلاول تاريخ جي هڪ وڏي هستي آهن مخدوم بلاول ذات جو سمون هو ۽ سندس تعلق ٺٽي جي شاهي خاندان سان هو.مخدوم صاحب ديني علم حاصل ڪرڻ جي نيت سان بادشاهي ڇڏي فقيري اختيار ڪئي. سندن ڄم جي تاريخ صحيح طرح معلوم نہ ٿي سگهي آهي پراندازن نائين صدي عيسوي جي آخر ڌارا ڄائو هو. ابتدائي تعليم ٺٽي مان حاصل ڪيائين شادي بہ اتي ڪيائين ۽ آخر عمر تائين اُت ئي رهيو. علم حديث ۽ تفسير جو ماهر هو. سندس مشهوري چئني طرف پکڙيل هئي، جنهن ڪري پري پنڌ کان

ماڻهو وٽس علم پرائڻ لاءِ ايندا هئا (ڄام فيروز جي زماني ۾ جڏهن شاهہ بيگ ارغون سنڌ تي ڪاهہ ڪئي ۽ باغبان وٽان اچي لنگهيو. تڏهن قومي غيرت جي ڪري مخدوم بلاول جي مريدن ۽ جماعت زبردست مقابلو ڪيو. پر شاهہ بيگ ارغون ڪاميابيون حاصل ڪندو وڃي ٺٽي پهتو. ٺٽي ۾ مرزا شاهہ بيگ ارغون ڄام فيروز سان معاهدو ڪري اڌ ملڪ سندس حوالي ڪري ۽ اڌ پنهنجي قبضي ۾ رکي جڏهن ٻيهرسيوهڻ جي رستي ڪان موٽيو تڏهن ٺلتي ۾ منزل انداز ٿيو انهي علائقي جي معزز مهمانن کي گهرايائين. انهن ڪيس ٻڌايو تہ هتي جا ماڻهو اوهان جي اطاعت ۽ فرمانبرداري لاءِ تيار آهن مگر مخدوم بلاول جو هن حد جو وڏو عالم ۽ شيخ آهي سو ماڻهن کي روڪي رهيو آهي. بلڪ هو جنگ ۽ مقابلي لاءِ ماڻهن کي تيار ڪري رهيو آهي. هي بنيادي سبب آهي جو شاهہ بيگ مخدوم بلاول کان وير وٺڻ جو ارادو ڪيو(معصومي) انهي سڄي منصوبي ۾ ميران محمد شاهہ فريق رهيو. اُن هڪ موچيءَ کي گهرائي حڪم ڪيو تہ هڪ ڄُتي تيار ڪري جنهن جي وچ ۾ قرآن شريف جو آيتون وجهي ۽ اُها مخدوم بلاول ڏانهن ڪٽي وڃي. موچيءَ کي زبردستي ميرائي اها جتي مخدوم بلاول ڏي تحفو ڪري موڪلي ويئي چون ٿا تہ مخدوم بلاول ان موچيءَ کان پڇيو اِها جتي آهي؟ اُن جواب ڏنو هائو سائين مخدوم صاحب ان وقت پنهنجي خليفي مخدوم ساهڙ جن سان گڏ ويٺا هئا فرمايائون تہ ابا هن کي تون هٽ ۾ جهلي ويهہ ۽ هيٺ رکڻ نہ ڏنائون. پوءِ هڪ موچيءَ کي گهرائي جوتي جي ٻنهي حصن کي جوڙائي هڪ ٽوپي ٺهرايائو ۽ مخدوم ساهڙ کي گهرائي پارائي چيائون تہ هيءَ ٽوپي تنهنجي مٿي تي پئي هجي. موچي وڃي سمورو قصو ميران محمد شاهہ کي ٻڌايو اُن ڇا ڪيو جو موچي طرفان هڪ فرياد اُتان جي قاضي وٽ داخل ڪرايو تہ مخدوم بلاول قرآن شريف جو آيتون ڄُتي ۾ سبرائي اُها جتي استعمال ڪئي آهي. هي خبر اُتان جي قاضين کي بہ ٻڌائي ويئي هاڻ. مخدوم بلاول کي گهرايو ويو

اُن وقت مخدوم بلاول صاحب موچيءَ کان صرف هڪ سوال پڇيو ابا اها ڄتي مون پيرن ۾ پاتي هئي؟ موچي چيو هائو سائين، ان کان پوءِ مخدوم صاحب کو بہ سوال نہ ڪيو قاضي صاحب شاهديون وٺڻ کان پوءِ فيصلو ڏنو تہ مخدوم صاحب کي جيئري ئي لوهہ جي گهاڻي ۾ پيڙهايو وڃي. مخدوم صاحب نهايت صبر سان فيصلو ٻڌو. اُت مخدوم صاحب اهو چيو تہ مونکي گهاڻي ۾ پيرن کان وڌو وڃي تہ جيستائين ساهہ هوندم پنهنجي هن ڌرتي کي ڏسندو رهندس 969 هجري مطابق 1522ع مخدوم صاحب شهادت حاصل ڪيئي. سندس وجود کي مٽ ۾ وجهي انهي هنڌ دفنايو ويو. هاڻ اُت هر مهيني جي پهرين جمع تي عاليشان اجتماع ٿيندو آهي.

**مرڻا اڳي جي مئا. مري نہ ٿين سي مات،**
**هوندا سي حيات، جيئڻا اڳي جي جيا.**

هاڻ باقاعدگي سان محفل جي شروعات ٿي، عادل سخيراڻي مائيڪ سنڀاليو اُن سڀ کا پهرين هي شعر پڙهيو

**هر سڄ جي سلامي نہ ڪئي نہ ڪبي،**
**سنڌ تہ امر آهہ، ان سان حساب ڪونهي،**
**ٻئي ڪنهن جي غلامي نہ ڪئي آ نہ ڪبي.**

عادل سخيراڻي سگا يونٽ ضلعو دادو طرفان سيني جو آڌر ڀاءُ ڪيو. اُن کان پوءِ اُن مختصر طور مخدوم بلاول جي زندگي جو احوال پيش ڪيو. اُن کام پوءِ عادل سخيراڻي برڪت علي چوهاڻ، ڊاڪٽر سليمان شيخ گويند مالهي، ۽ وينا شرنگي کي مان ڏيئي سڏي خاص ڪرسين تي ويهاريو. محترم عبدالحميد جمالي جن ٻاهران آيل مهمانن کي هار پرايا.

عبدالله مگسي صاحب جن پنهنجو ڪتاب، ”عالمي امن ۾ سنڌي ادبين جو حصو“ بہ عادل سخيراڻي جي هٿان آيل مهمانن کي ڏياريو

اڻ وقت عادل سخيراڻي چوڻ لڳو تہ هت وڏا وڏا اديب شاعر ويٺا آهن مگر ليڪڪ جو چوڻ آهي تہ مان سندس ننڍڙو دوست آهيان ان ڪري مان پنهنجن هٿن سان هي ڪتاب سيڻي کي پيش ڪري رهيو آهيان اها جيڪا عزت مون جهڙي ننڍڙي شاعر ۽ صحافي کي ڏني آهي. مان سندس ٿورائتو آهيان.استاد بخاري جن بہ اُت موجود هئا. سندس صحت ٺيڪ نہ پئي لڳي.مگر جذبا جوان هئا. مون سندس خيريت پڇي پنهنجي طبيعت ٻڌائيندي چيائون هاڻ اسان ۾ ڇا رهيو آهي ڪين چيم سائين ڪي سنا شعر گيت ٻڌايو تہ مزو اچي وڃي. اُت محسوس ڪيم تہ استاد بخاري جن طبيعت ٺيڪ نہ هئڻ ڪري پاڻ مزي ۾ نہ هئا. حالانڪ ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۾ گهٽتائي ڪانہ هئس پر سندس ڳالهين ۾ مايوسي ۽ پريشانيءَ جو عنصر ضرور موجود هو. اُستاد بخاري سنڌ جو هڪ قدرآور شاعر ۽ سنڌ جي تاريخ جي هڪ حصو آهي. سندس شاعريءَ ۾ قوميت جا جذبا ۽ قوم جي سڌاري لاءِ جيڪي جولان آهن سي ڪنهن کان ڳجها ڪين آهن. هڪ حساس شاعر سڀ پيڙائون پنهنجي وجود ۾ پوڄي پوءِ ٻاهر ڪڍندو آهي پهرين شاعر جو وجود پورا پورا ٿي وڪرجندو آهي، اُن ڪان پوءِ ڪو شعر تخليق ٿيندو آهي اُهو شعر انهن پوڳنائن جو ثمر هوندو آهي. جيڪو شاعر پنهنجي وجود ۾ پوڄي ٿو يا آس پاس جي ماحول مان حاصل ڪري ٿو. پوءِ پلا اهڙا شاعر ڪيئن صحت مند ۽ سڪي ستابي زندگي گذاري سگهندا؟ اُهي سڀ بيماريون ۽ اُهي سوچون شاعرن اديبن کي ورثي ۾ مليل آهن، اُنهن جي وجود سان ڳنڍيل آهن، پنهنجي وجود ۾ مليل آهن. وڏو ظُلم تہ اهو آهي تہ شاعرن اديبن وٽ پئسي جو ڪوٽ چڱي طرح پنهنجو علاج بہ نہ ڪرائي سگهن. مهانگيون دوائون، مهانگيون رپوٽون. اُهو ليڪڪ جيڪو مشڪل سان پيٽ ٿو پالي هُو ايترا ڏوڪڙ آڻي ڪٿان؟ مزي جي ڳالهہ تہ اها تہ آديبن کي بيماريون بہ ڪي معمولي قسم جو نہ ٿينديون آهن، اُنهن کي

اُهي بيماريون ٿينديون آهن، جن جي نالي وٺڻ سان ئي رت سڪيو وڃي. موت کان اڳ ئي انسان مريو وڃي.

هن مخدوم بلاول جي مزار تي مچايل محفل ۾ استاد بخاري صاحب جن ٻڌايو تہ سندن سڀ ڪتاب آئوٽ آف مارڪيٽ آهن آخري ڪتاب جو ڪجهہ ڪاپيون موجود آهن جيڪي سنڌي ادب سان دلچسپي رکندڙ ٻاهران آيل مهمانن کي اِهي تحفا طور پيش ڪيون ويون هي ڪتاب استاد بخاري پنهنجن هٿن سان سيني کي ڏنا. عبدالمجيد جمالي طرفان ٻاهران آيل مهمانن کي تحفا ڏنا. اُنهن جا نالا هي آهن جاويد احسن جيڪو پاڻ ڊيرہ غازي خان مان آيو هو. بلوچستان جي صوبي مان آيل سيد عابد شاهہ عابد. پنجاب مان آيل ملڪ فتح محمد اُن کان علاوہ ڊاڪٽر محمد شاهہ بخاري لوڪ فنڪارہ جيجي زرينہ ڪوئٽہ مان آيل مهمان عبدالرزاق صابر جن هئا. هنن مهمانن کي مختلف ماڻهن جي هٿان تحفہ ڏياريا ويا.

محترم صبحان ميمڻ جن جيڪي دادو ضلعي جا ڊپٽي ڪمشنر هئا ۽ هن قافلي جا ميزبان هئا. ڪنهن اوچتي ڪم سبب صبحان ميمڻ جن اُت موجود نہ هئا اسسٽنٽ ڪمشنر ضلعو دادو رميش ڪمار جن اُت موجود هئا. انهن اُت ہ تي منٽ ڳالهايو ۽ قافلي وارن کي خوش آمديد چيو. رميش ڪمار صاحب جي هٿان. گوبند مالهي، ڊاڪٽر مرلي ڌر جيٽلي، وينا شرنگي نارائڻ پارتي، ڪرشن کٿوواڻي ۽ قيمت هريسنگاڻي جن کي رلهي ۽ اجرڪ جا تحفا ڏنا ويا.

هاڻ محترم عبدالمجيد جمالي طرفان قافلي سان گڏ آيل سيني عورتن ۽ نياڻين کي اجرڪون پيش ڪيون ويون. اها سنڌي عام روايت آهي آجيان ڪرڻ ۽ مان ڏيڻ جي. عبدالمجيد جمالي جي ان قدم جي سيني ساراهہ ڪئي.ايتريون تہ اجرڪون هيون جو لڳي پيو تہ سڄو دڪان ئي خريد ڪري آيو آهي. عبدالمجيد جمالي صاحب جن هڪ ڏينهن اڳ

ئي قافلي وارن کان الڳ ٿي هيڏانهن هليا آيا هئا. ڇو تہ ڇپيل پروگرام ۾ مخدوم بلاول جي مزار جو پروگرام نہ هو. قافلي وارن جي راءِ سان اهو پروگرام ٺهيو هو. ٿوري ئي وقت ۾ ايترو سٺو انتظام ڪيل هو. جنهن ۾ ويهارڻ جو ڪارائڻ ڪان سواءِ سيني نياڻين پيٽن ڪي مان ڏيڻ بہ شامل هو.

ڊاڪٽر سليمان صاحب جن سڳا شاخ دادو ضلعي وارن جا ٿورا مڃيا گوبند مالهي جن ٿورا مڃيندي چيو تہ توهان سيني اسان ڪي مان ڏنو عزت ڏني. توهان اسان ڪي سوڪڙيون ڏنيون آهن. ۽ اُن هنڌ ڏنيون آهن جت مخدوم بلاول جي مزار آهي. مان تہ اهو چوندس ۽ چوندو آهيان تہ جيڪڏهن داراشڪوہ هندستان جي تخت تي ويهي ها تہ هندستان جي ۽ سنڌ جي تاريخ بدلجي وڃي ها داراشڪوہ تہ مخدوم بلاو جو گهڻو اثر هو. مخدوم بلاول سنڌ لاءِ ئي شهيد ٿيو.

وينا شرنگي ڳالهائيندي چيو سڄڻ توهان ڪي خبر ڪهڙي تہ مان هت ڇا محسوس ڪري رهي آهيان. مان تہ صرف اهو چوندس تہ توهان جيڪو قرب ڏنو اهي سو تا زندگي ياد رکندس. هتان اوهان جون يادون دل ۾ کڻي ويندا سين

اسان توهان کي نينڊ ٿا ڏيون تہ توهان اسان وٽ پارت اچو ۽ اچي شاھ ۽ سچل جا ڪلام ٻڌو.

برڪت علي چوهاڻ صاحب جن چيو تہ دادو ضلعي جي صدر ۽ جنرل سيڪريٽي ۽ ٻين عهديدارن جو احساس مند آهيان قافلي وارن سان گڏ هلندي گهمندي دل جيڪا بهار بهار ٿي آهي اُن کي لفظن ۾ بيان نٿو ڪري سگهجي.

هاڻ ڪاڏي پيتي جو انتظام ٿيل هو ويناشرنگي ۽ ان جي پيڻ تہ پڇا پيون ڪن تہ ڪا ويجيٽيبل آهي اُت ڪائڻ جون شيون جام هيون پر اُت جيڪا ٻهن جي پاڃي مصالي ۾ ٺهيل هئي اُها اهڙي تہ لاجواب ۽

ذائقي واري هئي جو جن پئي ڪاڏي ته انهن پئي چيو ته اهڙا مزيدار بهه انهن زندگي ۾ نه کاڌا آهن.

مخدوم بلاول جي مزار تان قافلو سيوهڻ شريف روانو ٿيو. هت قافلي وارن کي قلندر شهباز جي مزار جي زيارت ڪري منجهند جي ماني کائڻي هئي. جئين ته مخدوم بلاول تي ئي قافلي وارن کي شام ٿي ويئي هئي. اُن ڪري قافلو جڏهن سيوهڻ پهتو ته رات جا تقريبن نو ٿي چڪا هئا. سيوهڻ ۾ قافلي جو ميزبان محمد صديق ميمڻ اسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ هئا. سيوهڻ جي قلعي ۾ قافلي وارن جي لاءِ انتظام ٿيل هو سڀ کان پهريان قافلي وارا قلندر شهباز جي مزار تي حاضر ٿيا. اُن وقت قلندر شهباز جي مزار تي خاموشي ڦهليل هئي. ايڪڙ ٻيڪڙ دڪان کان سواءِ ٻيا سڀ دڪان بند هئا زائرين به ڪنڊ پاسي ۾ هنڌ وڇائي ستا پيا هئا. آرام ۽ سڪون سان قافلي وارن زيارت ڪئي. ڏينهن جي ٽائيم ته ماشاالله فقير ايترا هوندا آهن جو چڱي طرح گهمڻ ۽ ڏسڻ به نه ڏيندا آهن. هو ويچارا فقير به ڇا ڪن. اُنهن جو روز زرق به ته هتان جي زائرين جي اچڻ جي ڪري آهي . قلندر شهباز جي مزار تي جيڪو سون جو دروازو آهي اُن جي پرسان ببيهي ڪيترن قافلي وارن ڦوٽو ڪڍرايا سڄي قافلي وارن جي اهاحالت هئي جو ٿڪل ٽٽل ننڊ ۾ چور....... مزار تان زيارت ڪري قافلو سوهڻ جي قلعي ڏانهن روانو ٿيو رات جو گهپ اندهيرو ۾ قلعو ته نظر ئي ڪونه پئي آيو. قلعي جي اندر ٺهيل ريسٽ هائوس ۾ قافلي وارن کي ويهارڻ ۽ کارائڻ جو بندوبست ڪيل هو. اُت ميزبان محمد صديق ميمڻ اسسٽنٽ ڪمشنر جن قافلي جو آڌر ڀاءُ ڪندي سڳا جي تعريف ڪئي ۽ ڊاڪٽر سليمان شيخ ۽ ٻين جي خدمتن کي ساراهيو ات محترم ڊاڪٽر يعقوب مغل جن پنهنجا ڪتاب مهمانن کي ڏنا. سيوهڻ جو ريسٽ هائوس ڏاڍو سٺو ٺهيل ۽سينگاريل هو. ماني کائي قافلي وارا ٿوري دير لاءِ ٿڪ ڀڃڻ لاءِ اُت ويهي رهيا اُن دوران ڇا ٿيو جو مظهر ميمڻ سڀني قافلي وارن کان اهو پڇي رهيو

هو تہ ڪير ڪهڙي علائقي ۾ رهي ان حساب سان سيني کي بسن ۾ ويهارجي هندستان مان آيل مهمانن کي حيدرآباد ۾ لهڻو هو. ان ڪري حيدرآباد ويندڙ بس کي الڳ ڪيو ويو. جڏهن مظهر ميمڻ مونکان پڇيو تہ مان ڇيومانس تہ مونکي تہ توهان منهنجي گهر لاهيندو ظاهر آ رات جي وقت مان اڪيلي ڪاڏي ويندس. مظهر ميمڻ چوڻ لڳو تہ توهان تين هٽي وٽ لهي وڃجو. پيا بہ ڪجهہ اتي لهندا. اتان رڪشا ڪري گهر هليا وڃجو هاڻ تہ منهنجا هوش ئي خطا ٿي ويا. مظهر ميمڻ کي چيم توهان چريا تہ ڪونہ ٿيا آهيو. هي ڇا پيا چئو اسان الائجي ڪيڏي مهل رات جو ڪراچي پهچنداسين ۽ توهان مونکي تين هٽي وٽ لاهي ڇڏينديو توهان کي شابس هجي. اهڙي ڳالهہ پهرين ڪيو ها تہ مان توهان سان اچان ئي نہ ها. ات مظهر ميمڻ وري چيو اهو اسان لاءِ ممڪن ئي ڪونهي تہ هڪ هڪ ڄڻي کي گهر تي ڇڏيون هاڻ تہ مان صفا پريشان ٿي ويس. اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيم . اُت بيٺل مونکي هڪ ڀئي ياءُ پريشان ٿيندي ڏسي چوڻ لڳو. ادي سلطانہ توهان تہ سمجهو ئي ڪونہ ٿا. مظهر ميمڻ تہ توهان سان مذاق پيو ڪري. توهان جئين ٿا چڙو تہ هي وڌيڪ ٿو اوهان کي چيڙائي مان چيو منهنجو ٿو ساهہ نڪري اها ڳالهہ ٻڌي ۽ مظهر ميمڻ کي مذاق سمجهي آيو آهي.

رات جو تقريبن ٻارهين بجي بسون سيوهڻ مان روانيو ٿيون. سيني جي حالت ٿڪ جي ڪري خراب هئي ذهن تہ ٿڪل هو پر جسم جو سنڌ سنڌ پئي سور ڪيو. مان ۽ ياسمين گڏ ويٺا هئا سين مظهر ميمڻ جي ڳالهہ منهنجي ذهن ۾ سوار هئي چاهي ان مذاق ئي ڪيو هجي پر مونکي فڪر ٿي پيو. ڊاڪٽر سليمان ۽ ڀين سان ان ڳالهہ جو ذڪر ڪيم سيني کلي ڏنو. ڊاڪٽر سليمان چيو سلطانہ تون بہ صفا چري آهين. ڀلا اهو ڪيئن ممڪن آهي جو رات جي ويلي ۾ اسان توهان کي اڪيلو بس مان لاهي ڇڏينداسين توهان سڀ اسان جي ذميداري آهيو. توهان سيني کي

گهرن جي درن تي لاهينداسين. بسون تيزيءَ سان پنهنجي منزل ڏي روانيو هيون. واپسي جي منزل رات جي تاريڪيءَ ۾ خاموشي ڦهليل هئي. اگر کنهن ڳالهايو پئي ته آهستي آهستي بسن جي ڊرائيور پراڻا اندين گانا ٽيپ رڪارڊ تي هلائي ڇڏيا هئا. رات جي هن خاموشيءَ هنن گانن ڏاڍو مزو پئي ڏنو. ٿوري دير گذري ته مظهر ميمڻ مون ڏي اُٿي آيو ۽ چيائين اڄ خبر پئي ته توهان جي دل ڪيتري ڪمزور آهي مون توهان سان مذاق ڪيو ۽ توهان سنجيده ٿي ويا مان مظهر ميمن کي ڪوبه جواب نه ڏنو پر منهن جي ذهن ۾ دل تي بوجهه ضرورهو. ننڊ به نه پئي آئي. هن واپسي جي سفر م فهميده مونسان گڏ ويٺل هجي ها ته اندر جي باهه ۽ بوجهه ان سان ڪڍي ڇڏيان ها. ڪجهه ڪاوڙ ڪجهه پيار سان ڌيمي لهجي ۾ هوءَ مونکي سمجهائي ها. ٽڪ جي ڪري يا وري ٻارن کي ياد ڪري خبر نه آهي ڇو ڪهڙي سبب جي ڪري منهنجي اکين ۾ ڳوڙها اچي ويا هاڻ ته حالت اها ٿي جو سچ پچ روئڻ شروع ڪري ڏنم خاموش روئڻ جنهن ۾ صرف ڳوڙها پئي وهيا مان ڪوشش ڪئي ته ڳوڙها بيهيجي وڃڻ ۽ مونکي ڪير به ان حالت ۾ نه ڏسي. روئڻ تي ته ڪنترول نه ڪري سگهيس ته ٽيڪ ڏئي رئو منهن تي وجهي ويهي رهيس. ڇڻ ته ڪير سمجهي ته مان ننڊ ۾ آهيان.

ٿوري دير کان پوءِ جڏهن هانو هلڪو ٿيم ته ننڊ ڪٽي ويم. اها ننڊ ۽ جاڳ ڪراچي تائين جاري رهي. ڪراچي پهچڻ تي سڀ ڪو پنهنجي گهرن وٽ يا گهرن جي پرسان واري گهٽيءِ ۾ لهندو پئي ويو. آخر صبح جو هلڪي روشني ۾ تقريبن پنجين وڳي مان به پنهنجي گهر پهچي ويس.

***

# مرڪ پبليڪيشن ڪراچي جا ڇپيل ڪتاب

| | | |
|---|---|---|
| 1: حيوانات في القرآن | | ترجمو: منظور سولنگي |
| 2: برڪا بوند بهار جي | (گڏيل 16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) | مرتب: مرتضيٰ لغاري |
| 3: نئون نئون مڏ آ | (گڏيل16 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) | مرتب: مرتضيٰ لغاري |
| 4: ڪڏهن تہ ملندي | (شاعري) | سرڪش ناريجو |
| 5: جيجل منهنجي قسمت | (ڪهاڻيون) | دلبر چانڊيو |
| 6: ڳوڙهو ڳوڙهو سوڳ ۾ | (شاعري) | انجم قاضي |
| 7: دردن ڦولاريا ڦول | (شاعري) | وفا صالح راڄپر |
| 8: تون منهنجي ساهہ ۾ آهين | (ڪهاڻيون) | طارق خشڪ |
| 9: عشق جي آخري سرحد | (ڪهاڻيون) | يار محمد چانڊيو |
| 10: رهيل چار ڳوڙها | (شاعري) | استاد پيرل قمبر |
| 11: روهيڙي جا رتا گُل | (گڏيل 17 شاعرن تي مشتمل ڪتاب) | مرتب: مرتضيٰ لغاري |
| 12: ادب آبِ حيات | (گڏيل شاعري) | مرتب: بلال تبسم |
| 13: جن عشق سين آگاهہ | ”ج ع منگهاڻي ڪي منظوم ڀيٽا“ شاعري | درد هوش محمد ابڙو |
| 14: درد نگر جا ماڻهو | (شاعري) | عاجز غلام رسول |
| 15: پهڻ پير پٿون ڪيا | (شاعري) | فرزانا شاهين |
| 16: آڪاس آ اکين ۾ | (شاعري) | شبانا عالماڻي |
| 17: هانءُ هاريو متان | (شاعري) | شاهده ڪوڪر |
| 18: ساجاهہ جا سرچشما | (ٻٽائي جي بيتن جي چونڊ ۽ تشريح) | سعيد احمد چانڊيو |
| 19: مينهن ڪٽيون | (شاعري) | سڪندر هاڙهو |
| 20: ڌرتيءَ جو پُٽ | (ڪهاڻيون) | عبدالواحد سومرو |
| 21: ٻيئي جن پرک | (ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو علمي ۽ ادبي شخصيت) | ترتيب: مرتضيٰ لغاري |
| 22: ملندو نيٺ پنهل | (شاعري) | ”درد“ هوش محمد ابڙو |
| 23 : اوجاڳن جا عڪس | (شاعري) | انجم قاضي |
| 24: ڪلجُڳ جا رنگ | (ڪهاڻيون) | ڊاڪٽر غلام نبي سڌايو |
| 25: نينهن جو نوحو | (شاعري) | فرزانا شاهين |
| 26: ٻالڪ ڌرتيءَ تانڊا اٽا | (ٻارڙن لاءِ شاعري) | وحيد محسن |
| 27: هوا جو رنگ ناسي آ | (شاعري) | رحمت پيرزادو |
| 28: احساسن جو ديس | (گڏيل 36 شاعرن جي شاعر | مرتب: انجم قاضي |
| 29: روشني جا رنگ: | ”شهدادڪوٽ جا شاعر“ (گڏيل شاعري) | مرتب: سڪندر هاڙهو |

| | | |
|---|---|---|
| 66: ساروٽيون ساٿيھ جون | (يادگيريون) | خير محمد کولاچي |
| 67: ڪجلا سر | (ناول) | اجمير پُنو |
| 68: سامي سهاڳي | (خاڪا) | اقرار پيرزادو |
| 69: ننڍڙي پري | (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) | وحيد محسن |
| 70: خوابن جو سفر | (سنڌ جو سفر نامو) | سلطانہ وقاصي |
| 71: ڳولا | (شاعري ۽ ڪالم) | منور سلطانہ |

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سندس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آسانيءَ سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ "سنڌ سلامت ڪتاب گهر" ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو پورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](http://books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ ايپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

[https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book](https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book)

